


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# جيڪي ڏٺو مون

گرداس واڌواڻي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

چاپو : پهريون

سال : ١٩٨٠ع

ڪاپيون : هڪ هزار

قيمت : ٻارهن روپيا

ڇپائيندڙ : گرداس واڌواڻي

ڇاپيندڙ : علي نواز وفائي
وفائي پرنٽنگ پريس، پاڪستان چوڪ،
ڪراچي.

ٽائيٽل ڊيزائن: عبدالله ٽيپو.

---

هي ڪتاب مسٽر گرداس واڌواڻي، وفائي پرنٽنگ
پريس، پاڪستان چوڪ، ڪراچي مان ڇپرائي، ميزبان
هوٽل، فريئر روڊ ڪراچي مان شايع ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪتاب اندر


| | | |
|---|---|---|
| ١- | منهنجو جنم ڏينهن | ١ |
| ٢- | ٽيولپ گل | ٦ |
| ٣- | ڳالهيون فيلسوفي جون | ١٢ |
| ٤- | سنڌي ٻولي | ١٧ |
| ٥- | عيد | ٢٢ |
| ٦- | سيموئل پيپي جي ڊائري | ٢٧ |
| ٧- | ڪرڪيٽ | ٣٤ |
| ٨- | تاج محل ۽ نئين دهلي | ٤١ |
| ٩- | اهي مهانڊا | ٤٨ |
| ١٠- | گهورڙيا | ٥٦ |
| ١١- | سنڌ جون مٽايون | ٦٤ |
| ١٢- | بادا | ٧٠ |
| ١٣- | الطاف حسين | ٧٥ |
| ١٤- | صحافت | ٨٣ |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ١٥- | پنهنجي حياتيءَ جون جهلڪون | ٩١ |
| ١٦- | هولي | ٩٩ |
| ١٧- | ملاڪڙا ۽ پڳت | ١٠٦ |
| ١٨- | مهتاب محبوب | ١١٤ |
| ١٩- | سمجهه سمجهه ۾ ڦيرو | ١٢١ |
| ٢٠- | ڏک سکن جي سونهن | ١٢٨ |
| ٢١- | شمس العلماء دائود پوٽو | ١٣٨ |
| ٢٢- | پرمانند ميوارام | ١٤١ |
| ٢٣- | ڪجهه پاڻ بابت | ١٤٨ |
| ٢٤- | اديب | ١٥٥ |

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مقدمو

ڪنهن به ڪتاب تي، اهو نثر جو هجي يا نظم جو، تاريخ جو هجي يا تحقيق جو، ان تي مقدما، مهاڳ ۽ پيش لفظ اهي عالم ۽ اديب لکندا آهن جن کي گهڻو ڪري سمورن علمن تي دسترس ۽ عبور حاصل هوندو آهي.

چوته مقدمو لکڻ بذات خود پنهنجي مٿي هڪ وڏو فن آهي. منهنجي بزرگ دوست مسٽر گرداس واڌواڻي حڪم ڪيو ته منهنجي ڪتاب ”جيڪي ڏٺو مون“ تي مقدمو لک. مون کيس گذارش ڪئي ته مقدمو لکڻ منهنجي طاقت، لياقت ۽ هٿ وس کان ٻاهر آهي. مقدمو جنهن ڪتاب تي لکيو ويندو آهي اهو گويا ڪتاب ۽ مصنف جو صحيح معنيٰ ۾ نچوڙ هوندو آهي. مان پنهنجي بي انتها مصروفيت، وقت ۽ واندڪائي جي نه ملڻ جا گهڻائي بهانا ۽ عذر پيش ڪيا مگر هن بزرگ منهنجي هڪ به نه ٻڌي، سندس حڪم جي تعميل ڪندي، هي ٻه اکر پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

”قلم جي ڪرت ۽ ڪار دنيا جي سمورن ڪمن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارن ۽ ڪاروبارن، وڻج ۽ واپارن، وندر ۽ وروح، روح ۽ رهائين، خوشين ۽ خوراڪن، آرامن ۽ آسائشن، مالن ۽ ملڪيتن، باغن ۽ بنگلن، محلن ۽ ماڙين، زر، زور ۽ زمين کان زياده آهي. شل نہ ڪنهن ماڻهوءَ جو قلم سان وجهہ واسطو ۽ لڳ لاڳاپو ۽ لؤن لڳي وڃي پوءِ سڄي زندگي ان همراه جو قلم سان قرب قائم ۽ دائم رهندو ايندو. جيئن تہ قلم تن اکرن جو نڊڙو ۽ سهڻو، دلڪش ۽ دلنشين لفظ آهي، پهريون اکر "ق" پوءِ "ل" ان بعد "م".

"ق" سان قرب ۽ ڪشش "ل" سان لڳ لاڳاپو ۽ لؤن "م" سان محبت ۽ مروت.

جڏهن ۽ جتي بہ مٿيون خوبيون ۽ خاصيتون هڪ هنڌ اچي گڏ ٿينديون، اتي ضرور نيڪي ۽ نصيحت پرپا نقطا نڪري نروار ٿيندا آهن، جيڪي نيڻن ۾ نور ۽ سيني ۾ سرور پيدا ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا آهن. ان جو زنده مثال اسان جي سامهون مسٽر گرداس واڌواڻي آهي، جنهن قلم جي قرب ۾ سڄي زندگي شاديءَ جهڙي جيءَ کي جلائيندڙ جنجال کان جند آزاد ۽ آجي ڪري صرف قلم جي ڪرت ۽ ڪار ۾ قابو رهندو اچي ٿو.

مسٽر واڌواڻيءَ کي شروعات کان وٺي لکڻ پڙهڻ جي لنؤ ۽ لوري لڳل هئي، جنهن ڪيس پارڙن جي نڊڙين ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پياريــن قصن ۽ ڪهاڻين کان شـروع ڪندي انـگريـزي صحافت جي سخت ميدان ۾ قدم رکايو. آزاد طبيعت جي هجڻ ڪري سڄي عمر نــه سنتن ســان سنمک رهيو ۽ نــه وري پيئچن جي پارت جي پرواه ڪيائين. سنڌ جي تاريخي شهر حيدرآباد جي عاملن جي آکهه مان آهي، جنهنڪري سڌيشي رسمن رواجـن، بندشن ۽ بهانـن کان بلڪل بـيـزار ۽ باغي.

سندس صحافي زندگــي هميشه ئــي پاڪ صاف رهــي ۽ نهايت ئي شان ۽ شوڪت مان ۽ مرتبي سان نڀائيندي خير ۽ خوبــيءَ سان انگريـزي صحافت کان رٽائـرڊ ٿـي وري سنڌي صحافت ۾ قلم کان ڪارائتو ڪم وٺڻ شروع ڪيو جنهن جو سهڻو ۽ صاف ثبوت ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

منهنجي نظر مان ڪيترن اديبن ۽ صحافين جون ذاتي ڊائريون، يادگيريون، مشاهدن متعلق ڪافي ڪتاب نظر مان گذريا آهن، مگر "جيڪي ڏٺو مون" جو پنهنجو پيارو انداز آهي. ان اديبانه انداز جو سمورو دارومدار مصنف جي ذهني پختگي ۽ پائيداري ۽ تجربي جي بنياد تـي هوندو آهي.

هي ڪتاب مسٽر واڌوانــيءَ جي آزمايل آزمودن، تلخ تجربن، مطالعي ۽ مشاهـدي جـو نچوڙ سمجهجي تــه ان ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوبہ وڏاءُ ڪونہ ٿيندو. ان کان علاوه پنهنجي يادگيرين قصن ۽ ڪهاڻين کي جنهن اديبانہ انداز ۾ ادا ڪيو آهي، ان جو اندازو صرف پڙهندڙ ئي لڳائي سگهندا. ٻولي نهايت ئي سادي سودي، صاف ۽ سهڻي، ننڍڙن محاورن، جملن جي ترتيبن ۽ تشبيهن ٻوليءَ جي شان کي وڌيڪ شانائتو ڪري ڇڏيو آهي. پڙهندڙ ائين محسوس ڪندو رهندو تہ سمورا واقعا ۽ وارداتون، قصا ۽ ڪهاڻيون سندس اکين آڏو ٿينديون رهن ٿيون.

هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ قسم جو واڌارو سمجهڻ گهرجي ڇو تہ اسان جي سنڌي ادب جو دامن اهڙي موضوعن کان گهڻو ڪري خالي رهيو آهي.

مون کي اميد نہ پر يقين آهي تہ علم نواز ۽ ادب پرور هن ڪتاب جي مطالع ڪرڻ کان پوءِ خود ئي قدر ۽ قيمت ڪٿي سگهندا.

هر سنڌي هن ڪتاب کي پنهنجي ذاتي لئبرري جي زينت بڻائيندو تہ بهتر ٿيندو.

طالب العلم

**علي نواز وفائي**

ايڊيٽر ”آزاد“ ڪراچي

٢٥ جولاءِ ١٩٨٠ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# جيڪي ڏٺو مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# هڪ آدرشي ليکڪ

دادا گرداس واڌواڻيءَ جو هر ليک، اصل ٽوڙي ترجمو، مون ڏاڍي چاهه سان پڙهيو آهي ۽ پڙهڻ کان پوءِ سدائين آميو آنساهه پئي مائيو اٿم.

”جيڪي ڏٺو مون“ ۾، صحافت، سياست، سماج ۽ ادب جهڙن اهم ۽ گنڀير موضوعن تي، جنهن سرل ۽ سهج ڍنگ سان لکيو ويو آهي، ان، ڪتاب کي دلچسپ، يادگار ۽ اتهاسڪ دستاويز جو رتبو بخشي ڇڏيو آهي.

دادا، جنهن سک ۽ آکير سان، انهن سارونٽين کي سهيڙيو آهي ۽ لکت ۾ آڻي اسان آڏو آندو آهي، ان کيس هڪ آدرشي ليکڪ بڻائي ڇڏيو آهي.

”جيڪي ڏٺو مون“ ۾ ويجهي ماضيءَ جي وستار کي پڙهي، سنڌي قوم، ٻوليءَ ۽ ادب جي آئيندي ۾ اٽل ويساهه جاڳيو آهي.

— امداد حسيني

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

ڇهن مهينن کان هن ڪتاب جا پروف پڙهي رهيو هوس تڏهن به ٻه ٽي خاميون رهجي ويئون آهن. سارو وقت هوائي قلعا پئي ٻڌم ته ڪهڙي طرح هي ڪتاب توهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس پر جيڪي قولبنديون ٻڌيون هيون اهي اڳيئي هن ڪتاب جي صفحن ۾ پکڙيون پيئون آهن. انهن کي وري دهرائڻ فقط پنهنجي پئسي جو زيان ٿيندو. اڄ ڪلهه جي ڇپائي جو فقط خيال ڪرڻ سان مٿو ٿو ڪنهڻون پوي.

هيءُ ڪتاب ٿوري ۾ توهان سان روح رهاڻ آهي، جنهن کي هئزلٽ "ٽيبل ٽاڪ" ٿو چوي. ڪتاب اندر ٢٤ مضمون آهن، جي منهنجا ترجمان آهن.

هي نوبنو ٻار توهان اڳيان آهي. گهڻن جا هٿ پهتا اٿس. مان ته ڏسي خوش پيو ٿيان. شل وڏي ويجهي، ان لاءِ توهان جي نيڪ خيالن جو دعاگو رهندس.

ٿورا مڃان ٿو دوستن جا جن جي همٿ افزائي مون کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جو لائق بنايو. خاص ڪري مشڪور ۽ ممنون آهيان شيخ عبدالرحيم ايڊيٽر روزانہ ”هلال پاڪستان“ ڪراچي، علي نواز وفائي، يوسف شاهين ۽ پي- ڪي- شاهاڻي جو، جن جي مدد ڪانسواء مان هن مرحلي تي پهچي نہ سگهان ها.

— گرداس واڌواڻي
٢٠ جولاء ١٩٨٠ع

هي سڀ مضمون مئي ١٩٧٩ع کان وٺي لکيل آهن ۽ اجا گهٽيئي آهن جي هن وقت ڪتاب ۾ ڏيئي نہ سگهيو آهيان. حالتن تي منحصر آهي، جي تي سگهيو تہ اهي بہ توهان جي خدمت ۾ پيش ڪندس. — مصنف

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**گرداس واڌواڻي** ۷ جون ۱۹۱۱ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. هن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. ڪراچيءَ ۾ ئي هن صحافت جو پيشو اختيار ڪيو، جنهن ۾ هن جو اٽڪل پنجاه سالن جو تجربو آهي. سنڌي ۽ انگريزي صحافت ۾ هن جو جيڪو اوچو مقام آهي تنهن کي هرڪو تسليم ڪري ٿو. ان سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي جيڪا هن ٿوري گهڻي خدمت ڪئي آهي سا به قابل قدر آهي. هن ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون جيڪي ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون. گذريل ڏهن سالن دوران هن سڀ کان اڳ ۾ پنهنجيون ”يادگيريون“ قلمبند ڪيون جيڪي روزانه ”هلال پاڪستان“ ڪراچيءَ ۾ قسطوار ڇپيون. پرڏيهي ادب کي ترجمن ذريعي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرائڻ جي سلسلي ۾ واڌواڻيءَ جون خدمتون ساراه جوڳيون آهن. گرداس واڌواڻي ٻارن جو به پسنديده ۽ ڄاتل سڃاتل ليکڪ آهي. ٻارن لاءِ لکيل سندس آکاڻين جو مجموعو ”شاهي بلبل“ پڻ تازو ڇپيو آهي. اخبار ”هلال پاڪستان“ ۾ هر هفتي ڇپجندڙ ”جيڪي ڏٺو مون“ ڪالم ۾ هو پنهنجي زندگيءَ جا انيڪ مشاهدا ۽ تجربا بيان ڪندو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گرداس واڌواڻيءَ جو انداز بيان وڻندڙ ۽ منفرد آهي.
سندس ڪالمن جو رنگ ادبي آهي، ڪي ڪالم ته انشائيه
(ESSAYS) لڳندا آهن ۽ ادبي شهپارن جو درجو رکن ٿا.

— ممتاز مهر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# منهنجو جنم ڏينهن

فريڊرڪ نيتشي (Nietzsche) جو جنم ١٥ آڪٽوبر ١٨٤٤ع تي ٿيو ۽ ساڳئي ڏينهن پرشيا جي بادشاهه فريڊرڪ وليم چوٿين جو جنم ڏينهن هو. بادشاهه سان وفاداريءَ جو مظاهرو ڪندي پيءُ پٽ جو نالو به فريڊرڪ رکيو.

نيتشي پنهنجي والد صاحب کي دعائون پيو ڪيون ته جڏهن ننڍو هو ته ڏاڍو خوش ٿيندو هو جو ڏسندو هو ته سندس جنم ڏينهن تي ساري ملڪ ۾ شادمانا ٿيندا هئا.

منهنجي جنم ڏينهن تي شادمانا ڪونه ٿيندا آهن. سيان پنهنجي جنم ڏينهن تي آئيس مان گسائيندس "شادمانا" پاڻ ڪندس. ٧ جون ١٩١١ع تي مان حيدرآباد ۾ ڄائو هوس ۽ پورا ٦٨ سال ٿيندا.

هوس لوڪر سنهون، ڪڏهن نه سنيران ته ڪو مان ايترو وقت جالي ويندس. پر هاڻ من تي تري پيو اڇيم ته چو منهنجي عمر، ايڏي وڏي ٿي ذري گهٽ ٽري اسڪور ايند تين کي اچي ڏڪ هنيو آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماءُ منهنجي ننڍي هوندي کان جدائي جو داغ ڏيئي ويئي. چانڊڪيءَ نزديڪ هڪ پڙ جي پڙ ۾ نانيءَ وٽ رهندو هوس. عاشورن ۾ چوندي هئي تہ تابوت ٻاهر آيا آهن، هيٺان لنگهي اچ.

اسٽولن تي رکيل تابوتن جي هيٺان سراڪو ڏيئي اچڻ معنيٰ عمر وڏي ٿيندي. تڏهن بہ مون نہ ٿي سمجهيو تہ ان جي معنيٰ آهي تہ مرڻ کان ٿي موڪلائي ويهي رهندس. نيٺ جڏهن ڏينهن پورا ٿين. مان تہ اي-کي- بروهي جا اکر ياد ڪري ويهي رهيو آهيان ”اهڙي طرح زنده رهہ جڻ مرڻوئي نہ آهي پر سدائين تيار رهہ ان ڏينهن لاءِ“.

ے جون جا مون ڪي ڪيئن هٿ پهتا، اهو بہ هڪ افسانو آهي. ١٩٤٩ع ۾ ڊان اردو اخبار ۾ هڪ خبر ڇپي تہ پاڪستان ۽ هندستان جو راضي نامون ٿيو آهي تہ ڪشمير تي ڪانڊومينيم يعني گڏيل حڪومت ٿئي. خبر جي سرخي بہ سڄي پيج جي لڳل هئي. ڪتي ڪنيم تہ ڪٽي خبر جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري هندستان جي اخبارن کي موڪليم جو ان وقت مان مدراس جي هندوءَ جو پاڪستان ۾ عيوضي هوس. خبر شد مد سان ڇپجي ويئي هئي. منهنجي پريس ائڊوائيزري ڪميٽي ۾ حاضري ٿي ويئي. سڄي شهر جا ايڊيٽر، پاڪستان حڪومت جو سيڪريٽري مسٽر اڪرام،

وزير خواجہ شهاب الدين ۽ پيا ڪورٽ ناهي ويتا ۽ هي بنده گنهگار پيش ڪيو ويو. منهنجي ملائڪن کي خبر نہ هئي تہ هي گوڙ ڇا تان ٿيو آهي. راضي نامي تي تہ خوشي ڪرڻ گهرجي. مون تہ خبر جو ترجمو مرحوم عاشق احمد ۽ مسٽر سلطان احمد کي ڏيکاري موڪليو هو پر مسٽر اڪرام مڃي ئي نہ. پڇڻ لڳو تہ توکي هيءَ خبر ڪٿان ملي. اهو تہ ڦهرياڻين مون پڌرو ڪيو تہ اعليٰ حضرت هيءَ ”ڊان“ اخبار جي خبر آهي جنهن ۾ مان ڪوبہ شڪ شبهو اٿاري نہ ٿو سگهان. پر جڏهن آڏي پڇا ۾ مون کي ڇيڇلاياڻين تہ مون بہ چئي ڏنو، جناب مان عزت ڀريو انسان آهيان، جيڪڏهن مون تي اعتبار نہ ٿا ڪريو تہ بيسود مون کي گهرائڻ جو ضرور ئي ڪونہ هو.

خواجہ شهاب الدين اتي مون کي چيو تہ مسٽر واڏواڻي ٿورو ڌيرج کان ڪم وٺو. جڏهن توهان هي خبر موڪلي تہ ٻئي ڏينهن واري ترديد ٿيل خبر بہ ساڳيءَ اخبار مان ڇو نہ موڪلي. منهنجا ڏينهن وڏا هئا، يڪدم چيم خواجہ صاحب ٻئي ڏينهن منهنجو جنم جو ڏينهن هو ۽ مان ڪوبہ ڪم ڪري نہ رهيو هوس.

سڀ سنگت ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. منهنجا دوست ايڊيٽر مون کي سڃاڻندا هئا، مون کي رخصت ملي پر ٻن

ڪلاڪن بعد افطار پارٽي هئي. ڪاڏي جي ميز تي مسٽر اسلم ڊپٽي پرنسپل انفرميشن آفيسر اچي ڪن ۾ چيو، اڳتي لاءِ هوشيار ٿجو ۽ پاڪر پاتائين.

مون کي فخر آهي ته ڪراچي جو ڪو اهڙو ايڊيٽر هو ئي ڪونه جو مون کي نه سڃاڻندو هو ۽ منهنجي جنم ڏينهن جي "شادماني" کان ناواقف هو. بس مون کي فقط يادون رهجي ويئون آهن ته عمر خيام سان گڏجي "اي ڪپ آف وائين، اي بڪ آف ورس، ائنڊ ڏؤ......" ويٺو ڪندو هوس. پر وارا ڇمارا آهن، اهي دفتر ئي ڪتا گيلهوي ويا. زماني زماني کي شرف آهي. مان ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو ڦري.

نظام مصطفيٰ جي دور جي برڪت اها آهي جو حڪومت کان مليل انعام پنج هزار روپيا اڃا بئنڪ ۾ سلامت آهن. خوش پيو ٿيان پر دل جي دل ۾ ئي رهي.

انٽينڊنگ ايوئڪيوئي جي معنيٰ هئي ته پاڪستان مان هجرت ڪرڻ جو ارادو اٿس. مان به شايد ڪجهه پيو ارادو پيو ڪريان پر ڇمڙي اهڙي سخت نه اٿم جو قاعدي کان بيخبر ٿي وڃان.

الله جو نه انت نه پار. ڪن ۾ ڇا ڇا نه ٿي ٿيو پوي. مالڪ مهربان ٿئي ته مينگهه، مينهن ملهار ٿيو وڃن. ياد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيو اتم تہ ڊيلي گزيٽ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهہ اڳ هڪ مهني جو بونس سيني کي مليو ۽ ايڊيٽر مسٽر شرما ڪاوڙيل هو ۽ بونس کان فقط مان ئي رهجي ويس. ان وچ ۾ استعيفا ڏيئي سنڌ آبزرور وڃي وري ڊيلي گزيٽ ۾ موٽي آيس. هاڻ ايڊيٽر بہ ٻيو مسٽر ڪاڪرين ۽ مئنيجر بہ ٻيو هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مئنيجر دريافت ڪئي تہ مان واڌوائي تہ نہ آهيان. سسپينس اڪائونٽ ۾ منهنجي بونس جا پئسا پيا هئا، اهي هندستان واري وقت جا پئسا مون کي پاڪستان ۾ مليا.

هڪ ڳالهہ جي مون کي خوشي پيئي ٿئي تہ مان پاڪستان ۾ سيني جرنلسٽن کان عمر ۾ گهوءِ ڪٿي وڏو آهيان ۽ جي ٻيو نہ تہ منهنجا اچا وار منهنجو سرمايو ٿي پيا آهن. يوسف صديقي جنگ وارو چوندو آهي تہ تون صحافي برادري جي جوابداري آهين، ڊان جو ايڊيٽر مسٽر احمدعلي خان چيو تون باقي بچيل ”ريلڪ“ آهين تو کي ڪيئن وساريو. آفتاب جو ايڊيٽر شيخ علي محمد چيو تنهنجي پراڻي سنڌي پڙهي خوشي پيئي ٿئي.

باقي مارننگ نيوز جي مسٽر غوريءَ سان گهڻيون آهن. ڪيئي سال مارننگ نيوز ۾ ڪٺا هئاسين. ليرڪ سينيما ۾ ”خانہ خدا“ جي فلم آئي تہ انهي لاءِ رائيٽ اپ ڏيڻ لاءِ مان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چونڊيو ويس. بس گهر ويٺي مسٽر غـوريءَ مـون کـي الحاج ڪرائي ڇڏيو.

آزاديءَ کان اڳ ڪراچي ۾ مسٽر هاشم گـذر جـو پمفليٽ پڙهيو هوم جنهن ۾ حاجين جي تڪليفن جو ذڪر ڪيل هو پر هاڻ ڏسي خوش ٿيس ته اعليٰ نموني جا بندوبست ڪيل هئا.

فلم ۾ ميل کن ڊگهي سيمينٽ جي ٺهيل گئلري هئي جنهن تي ڇت به هئي. زيارت ڪندڙ هڪ پاسي کان ڊوڙندا پئي آيا ۽ ٻئي پاسي ڊوڙندا پئي ويا. تمام گهڻا زيارتـي هئا پـر انهن جي ڪاڏي جو بندوبست ۽ مسافريءَ لاءِ بسن ٽرڪن جو بندوبست عاليشان هو. يعني مـون سڄي زيارت ڏٺـي. فلم ۾ اهو بـه ڏيکاريـل هو ته شاه سعود ۽ پيا ڪعبه شريف کي غسل ڪرائين ٿا ۽ پوءِ زيارتين پنهنجا فرض پورا ڪيا.

خداوند ڪريم توفيق ڏئي مرڻ کان اڳ پنهنجي ملڪ کي سکيو ۽ ستابو ڏسندو وڃان. پنهنجي ٣٣ سالن جي دوستن جي دعائن لاءِ مشڪور ۽ ممنون آهيان.

## ٽيولپ گل

بجلي ڪمپني جي خبرچار واري آفيسر لائـق سومري جي لائقي اها آهي ته سدائين هن کي کلندو ڏسبو. وقت سر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مڙس ماڻهو ٿي ڏيکاريندو پر خبر ناهي پنجن ڇهن ڏينهن کان پاڻيءَ ۾ نہ آهي. ڪجهہ مونجهہ ۾ پئي ڏٺو، پر سڀ اهي ڳڻتيون فقط ان باري ۾ هيس تہ ٽيولپ گل ڪي سنڌي ۾ ڇا چئبو آهي. ٽيولپ گل جو بجلي ڪاٽي سان ڪهڙو تعلق آهي، مان چئي نہ ٿو سگهان پر جڏهن مون کان دريافت ڪيائين تہ مان بہ ڪجهہ هن جي مونجهہ لاهي نہ سگهيس. گلن جا نالا تہ گهٽيئي ٻڌا اٿئون پر حقيقت ۾ اسان ماڻهن کي چاڻ گهٽي نہ آهي. مان وري بہ شهري آهيان، پر جي سچ پڇ سنڌ جي ٻهراڙين جي ساوڪ وارن ۽ کيتن ۾ گذر ڪن ٿا تن کي بہ شايد هن شهري دور ۾ اها پوري سمڪ نہ هجي. رڪارڊر وارو راڄاڻي تہ اصل منهن مهانڊي جي شناختي سان ڳوناٺي سياهءَ وارو آهي. هن ٽيولپ ڪي زنگي گل ٿي چيو پر لائق ڪي شايد اهو اکر نہ آئڙيو. وري بہ هو مون سفيد وارن واري جي ڪڍ هو تہ مون ڏينهن اجايا نہ وڃايا هوندا ۽ ٽيولپ گل جي چاڻ ضروري مون کي هوندي.

آسڪر وائيلڊ جو ڊورين گري ناول پڙهي ڏسندا تہ گلن هيرن ۽ جواهرن جي نالن سان ڀريو پيو آهي. اهي سڀ گل ۽ هيرا جواهر ڪنهن ڏٺا بہ نہ هوندا ۽ انهن لاءِ سنڌيءَ ۾ مشڪل اکر ملندا. ٽيولپ لاءِ پرمانند ميوارام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڊڪشنري ۾ ڏنہ پر اکر نہ مليو. هلال پاڪستان جو عمرالدين بيدار تہ اڙي هٽي بيٺو آهي تہ ٽيولپ گل سنڌي آهي ئي ڪونہ!

ڪجھ بہ هجي ٽيولپ گل ضرور سهڻو ۽ رونق وارو هوندو. مورخ ٻڌائين ٿا تہ رشيا جي نالي واري ملڪہ ڪئٿرين هڪ ڏينهن پنهنجي محلات جي دري مان باغ ڏانهن نظر ڪئي تہ شاندار ٽيولپ گلن جو جهڳٽو ڏٺائين. گلن جي نزاڪت موهي وڌس، حڪم ڏني ويو تہ انهن گلن جي سنڀال لاءِ هڪ سولجر کي ڊيوٽي تي لڳايو وڃي!

ان آرڊر کي سٺ سال گذري چڪا هئا پر سولجر اڃا گلن جي سنڀال لاءِ ڊيوٽي تي هو. جڏهن نئين حڪومت آئي ۽ پڇا ٿي تہ سولجر جي ڊيوٽي ڇا جي لاءِ لڳايل آهي تہ پتو پيو تہ ملڪہ ڪئٿرين جي حڪم جي پوئواري پئي ٿي.

انگريزي ۾ ڊئفاڊل گل بابت پڙهيو اٿئون. ورڊسورٿ تہ انهن گلن جي جهرمر کي ڏسي اننت خوشي ۾ پرجي ويندو هو. سنڌيءَ ۾ بہ پيرومل مهرچند آڏواڻي هڪ بيت چيو آهي:

”رتيون مڙيئي پليون ٽيون ڪانهي تل بهار،
انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڪڙيا ڪنٺهار،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

كليو گل گلاب جو هند هند تي هٻڪار،
ڪستوري خوشبوءِ تي، پريا پنور هزار".

موري فقير جا به ڪيئي بيت آهن جن ۾ گلن جي نالن جي پالوٽ ڪيل آهي. چنبيلي، موتيا، مگرا ۽ ٻيا بيحد بيشمار. پر مان نه سنيران نه انگوريون، ڪيتڪيون ۽ ڪنٺهار مون ڏٺا آهن يا ڪنهن به شاگرد کي انهن گلن جي پروڙ هوندي. چمپائون ۽ چنبيليون ته گهٽيون پڏيون اٿئون پر خبر نه اٿئون ته انهن گلن ۾ ڪهڙي خوشبوءِ، رنگت ۽ نزاڪت سمايل آهي جن جي خوبين سان دماغ کي معطر ڪري سگهون.

گلن جون گهٽيون ڳالهيون ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي هارٽيڪلچرسٽ مسٽر عبدالڪريم خان کان سکيس. چمپائن ۽ چنبيلين جا نالا ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪونه آهن. هاڻ ڊاليا، ڊيزي ۽ ڊئنڊيلاين آهن. بئگونيا ۽ بوگنويلا آهن، ڪئين ٻيا جهڙوڪ: لوبيليا، گولڊ مهر ۽ فوشيا. سيني گلن کي پنهنجي پنهنجي سونهن آهي پر سنڌ جي سرزمين جا آهن يا نه اها ڪنهن کي خبر نه آهي. سنڌيءَ ۾ انهن گلن کي ڪهڙو نالو ڏجي انهيءَ باري ۾ اجا اسان جي سنڌي دانن مغز کي ولوڙيو نه آهي. مسٽر خان چيو ته جڏهن ٻهرين ٻهرين لنتا گل ڪراچيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ آيا ته هڪ هڪ سيلنگ ١٥ روپيه تي وڪامي، هاڻ ته اهي ڦڪا ڦڪا ننڍڙا موتي جي داڻن جيان گل ڪراچيءَ ۾ عام جام ٿي ويا آهن. گولڊ موهر گل به ڪراچي ۾ جتي ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندا. ڳاڙهن ڳاڙهن جهڳٽن ۾ لالائي جون لهرون لڳائيندڙ گلن جون جهارون خاص ڪري پي-اي-سي-ايچ-ايس ۾ هيون پر ايوب خان جي ايامڪاري ۾ اهي به پاڻي جي قلت جو شڪار ٿي ويئون.

اسان جي شاعرن هن صديءَ جي پهريات ۾ شمشاد ۽ صنوبر سان ڪافي دل لڳل هئي ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ دل پريل مداحون ڪيون اٿن. پر هن ڪانڊيرن ۽ ڪيڙن واري سنڌ ۾ شاعر فقط صنوبر ۽ شمشاد تصور ۾ آڻي ساراهيون ڪندا هئا. اهڙي طرح اچڪلهه فقط ٻڌل ۽ سٽيل گلن جي خوشبوءِ سان اسان جا شاگرد دل کي خوش ڪري رهيا آهن. مگر هاڻي سنڌ جا شاعر هوشيار ٿي ويا آهن، فارسي واريون تشبيهون، جن ۾ ايران جي گلن ۽ ڦلن، وڻن ۽ وڻڪارن، ساقي ۽ مئخانن جون وايون هيون، سي هاڻ نج سنڌي ٿي پيئون آهن. تنوير جڏهن شاعري ٿو ڪري ته چوي ٿو:

تون ٿي ڳانو ته، توکي ڳچي ۾ ٻڌان،
گيت ٿي تون ته، توکي چپن تي رکان.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاعر هاڻ پنهنجي مشاهدي کي پنهنجي شعر ۾ اوتين ٿا ۽ پراڻن عندليبن جي تشبيهن جو سهارو ڪونه ٿا وٺن.

اهي خاصيتون اسان جي شاگرد طبقي ۾ ڪيئن اچي سگهنديون، جي فقط ڊارين بولين ۾ گلن جون گلڪاريون پڙهي رهيا آهن پر ڪڏهن سونهن سوڀيا سان ڀريل گلن ڦلن سان روح رهاڻ نه ڪئي اٿن ۽ انهن جي خوبين جو مشاهدو نه ماڻي سگهيا آهن. هن وقت جي تعليم جي ضرورت آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪراچيءَ جي گانڌي گارڊن جو فائدو وٺي گهرجي ۽ شاگردن کي سرزمين تي گلن جي خوبين، رنگت ۽ بيهڪ کان واقف ڪجي. شهر ۾ هڪ ٻيو به زيبائتو باغ برنس گارڊن هو جو هاڻ ويرانيءَ ۾ آهي پر هزارين سالن جي ويران ٽيل ثقافت جي نشانين جو مرڪز ڪيو ويو آهي، پر جيڪي به اتئون ان جو فائدو وٺي گهرجي ۽ سنڌ ۾ گلن جي پيدائش تي سنڌي ۾ تحقيقات ڪرڻ لاءِ ڪن دماغي شاگردن ۾ اتساهه جاڳايو وڃي.

اسان جي سنڌ جي سرزمين جي سيپتا سهڻي ساوڪ ۽ گلن ڦلن جي پارڻ جي آهي. گلدستا، گلوڪوش ۽ گلن جا هار اسان جي ثقافت جو سينگار آهن. اڳي ته شادين مرادين تي به مهمانن جي ڪوٽ ۾ گلاب جو گل اٽڪائيندا هئا. هاڻ اسين اهي ٿي ويا آهيون جن کي پنهنجي وادين جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏڪار ۽ گلڪارين جي ڪا پوڇ، نہ رهي آهي.

اسان جي هڪ شاعر جو نالو بہ خليفو گل محمد آهي جنهن پنهنجو تخلص ”گل“ رکيو ۽ هن جو ديوان بہ گل هو. شعر ۾ چئي ٿو!

تون جسم گل ۽ جان گل، مان اسم گل ۽ ديوان گل،
پڻ ٿياسين هڪ نام گل، تون شل سدا هجين دوست گل.
شل اها دعا سنڌ کي لڳي ۽ تون ۽ مان سڀ گل ٿي پئون.

## ڳالهيون فيلسوفيءَ جون

مجون يا نہ مجون، سيد محمد تقي جنگ اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ فيلسوف بہ هو. هت هاج ۾، دل دوست ڏانهن. هت سان جنگ جا ايڊيٽوريل لکندو هو ۽ دماغ ڪائنات جي ڳجهن پنيان چڙهي ڏيندو هو. پڌو اٿم تہ فلسفي تي هڪ ڪتاب لکيو اٿس. فلاسافي جي ڪانفرنس ۾ تکو بهرو وٺندو هو ۽ ڪراچي ٽي-وي تي بہ شايد فيلسوفي جون ئي ڳالهيون ڪندو آهي. پر هو منهنجو دوست مون کي ”ذمي“ چوندو هو. يعني مون کي ڪجهہ نہ ڪرڻو آهي ۽ سڀ جوابداري هن تي فائنز ٿيل آهي. گهڻيئي ڪليوسين، گهڻيئي بحث ڪياسين پر هاڻ پتو نہ آهي ڪٿي آهي. شل خوش هجي.

رئيس امروهيءَ کي بہ تڏهن ڪان سڃاڻان، جڏهن جنگ

آنيس ايلئنبڊر روڊ تي ٻن دڪانن ۾ کلي هئي. هاڻ ته بلي بلي، جنگ ڪونه سڏاوي. محل ماڙيون لڳيون پيون آهن. ولائتن ۾ ٻه نالو تي ويو اٿس. رئيس امروهي جي انهن ڏينهن وارا قطعا اڇا پڙهندو آهيان. امروهي جي فوٽي سان سقراط بقرات ڪالم رکيو ڏسندو هوس. اهڙن ننڍن اکرن پڙهڻ جي همت ڪونه هئم پر سقراط معنيٰ فلسوفي باقي بقرات بابت علم نه اٿم. اها ٻڪ ٻڪ ڪنهن جي هوندي اهو چئي نه سگهندس. مان سقراط کي ياد ڪندو آهيان. هن چيو آهي "سٺا ماڻهو سٺن ماڻهن وٽ ٻنان ٻلائي هليا ايندا آهن". سقراط وٽ ٻنان ڏڙڪ جي ڪتان ڪتان جا ماڻهو اچي حاضر ٿيندا هئا. ان زماني جي ضرور ڪا فيلسوفي هوندي ۽ ان ۾ سقراط جو درجو بت شڪن جو هو، ان جي قيمت زهر جو ڪٽورو هئي.

سقراط جو محبوب شاگرد پليٽو چوي ٿو: "خوش آهيان جو گريڪ آهيان ۽ ٻيو ڪجهه نه آهيان، خوش آهيان مرد آهيان ۽ عورت نه آهيان. پر منهنجي دل جي خوشي جي ڳالهه آهي ته مان سقراط جي دور ۾ ڄائو آهيان".

پليٽو مس ٢٨ سالن جو هو جڏهن هن جي مرشد سقراط جو لاڏاڻو ٿيو. پليٽو جيڪو ڪتاب ريپبلڪ لکيو آهي ان بابت ايمرسن چوي ٿو "فيلسوفي پليٽو آهي ۽ پليٽو فيلسوفي

آهي". ريپبلڪ جي باري ۾ حضرت عمر رضہ جي قرآن شريف بابت اڪرن ڪي دهرائي ٿو تہ "سڀ لائبرريون لڙهي وڃن، هي هڪ ڪتاب بس آهي."

ارسطو پليٽو جو شاگرد هو ۽ سڪندر جو استاد هو. نئين شاگرد کي ڏسي پليٽو بيحد خوش ٿيو هو ۽ ائين سمجهيائين تہ ارسطو ايٿنس اڪيڊمي جو روح آهي. ارسطو کي دنيا جو پهريون لئبريرين چون ٿا چاڪاڻ تہ هن دنيا جا ڪتاب هٿ ڪري ترتيبوار ڪري رکيا. پليٽو ارسطو جي گهر کي مطالعہ-گهر چوندو هو. انهي هوندي بہ ارسطو هوا ۾ پئي اڏاميو ۽ چئي ڏنائين تہ پليٽو کان پوءِ فلاسافي مري ڪانہ ويندي. چون ٿا تہ پليٽو چيو تہ رنگروٽ ڳابي وانگر ڳانءِ کي ڏائڻ کان پوءِ اٿيون ٿو هڻي.

چون ٿا تہ ارسطو ٣٢٢ ق م ۾ گذاري ويو. ان ساڳئي سال ۾ ڊيماستنيز سڪندر جو ڳري ۾ ڳرو مخالف بہ گذاري ويو ۽ سال پوءِ وري خود سڪندر جو وارو آيو. يونان جو وڏي ۾ وڏو فيلسوف، وڏي ۾ وڏو حاڪم ۽ وڏي ۾ وڏو فصيح زبان هڪ سال اندر گذاري ويا.

هاڻ گريس جو اهو شان ۽ مرتبو نہ رهيو. بعد ۾ روم جاءِ والاري پر تمڪي تمڪي اها روشني بہ اجهامي ويئي. هزار سالن لاءِ يورپ اونداهيءَ ۾ ٺاڪوڙا هنيا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي سڀ وڏا فيلسوف انسان ذات کي نياپو ڏيئي ويا.
پر مزي جي ڳالهہ آهي تہ پليٽو جي فلاسافي پڙهي ٣٨٧ق م
۾ سسلي جي حاڪم ڊايومئينس پليٽو کي دعوت ڏني تہ
اچي منهنجي ملڪ کي يوٽوپيا بڻاءِ. پر ڊايومئينس
کي تڏهن پتو پيو تہ ڪم اهڙي ۾ هٿ وڌو اٿم
جو يا تہ مان خود فيلسوف بڻجي وڃان يا بادشاهي تان
هٿ ڪڻان.

گهڻو زمانو پوءِ والتيئر پنهنجي فلسوفي شروع ڪئي.
هن جو هورن ڪردار واهہ جو آهي. ڪرستان مت موجب
جڏهن هورن کي چيو ويو تہ توکي ڏوهہ باسڻا آهن تہ هورن
ترت جواب ڏنو تہ مذهب جي ڪتاب ۾ ڪٿي بہ لکيل
ڪونهي تہ منهنجي هيءَ آزمائش ٿيندي. پر پادرين ڪئين
حوالا ڏنا تہ هڪ ٻئي اڳيان ڏوهہ باسڻا آهن. هڪ مانڪ
(پادري) اڳيان هورن ڏوهہ باسيا پر يڪدم پوءِ مانڪ کي
هڪل ڪيائين تہ ڏوهہ باس. مانڪ جا ڏير ڏوا ٿي ويا.
هورن ڪري پڪ وٽس ۽ چوڻ لڳو تہ ڏوهہ هڪ ٻئي کي
باسڻا آهن سو تون ڪيڏانهن ويندين! ماڻهو وچ ۾ پيا جن
ڇڏايو نہ تہ مانڪ جا پڇاڙيءَ جا ڏينهن هئا.

هڪ هنڌ فلاسافي پوري ٿي ٻئي هنڌ اتائين شروع
ٿي وڃي ٿي. شاپنهر جي فلاسافي نيپولين جي ڏينهن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، واٽرلؤ جي آهي. نيپولين انقلاب جي پيدائش هو ۽ ان وقت سينٽ هيلينا ۾ باندي هو. ڪارسيڪا جي هڪ ڇوڪر ڪهڙي طرح نہ دلي استقامت سان ساري يورپ کي گوڏن ڀر ڪري ڇڏيو پر ان مان عبرتناڪ سبق سينٽ هيلينا جو اڏوسرندڙ واقعو ٿي ويو. دل جي همٿ ۽ محڪم ارادیت (WILL) کي شڪست کائڻي پيئي.

١٨٠٦ع ۾ نيپولين پرشيا (جرمني) ۾ داخل ٿي ويو ۽ هرهنڌ تاڪوڙو پئجي ويو. فرينچ سولجرن جرمن گهرن ۾ ڦرمار مچائي ڏني. هڪ فيلسوف هيگلي جي گهر تي ڪاهي آيا پر فيلسوف پنهنجي هٿ جو لکيل ڪتاب کڻي گهر مان فرار ٿي جان بچائي. اهڙي حالت هئس جو گوئٽي ۾ چار ڊالر ڪاڏي پيتي لاءِ ڏئي هن جو ڪم هلايو. هيگل چوي ٿو: ”منهنجي لاءِ بائيبل جا اکر عقيدو ٿي ويا آهن تہ اصل ۾ ڪاڏي ۽ ڪپڙي جي سوچنا ڪر تہ خدا جي بهشت جا دروازا تو لاءِ کلي پون.“

مان چئن ڏينهن کان بيمار پنهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ پيو آهيان ۽ پر واري ڪمري ۾ هڪ دوست پيٽ گذر لاءِ ريڊيو ريپيئري ڪري رهيو آهي. صبح کان شام تائين ريڊئي جون بي سريون رنيون ٿي رهيون آهن. هو سمجهي ٿو تہ هو پيٽ گذر لاءِ هٿ پير هڻي رهيو آهي پر مون کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سدائين لاءِ پيٽ گذر ڦري رهيو آهي.

هو پنهنجي ڪمري ۾ ويهي ايترو ته شور ڪري جنهن جو هو سمجهي ٿو ته هن کي حق آهي. پر مان لاچار "ذمي" آهيان، اڇا سڀني فلسفين کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

## سنڌي ٻولي

دنيا جي واڌاري ۽ ترقي جي راهه ۾ ڪاميابي لاءِ "ٻولي" جي آئويتا کي خاص درجو ڏيئي سگهجي ٿو، پر افلاطون ان سوال تي ڪاوڙجي پيو. فيلسوف جي دانهن آهي ته ٻوليءَ جي "الف - بي" انسان جي ذهني طاقتن کي ڪمزور ڪري ٿي ڇڏي. لکڻ جي فن کان سواءِ انسان گهڻو اڳتي نڪري ويو هو ۽ پنهنجي عقل، سوچ ۽ حافظي جي مدد سان سچ جي تهن ۾ وڃي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهندو هو. هن وقت وديا يا علم جي خاڪن سان ڪتاب ڀريا پيا آهن، پر انسان جي کوپڙاتي خالي رهجي ويئي آهي.

ان فيلسوف جي ابتڙ، بيڪن پنهنجو رايو ڏنو آهي ته "لکڻ جي هنر کان سواءِ فقط حافظو انسان جي کوجنائن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ ناڪام رهي ها. حافظي سان برابر اسين ڪيئي پراڻيون يادون مغز ۾ سانڍي رکي سگهون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿا، پر ان مان فائدو ٿي ڪھڙو، جي انسان ذات ان مان پرائي نہ سگهي؟ لکين ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ علم جو فيض پھچائي سگهجي ٿو ۽ حافظي جي ڪري فقط هڪ انسان پاڻ سان پنهنجي دانائي کڻي قبر داخل ٿي وڃي ٿو.“

اها ٻوليءَ جي آئوپتا آهي، جنهن جي ڪري اسين پنهنجي مٺڙي زبان سان پنهنجن ساٿين سان ۽ هموطنن سان حال اوري سگهون ٿا ۽ هنن تائين علم جي روشني پهچائي سگهون ٿا. اسان جي عوام ۾ اجا ايتري تعليم نہ پکڙي آهي جو دنيا جي غير ٻولين ۾ دلچسپي وٺي سگهي. اسانجي غريب ماروئڙي کي پنهنجي ٻولي پنهنجي دورتخطي ۾ ئي پهچي سگهي ٿي. سوين سالن بعد جڏهن هن آزادي حاصل ڪئي تڏهن هن کي پنهنجي آئنده جي سوچ هئي. هو اڃا انهيءَ سوچ ۾ ويٺو آهي تہ ڪڏهن هو علم سان پنهنجي عظيم وطن جو عظيم فرد ٿي رهندو.

انگريز اديب جارج گسنگ چوي ٿو: ”لک شڪرانا، منهنجي مالڪ جا، مان انگلنڊ ۾ پيدا ٿيو آهيان جو مان شيڪسپيئر کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهي سگهان ٿو. سڀ کنهن قوم کي پنهنجي اعليٰ شاعر جو شان آهي. پيار ۽ عزت جو آواز ٻڌي گڏ گڏ ٿو ٿيان. شيڪسپيئر ۽ انگلنڊ جدا ٿي نٿا سگهن.“ ان طرح هرهڪ سنڌي، پنهنجي گهوٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو آواز سڻي گدگد ٿئي ٿو. شڪرانا خداوند ڪريم جا اسين سنڌ ۾ چاواسين ۽ شاهه سائين ڪـي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهي سوچيوسين.

ٻا الله ري ٻـريـن، سڀ اونداهي ٻايان.

مولوي دين محمد وفائي لکي ٿو: ”شاهه صاحب سنڌي رهڻي ڪهڻي، سنڌي تصوف، سنڌي ٻولي جي بچاءَ لاءِ اهو املهه ڪم ڪيو آهي، جـو سموري هندستان ۾ ڪنهن بـه شاعر ان زماني ۾ نـه ڪيو هو. جـڏهـن سنڌي ٻولي فقط ڳالهائي ويندي هئي ۽ سنڌ سرڪار جي دفتري زبان ورهين کان فارسي هئي، تڏهـن شاهه صاحب پنهنجـي سنڌي ٻولـي کي جان بخشي ۽ سنڌي زبان ۾ پنهنجي رسالي سان سنڌي ٻولي کي آسمان تائين پهچايو.

تڏهن چوندا هئا ”سنڌي وائي قلم نـه آئـي.“ پر تازو امينه خميساڻي، سنڌ يونيورسٽي جـي پروفيسر چٽي ڏنـو تـه شاهه صاحب جي رسالي ۾ جيڪي بـه اکر ڏنـل آهـن، اهي سڀ سنڌي آهن. اسين ان جو هڪ هڪ اکـر املهه ماڻڪ ڪري سمجهون ٿا ۽ شاهه صاحب جي سنڌي هرهڪ سنڌي جي لاءِ هڪ جامع ڊڪشنري آهي جنهن ۾ هن اڪيلي سر گهٽ ۾ گهٽ ٢٤ هـزار اکر سنڌ جـي هرهڪ علائقي جا ڳولهي گڏ ڪيا آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنجاهہ سال اڳ انگريـزن جي دور ۾ بہ اسين سنڌي پـڙهـنـدا هئاسين ۽ مئٽرڪ تائين امتحان سنڌيءَ ۾ ڏينـدا هئاسين، پروفيسر هوتچند گربخشاڻي ١٩٢٣ع تائين ٣ جلد شاهہ جي رسالي جا بين الاقوامي سطح تي ڇپائـي پڌرا ڪيا هئا، سنڌي زبان جي اوسر بنا هٽڪ هلندي رهي.

اهو عالم آشڪار آهي تہ اسان جي ملڪ جي ٻين صوبن کي پنهنجون زبانون آهن ۽ ڏسبو آهي تہ بنا ڌڙڪ پنهنجي ٻولي ۾ روانيءَ سان گفتگو ڪندا رهندا آهن.

هلال پاڪستان ۾ ١٦ آگسٽ ١٩٧٤ع تـي شمشاد مرزا، مرزا افضل بيگ جي نياڻيءَ جو انٽرويو ڏنل هو. پاڻ اديب خاندان مان آهي ۽ انٽرويو ڏيکاري ٿـو تـہ ڪهڙي طرح سنڌي خاندان، پنهنجي ٻوليءَ جـي سڪ ۽ پيار سـان خدمت ڪري رهيا آهن. مادري زبان ڪهڙي طرح نہ اسان کي ڏاهي نپائي ٿي جڏهن ۽ علم جو اضافو ٿي ڪري.

شمشاد چيو: جڏهن سانير ۾ آيس تہ مون ڏٺو تہ گهر جي وٿڪار جي لامارام تي لاٽ ٿي ٻري.... ڪٿي چترڪاري، بيت، گيت ۽ سنگيت ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ذات جو ڏيئو ٻاري ويٺو هو. پائرن پينرن کـي همٿائڻ وارو بابا هو.

هزارين اهڙا خاندان ملندا جن جـي عمر علم ۾ وقف

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿـي ويٺي آهـي ۽ پنهنجي ٻولي کـي ائين سمجهن ٿا جيئن ماريٺي ڇيو ، ”سنهي سٽيءَ سان سبيو مون سائيهہ سان ساه .“

ٻهراڙيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسان جا غـريب هاري ناري ۽ ٻيا هنرمند ۽ انهن جا ڪٽنب سنڌي ٻـولـيءَ کان سواءِ ڪجهہ ڪونہ سمجهي سگهندا . مان تـہ ائين بـہ ٿو سمجهان تہ تعليم يافتن کان سواءِ ٻين صوبن ۾ بہ عوام فقط پنهنجي زبان سمجهي سگهندا هوندا . انهن ٻولين کي پنهنجي لپي نہ آهي ۽ فقط پڙهيل طبقو اردو کي پنهنجي لپي ڪري ويٺو آهي جنهن ڪري انهن ۾ اردو رائج ٿيل آهي. قسمت سان سنڌيءَ کي لپي ٿي پئي آهي ۽ ان ڪري سوين سالن لاڪر هرڪو پنهنجي ادب تـي فخر ڪري ٿـو ۽ ٻيڪن جي فرمودي موجب پنهنجي خيالن جي اظهار کـي پنهنجي صوبائي هموطنن تائين پهچائي سگهي ٿـو . اها خوشقسمتي آهي تہ هن صوبي جـي سنڀالڻ لاءِ نـوان خيال پهچائـڻ لاءِ اڳيئي هڪ نهيو نڪيو وسيلو آهـي ۽ هنن کـي نئيـن سر انگريزن وانگر نئين ٻولي جي معرفت تهذيب سيکارڻ جي گهرج نہ پوندي . نہ تہ انگريزن جي دؤر جيان هتي بہ هڪ مصنوعي پڙهيل طبقو ٿي پوي ها، جيئن ان وقت انگريزي نہ ڄاڻندڙ کي اڻ پڙهيل ڄڻ ڪوئيو ويندو هو .

اردو اسان جي قـومـي زبان آهـي جنهن جـي معرفت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي وطن جي هرهڪ فرد کي اوڏو اچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پنهنجي خيالن ونڊڻ ۽ ڪم اڪلائڻ لاءِ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿي پر جيستائين صوبائي ثقافت ۽ ادب جو تعلق آهي هوءَ اها جڳهه والاري نه ٿي سگهي.

سنڌي ٻولي انساني مزاج سان ٺهڪيل آهي. اسين هتي اردوءَ ۾ ”آگي آپ“ هڪ ٺٺولي سمجهندا هئاسين ۽ اردو ڳالهائيندڙ به سنڌيءَ سان اهڙيون ٺٺوليون ڪندا هوندا، جن چار نقطا عمر ڀر نه ٻڌا هوندا. سنڌي جي هرهڪ حرف کي شخصيت آهي ۽ اردو ۾ جيڪڏهن هه نه هجي ته باقي ١٧ يا ١٨ حرف مس بچندا.

## عيد

اهي ڏينهن اهي شينهن. عيدون ٿينديون هيون ته ٺهه ٺهڪندڙ رنگارنگي ڪپڙن ۾ ملبوس مومن جون بهيرون نماز ادا ڪري مسجدن مان نڪرنديون هيون. جن کي ولر فقيرن جا وڪوڙي ويندا هئا ۽ خيرات ۾ ڏوڪڙن جو ورهائڻ شروع ٿي ويندو هو.

سستايون ۽ سهانگايون ياد ڪري ڳيتون پيا ڏيون. ڳيهه پرندڙ پلاءُ ۽ ٻوڙ، ٿن سان چاشنيون رنگ لائينديون هيون. هڻ عيد کي چوندا ئي هئا ”سيئن جي عيد“. ننڍو

وڏو سيڻون کير ۾ رڌي. مٿن بادامين ۽ پستن جـي اورڪ ڏسي دل پيئي ٺـري. گيهه سستا، اناج سستو، کنڊ بهتريـن ۽ گوشت ٨ کان ڏهين آني سير. ڪٿان وساريـندا اسان جا ماروئڙا اهي ڏينهن جڏهن نوان ڪپڙا پائي بوٽن جا چيچاٽ ڪڍيندا عيد ملهائيندا هئا ۽ آئي وئي کي مبارڪون ڏيندا هئا.

زماني جي گردش اسان کي بہ ڏڪار ڏيکاريـو آهـي. جڏهن هر شيء لاءِ پئسا ائين ٿا ڏجن ڄڻ تـہ اٽـو ڪونہ ٿا کائون، پر سون ٿا کائون. بس، جن ڪاڏا پلن جا پيٽارا، تن حا هينئڙا ويچارا.

مسلمانن لاءِ رمضان جـو مهينو سڀني مهينن کان پاڪ آهي، جنهن جي رياضتن، بندگين ۽ تن کي تسن ڏيـڻ وارن روزن بعد هنن لاءِ خوشيءَ جـي عيد اچـي ٿـي ۽ الله تعالي جي برڪتن ۽ رحمتن سان انسان ذات کي نوازي ٿـي. جن پنهنجو من ماري سچائي ۽ صدق جـي راهہ ورتـي هئي، ان ڏينهن خوشيءَ ۾ نہ پيا ماپن. مهانگائي يا نہ مهانگائـي پـر مبارڪون مبارڪون ڪندا، خـداونـد ڪريم جا شڪرانا مڃيندا.

پنهنجي ٤٠ سالن جي صحافت جي دؤر ۾ عيدون ڏٺيون اٿم پر ٿتو سمجهان تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مون ڪجهہ ان بابت رنگارنگي ماحـول ۽ مسرت ڀـري مهانـدن کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڪجهہ لکيو هوندو. اسين خوش ٿيندا هئاسين تہ عيد سک سانت سان گذري ويئي جيتوڻيڪ ٻين علائقن مان ڪڏهن ڪڏهن گوڙ شور جون خبرون بہ ايندڙيون هيون. هتي هاڻ تہ عيد جي ڏينهن چڻ ڪاڏي پيئي جون شيون اڻ لڀ ٿيو پون پر هن مٿي وات ڪرائڻ واري عيد جو رنگ تڏهن نرالو هو. هن وقت جي مهانگائي ڏسي اسين عمر رسيده ڪجهہ سمجهي نہ ٿا سگهون. جيئن حيدرآباد جي آفتاب اخبار عيد جون مبارڪون ڏيندي چيو تہ مهانگو رمضان ۽ مهانگي عيد.

اسان وٽ هڪ عام پهاڪو آهي تہ ”روزن پٺيان عيدون ۽ عيدن پٺيان روزا“ ۽ سچ پچ عيد گذري تہ غريب منشي مڙا سڄو مهينو روزا رکندا ڇاڪاڻ تہ عيد جا پگهار تہ ڪاڇي ڪپي ويا. پگهار تہ عيد جي نذر ٿيا ۽ هاڻ پيا هوائون ڪائيندا.

وري هئي يار چيو تہ ”صرفو ڪرين تہ پٽ هنداءِ“ يعني ڪفايت ڪرڻي اٿئي تہ ريشمي ڪپڙا پاءِ جي نہ رڳو سهڻا آهن پر جهالائو بہ آهن. اهي ڳالهيون تڏهن جون آهن، جڏهن چيني بوسڪي جو ڪپڙو سائيڪل تي ڪٽي هوڪا پيا ڏيندا هئا. هاڻ تہ لوڏڪ بہ نہ ٿي لڀي ۽ ماڻ ڪي چوي پوري پچائي. هينئر تہ لٺو يا پاپلين ئي ملڻ مشڪل آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اخبارن روئڻا رنا آهن ته ڪئنبن وارن لاءِ تہ ويل ٿي پيو آهي. بوٽن جو جوڙو ٨٠ رپين ڪان ڏيڍ سؤ رپين تائين پئي وڪاميو. ٻارڙن جا بوٽ ٺئي ٥٠ ڪان ١٠٠ رپين تائين هئا.

پاڪستان ٺهيو ته جلدي ڪراچي جي صحافين جي انجمن ناهڻ لاءِ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ جلسو ٿيو. عيد جو موقعو هو، جڏهن مون اٿي چيو تہ ”برادران مسلمان ڪي عيد مبارڪ“ ته ڪائونسل هال ۾ تاڙين جو ٺهڪو مچي ويو، ۽ اٿي پاڪر پائي مبارڪون ڏيڻ لڳا. اهي آهن خوشيءَ جون ڳالهيون جي وقت گذرڻ بعد بہ وسري نٿيون سگهن.

شل اهي ڏينهن موٽي اچن جڏهن ملڪ ۾ سهانگائي ۽ سنهنجائي هئي. لاڪيٽي لعل شاه عبداللطيف چيو آهي:

”سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“

اسين بہ گدائي جي اڪرن ۾ دعا ڪنداسين:

”مهر جا مينهن پوندا ۽ ترايون تيار ٿي وينديون،
وطن جون واديون، گل پوش ۽ گلزار ٿي وينديون،
مسرت سان ملبرياٽيون مڙئي سرشار ٿي وينديون،
نئينءَ رت سان ذرِ ورنيون سڀ گلنار ٿي وينديون.“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي پر منهنجو ٻہ اعتقاد صوفين سڳورن ۾ آهي. هڪ بيت ياد اٿم، ان سان مضمون پورو ڪندس.

ڳهمي ڪعبو ڏٺم، ڳهمي ڪاشي ڏٺم،
سڀ جاھ سچن سردار ڏٺم،
جيڪو مسجد ۾، سو ئي مندر ۾،
ساڳيو ديول ۾ دلدار ڏٺم.
جپ جاپ ڪيم، پوڄا پاٺ ڪيم،
وڃي گنگا تي اشنان ڪيم،
سوچي سمجهي ويد پران پڙهيم،
سامهون قدرت جو ڪرتار ڏٺم.
بڻي مومن پاڪ قرآن پڙهيم،
سڀ روزا رکيم، نمازون پڙهيم،
ڪل شرط شريعت جا پڙهيم،
اوڏو محب منو منٺار ڏٺم.
وڃي ديول ۾ دن رات رهيس،
وڃي عيسىٰ مسيح جي پاند پيس،
پهچي مالڪ جي دربار ويس،
پنهنجي نيڻين عجب اسرار ڏٺم.
ڍوندي ڍوندي رام شهر ۾ ٻنر،
ڪري ڳولها لڌي مون خاص خبر،

آهـــي ذات اهـا هڪ ساڳـــي پـر،
ان ذات جـا روپ هـــزار ڏنـــم.
(پروفيسر رام پنجواڻي)

## سيموئل پيپي جي ڊائري

سيموئل پيپي جي ڊائري انگريزي ادب ۾ خاص اهميت رکي ٿي. ٢٧ سالن جي عمر ۾ لکڻ شـروع ڪيائين ۽ ٣٦ ورهين جـي عمر تائين ١٢ لک ٥٠ هـزار اکـر لـکي ويو. چوطرف جيڪي نظر چڙهيس سو نوٽ ڪندو پئي ويـو ۽ خاص واقعن جو بخوبي بيان ڪيو اٿائين.

اهو زمانو چارلس ٻئين جو هو، خاص ڪري خوشمزاجي جو دور هو، چاڪاڻ ته پيوريٽنن جي زماني کان پوءِ ڪافي ماڻهو آزاد خيال ٿي پيا هئا. بادشاه چارلس ٻئين جي ڏينهن جون جهلڪون هن جي هڪ هڪ صفحي تي ملنديون.

پيپي جي رڳن ۾ شايد صحافي جـو رت هو، جو هڪ هنڌ مان ڪري ويهي رهـڻ ايندو ئـي ڪونه هوس. وقت وڃائڻ سان ته پوندي ڪانه هئس. ڪجهه نـه ڪجهه واءُ ساءُ پيو وٺندو هو ۽ ائين گهٽيئي لطيفا ۽ آزمودا ڊائري ۾ درج ڪندو ويو.

ڊائري ۾ هڪ دلچسپ داخلا پنهنجي هڪ ڳـوناٺـي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رشتيدار بابت ڪئي اتس تہ ڪهڙي طرح لنڊن ۾ آيو ۽ سهي سنپيري ٻاهر نڪري رستن تي ڏڪا کائڻ لاءِ تيار نہ هو. پيپي چوي ٿو تہ گهٽيئي زور ڪيامانس تہ هلي شهر جو ديدار ڪري اچون پر پارليامينٽ تائين هلڻ کان بہ ٿهيو پئي. اهو تہ ٺهيو پر ڪنهن ڊرامي يا کيل تي هلي ڏسڻ کان بہ نٽايائين پئي. پيپي چوي ٿو ”مان نہ سنپيران تہ اهڙا ڪي هڏن جا رکيل هن دنيا ۾ ٿي سگهن ٿا.

پاڻ بابت بہ گهٽيئي ڪلڻ جهڙيون ڳالهيون ڪيون اتس تہ ڪيئن ڪنهن سان اک لڙايائين يا چمي چٽ ڪيائين. جهيڙن جهٽن، بيـن ماڻهن جي ٽوپيءَ ۾ هٿ وجهڻ يا پنهنجي ڪمزورين بابت بہ مزيدار داخلائون ملن ٿيون. ٻڌائي ٿو تہ هڪ دفعي نئون وڳ پائي ديول ۾ ويس تہ منهنجو خيال هو تہ سڀني ماڻهن جون اکيون منهنجي نئين وڳ ۾ هونديون. ائين جڏهن ٿانءَ ۾ پرجي ديول ۾ پهتس تہ ڪنهن اک کڻي بہ ڪونہ نهاريو تہ آيو آهيان يا ڪونہ آيو آهيان.

ٻيو هينري ڪرنب رچرڊ آهي جنهن سن ١٨١١ ۾ ڊائري لکڻ شروع ڪئي ۽ ساندهہ ٥٦ سالن تائين داخلائون ڪيائين. ڪل ٣٥ واليوم لکي ويو جن مان ١٨٩٩ ۾ چند چونڊ ڪري ڊاڪٽر سڊلر ٣ واليوم ڇپايا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڄ صديءَ کان وڌيڪ انگلنڊ ۾ اهڙو ڪو ناميارو اديب ۽ شاعر پيدا نہ ٿيو هو جنهن سان هن جي واقفيت نہ هئي . جرمنيءَ ۾ تعليم ورتائين جنهن وقت گوئٽي ، شبلر ۽ ويلنڊ فيلسوفن چڱي شهرت حاصل ڪئي هئي. ورڊ سورٿ جو خاص دوست هو ۽ ڪولرج ۽ ان دور جي ٻين شاعرن سان بہ خاصي واقفيت هئس. ان کان سواءِ لنڊن ۾ بئريسٽر ٿي رهيو. جنهن بابت هن جون يادگيريون ۽ ٽوٽڪا بيمثال آهن .

ڊائري رکڻ ۾ باسويل جو نالو سدائين ياد رهندو ، ڇاڪاڻ تہ مشهور انگريز اديب جانسن بابت هن جون داخلائون اهڙيون آهن ڄڻ تہ هن سان پاڇي مثل گڏ هو . جانسن کي زنده رکڻ ۾ هن ڪافي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ان کان سواءِ هن پاڻ بابت بہ مزيدار بيان ڪيا آهن جن مان ان وقت جي حالتن ، معاشري ۽ هلت چلت جي خاص پروڙ پوي ٿي .

سنڌيءَ ۾ تاريخوار ڪا ڊائري شايع ٿيل نہ سنڀران، جيتوڻيڪ ڪي ڪي ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيل آهن، جي گهٽ ۾ گهٽ اهي اهڃاڻ ڏين ٿا تہ ڊائري رکڻ کان سواءِ اهي ٿهي نہ سگهن ها. انهيءَ ڏس ۾ پهريون نالو جي-ايم سيد جو وٺندس ، جنهن وقت بہ وقت ڪيئي ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن مان سنڌ جي تازي تاريخ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو احوال مليل ٿو. سندس ”نئين سنڌ“، ”يورپ جو سير“، پير علي محمد راشدي ۽ علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ سان خط ڪتابت خاص ڪتاب آهن. انهن ڪتابن مان بمبئيءَ کان سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد دور جو چڱو چوکو احوال ملي ٿو. خاص ڪري پير علي محمد سان خطن جي سلسلي ۾ سنڌ مسلم ليگ جي اوسر جو تاريخي سان مواد ميسر ڪيل آهي. شاه صاحب هڪ ڪتاب ۾ سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ جو تاريخ وار احوال ڏنو آهي.

انهي ڏس ۾ پيا نالا پير علي محمد راشديءَ جو ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ پير حسام الدين راشدي جو ”اهي ڏوتي، اهي ڏينهن“ شاهڪارن ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا. پر انهن ڪتابن ۾ بہ واقعن جا بيان تاريخن سان ڏنل آهن جن سان ان وقت جي معاشري، مالي، سياسي ۽ ٻين پهلوئن جي خبر پوي ٿي ۽ انهن ۾ ڪن ٻين سياستدانن جي لهہ وچڙ ڪري خاص تاثر بہ ڏنل آهن.

انهي ڏس ۾ علي نواز وفائي ۽ عبدالحليم شيخ جو بہ نالو وٺندس جن پنهنجي والد صاحبن جي سوانح عمري ۾ ڪيئي تاريخن سان حوالا ڏنا آهن. پر انهن کي مڪمل ڊائري نہ چئبو. اهڙي طرح ڪجهہ وقت اڳ مسٽر سراج الحق ميمڻ ۽ قاضي عبدالمجيد عابد بہ پنهنجون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يادگيريون لکيون پر ڪنهن ۾ به تاريخ ڏنل نه هئي. مون به پنهنجي ليکي يادگيريون لکيون آهن پر فقط حافظي مان. ان ڪري سمجهان ٿو ته سرڪاري لکپڙهن ۽ دستاويزن جي تاريخوار حوالن کان سواءِ اسان ۾ ڊائري رکڻ جو رواج نه آهي. هن باري ۾ مسٽر محمد ايوب کهڙي به ڊان ۾ پنهنجي سوانح عمري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر شايد ڪن سببن ڪري ٻن ٽن قسطن کان وڌيڪ هلي نه سگهيو ۽ مرحوم قاضي محمد اڪبر به پاڻ بابت ڪجهه سنڌ آبزرور ويڪلي ۾ لکيو پر ان جو فقط سياسي پهلو هو.

ڊائريءَ جو مطلب نه آهي ته ڪنهن به وقت ويهي ڪنهن موضوع تي پنهنجو مڪمل تاثر ڏجي پر ڊائري مان پتو پئجي سگهندو ته ڪهڙي طرح روزانو لکندڙ جي ذهني ۽ دلي لڳاءُ بابت خيال تبديلي هيٺ اچن ٿا ۽ ڪهڙي طرح لاڳاپن جي گهرائي ۽ اٿبٽ جي اوسر ٿي آهي.

ان مان خبر پئجي سگهندي ته لکندڙ جي نفسيات ڪهڙين حالتن ۽ ڪهڙن سببن ڪري ڦري گهري آهي ۽ ڪڏهن اهم واقعن ۽ اهم شخصيتن جي اثر هيٺ ايندڙ واقعن ۾ ڪهڙو حصو ورتو آهي.

هن سلسلي ۾ ٻيون به ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون جي به ادب جي واڌاري لاءِ ڪافي موزون آهن. ان باري ۾ سعيده

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نسيم ڪراچي يونيورسٽي جي شاگرد (١٩٧٦) ڏانهن اشارو ڪندس. هن پنهنجي حياتي تي سوچ ويچار سان سنڌي ٻوليءَ جي همرمعنيٰ اکرن جي ڊڪشنري ناهڻ بابت ”نئين زندگي“ ۾ هڪ مضمون ڏنو آهي. هاڻ اسان کي خبر نه آهي ته ڪهڙي طرح ۽ ڪهڙن حوالن سان هن اهو ڪم هموار ڪيو آهي پر سيني همرمعنيٰ اکرن کي هڪ صف ۾ بيهارڻ جو ڪم اڄ ڏينهن تائين ڪنهن ڪونه خيال ۾ آندو آهي. انگريزيءَ ۾ ١٠٠ سالن کان ٿيسارس ٺهيل آهن جن ۾ انگريزي جا هڪ معنيٰ وارا، اکر، اصطلاح ۽ محاورا هڪ هنڌ ڏنل آهن، ۽ ڏيکاريل آهي ته ڪهڙي طرح هرهڪ ڇاپي ڪانپوءِ وارارو ڪيل آهي.

محمد سليمان جوڻيجي پڻ ڊاڪٽريٽ جي لاءِ هڪ مقالو لکيو هو جنهن ۾ سنڌي ميربحرن جي ٻولي جو ذڪر ڪيل آهي. هزارين اکر اهڙا آهن جن جو عام ماڻهن کي ڪوبه علم نه آهي، جي آهن ٻيڙين جا نالا، رڇن جا نالا، مڇين جا نالا جي رڳو ڪنهن ننڍي طبقي ۾ رائج آهن ۽ قومي ٻولي انهن کان ناواقف آهي. اهڙي طرح ڏنڊي ڏاڙي وارن کي به ڪي خاص اکر آهن جي فقط انهن جي ملڪيت آهن. اسين انهن اکرن کي ڏسي ۽ ٻڌي عجب ۾ پيا پئون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ٿر ۾ ٿري، لاڙ ۾ لاڙي، وچ ۾ وچولي ۽ اتر ۾ اترادي نموني سان ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. اڪثر سنڌي آهن پر ڪجهه لهجو قريل آهي. ان باري ۾ ٻه ٻروهي داد محمد اترادي سنڌي جي محاورن بابت هڪ مضمون نئين زندگيءَ ۾ شايع ڪيو آهي.

ٻيا به ڪيئي سچا آهن جي پنهنجي سر ادب جي اوسر لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. مون کي شخصي خيال آهي ته هڪ دفعو سنڌي ٿيسارس ناهڻ جي ڪنهن همت ڪئي ته وقت به وقت هم معنيٰ اکرن کي ڪٺو ڪري وڌائڻ نهايت سولو ٿي پوندو. نعيم جمع ٿيجاڻي به پنهنجي منهن، اکين، هٿن، ڪنن، مٿي، آڱرين وغيره سان لاڳاپو رکندڙ محاورن ۽ ڦرندڙ مطلبن ڏانهن اشارو ڪيو آهي پر جي انهن سڀني کي گڏي هم معنيٰ وارا اصطلاح ڪٺا ڪري ها ته وڌيڪ سنو ٿئي ها.

علي نواز وفائيءَ جون لکيون پڙهيون اٿم، هرهڪ سٽ ۾ الاهي هم معنيٰ اکر لس ٿي لس لکيل هوندا آهن. ڪهڙي طرح انهي لساني ميراث تي قبضو ڪيو اٿس، اها خدا کي خبر، پر ٿيسارس لاءِ جيڪڏهن ڪو به سنڌي ٿي سگهي ٿو ته اهو علي نواز وفائي کان سواءِ ٻيو مون کي ڪونه ٿو سجهي جو ڪنهن به اکر لاءِ سهڻن بامعنيٰ اکرن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جون جهوليون پري اچي.

## ڪرڪيٽ

مون کي اهي ڏينهن ثا ياد پون جڏهن ڪراچي جا پلا ڪرڪيٽ جا رانديگر هئا جي گهڻو ڪري ڪراچيءَ جي اسڪولن يا آرٽلري ميدان جي پيدائش هئا. ١٩٣٠ع تائين نڪو فريئر روڊ صدر تائين هو نڪا ڪا بلڊنگ برنس روڊ ۽ وڪٽوريا روڊ جي وچ ۾ هئي. گهڻو ڪري ڪرڪيٽ مئچون انهيءَ آرٽلري ميدان تي ٿينديون هيون، باقي شهر جو شان پينٽيگيولر مئچون هيون جو سڄو شهر ماما پئاس ۽ ڪراچي جيمخاني طرف اٿل ڪائيندو هو. ماما پئاس هاڻ پئلس هوٽل آهي.

مئچن ۾ مسلمان، هندو، پارسي، ڪرستان ۽ يورپين ٽيمون حصو وٺنديون هيون ۽ انهن مئچن جون ڳالهيون سڄو سال پيئون ٿينديون هيون. مئچن پيري به ڪيڏارين جا شائق انهن کي داد ڏيندا هئا ۽ ڪرڪيٽ جو ڇهڇٽو نه هو پر هڪ ميلو لڳي ويندو هو. مون کي ٻئي ڍاڪي جي وچ ڪان وٺي مئچون ياد آهن ته ڪهڙيءَ طرح رانديگر جلوو ڏيکاريندا هئا. اجا به ڪيترائي انهن مان زنده آهن جيتوڻيڪ هندن مان نائومل، جو گهڻو ٿي وقت هتي هو ۽ جنهن کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويسٽرن انڊين اسٽيٽس خلاف ٽيسٽ مئچ ۾ جنهن ۾ ٤٧ رنسون ڪيائين ۽ آخر تائين آئوٽ نه ٿيو ۽ پر سنڌس نالو ڪراچي جي راندين ۾ ٿيو ۽ آخر ٤٦-١٩٤٧ ۾ رٽائر ڪيائين.

عباس خان به مسلمانن جو ناميارو وڪيٽ ڪيپر هو. هن جي راند ياد ڪري خوشي پيئي ٿئي. هن نه رڳو سنڌ پاران ١٩٣٩ع ۾ رانجي ٽرافي ۾ نالو ڪڍيو پر سنڌ ۾ هر ڪنهن جي وات هن جو نالو هو.

مون کي پارسين جو ايس - ڪي - ايراني اڃا ياد آهي. هاڻ ٦٥ سالن جو آهي. گهڻن ئي هنڪي صدر ۾ گهمندو ڏٺو هوندو. هن جي راند ايم - سي - سي خلاف ڪراچي ۽ پٽيالا ۾ ١٩٣٣ ڌاري اٺوسرنڊڙ آهي. هن مزي سان ڪراچي توڙي پٽيالا ۾ جارڊائين جون وڪيٽون اڏائي ڇڏيون. جارڊائين ايم. سي. سي جو ڪئپٽن هو ۽ ڪرڪيٽ ۾ هن جي هاڪ جتي ڪٿي هئي.

ڪا نه ڪا ڳالهه ٿئي ٿي جنهن ڪري اسين رانديگرن کي پلجي نه ٿا سگهون. پيٽرڪ مينڊس کي تازو ڪراچي ۾ ڏٺو هوم. عمرلڳ ڀڳ ٧٠ سال هوندس پر ١٩٢٥ ۾ پارسين جي خلاف بئٽ، ڪٿي راند ڪرڻ لاءِ نڪتو ۽ ٻتا آئوٽ ٿيڻ جي پڇاڙي تائين بئٽ ڪٿي واپس آيو. ٩٧ رنون ڪيائين جي گهٽي ۾ گهٽيون هيون.

صدر واري پارسين جي اسڪول جو چوڪر ١٩٤٥ع ڌاري راند ۾ متي چڙهي آيو، نالو هوس آر. اين. دنشا. شاگردن جو ڪئپٽن تي هندستان جي شاگردن جي ٽيمن سان ڪلڪتي ۽ دهلي مقابلو ڪرڻ ويو ۽ انهن کي ٽوٽا چٻائي ڪوچ بهار ٽرافي کٽي آيو.

هن پارسيءَ جو نالو وٺڻ سان هن جو والد صاحب من تي تري ٿو اچي. جهڙو نالو نادرشاهه هوس رانديگر به اهڙو ئي هو. گهڻيئي سال پارسين جو ڪئپٽين ٿي پينٽيگيولر راندين ۾ حصو ورتائين. بئٽ هٿ ۾ کڻي ڦيرائيندو ميدان تي ايندو هو. چون ٿا ته ٽيويهن راندين ۾ ١١٠٠ کان به وڌيڪ اسڪور ڪيو هئائين. سندس خاص اسڪور ١٤٥ هو. هو چوندو هو ته اهورانديگر ڪهڙو جو اوور ۾ هڪ به رنس نه ڪري ۽ اوور کي خالي وڃڻ ڏي.

بي. ڊي جاڳس هڪ ٻيو ڪرڪيٽ جو رانديگر آهي جو چئجي کڻي ته پنهنجي والد صاحب سان ڪلهو هڻي نه سگهيو آهي. جاڳس جو والد صاحب ڪراچي ڪرڪيٽ ائسوسيئيشن جي بانيڪارن مان هو. ننڍو جاڳس پينٽيگيولر راندين ۾ پهريون بولر ٿي راند جي شروعات ڪندو هو. هن وقت فرنيچر جو دڪان اٿس.

چوندا آهن ته ڪرڪيٽ تي اعتبار ڪونهي. ساڳيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رانديگر ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾ . ان جو خاص جيئرو جاڳندو مثال ايم. جي موبيد آهي. اڇا بہ ٧٨ ورهين جي ڄمار ۾ رانــد جا فوٽــا ۽ پوسٽر گــڏ پيو ڪندو آهي . ١٩٣٣ کان پارسي ٽيم جـو ڪئپٽن رهيو ۽ ١٩٣٨ع کان رانجي ٽرافي راندين ۾ سنڌ جو ڪئپٽن هو. پٽيالا ۾ رانجي ٽرافي جي راند ١٩٣٩ع ۾ ٿي . سنڌ جي بدقسمتي هئي جو ڏسندي ڏسندي هارائي ويٺا. سدرن پنجاب جو ڪئپٽن پٽيالا جو يووراج هو. پهرين اننگ ۾ سنڌ ڪي ١٤٢ رنسون وٺڻيڪ هيون پر ٻي اننگ ۾ ٽي ڊاٽيون پاتائـون . سڄي ٻيءَ اننگ ۾ سنڌ جو اسڪور هو فقط ٢٣ . پنجاب وارا ٽـي رنڊيگـر آئوٽ ڪرائي ١٦٨ رنسون ڪري راند کٽي ويا.

موبيد جي بولنگ بہ پنهجـي نالي سان هئي پر بدنصيب اهڙو جو گهٽو ڪري سينچري هڪ رنس تان وڃائيندو هو. تڏهـن بـہ ١٩٢٢ ۾ ڪيل ٩٩ رنسون ياد ڪري خـوش ٿيندو آهي. ان وقت جي هڪ انگـريز بولر لسٽرڪي جي بولنگ جـي مٽي پليت ڪري٤٥ منٽن ۾ ٩٩ رنسون ڪري ويو . انگريز بولر جو رڪارڊ هو تہ پارسين جي انن رانديگرن کي ١٣ رنسن ۾ گهر اماڻيو هئائين .

نائومل جي نالي جـا تہ جيڪـر داستـان لکجي وڃن ، ڪتنڊائي ڪو نہ . اين . جي. وي . هاءِ اسڪول جو ڪيترا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سال ڪئپٽن هو ۽ هو پهريون سنڌي هو جنهن کي انڊيا جي ٽيم ۾ ايم سي سي سان راند ڪرڻ لاءِ ١٩٣٢ ۾ ڪنيو ويو. سنڌ ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ هن ١٩٢٢ ۾ پير رکيو. هن جي راند پنهنجي نموني جي هئي. گهڻيئي دفعا آئوٽ ٿيڻ ڪانسواءِ شروعات ڪان وٺي آخر تائين راند ڪندو رهيو.

رانجي ٽراقي جي شروعات ١٩٣٤ ۾ ٿي. انهي ئي سال غلام محمد سنڌ جي ڪئپٽني هيٺ نائومل به ٽيم ۾ هو. غلام محمد جي بولنگ جو ڏاڪو هو پر نائو مل هن مئچ ۾ ١٢٠ رنسن ۾ ٨ رانديگرن کي آئوٽ ڪيو. سال ١٩٣٨ ۾ نئوانگر جي-ڄوراجه جي ٽيم ڪراچي ۾ آئي. نئوانگر جي ٽيم ۾ مشهور ڪرڪيٽر بيڪاجي، بئنرجي ۽ منڪد هئا. سنڌ ٽيم جو ڪئپٽن موبيد هو. ۽ نائو مل ان مئچ ۾ ٣٢٦ رنسن مان ٢٠٨ رنسون ڪري پاڻ موکيو.

هندن جا پيا نالا به ڪڍهين وسرڻ جا نه آهن. سي آهن گوپالداس ۽ هيرو ڪيو. گوپالداس کي پنهنجو اسٽائيل هو. هنجي هڪ هڪ ڏڪ تي واهه واهه ٿيندي هئي. هيري کپي جا قتڪا هوندا هئا. هن پر يا هن پر. ڏاڻي هٿ سان راند ڪندو، هو تنهنڪري فيلڊنگ کي ڦيرائيندو رهندو هو.

باقي جي اسان وٽ لٽل ماسٽر حنيف ذالو ڪڍيو آهي ته سنڌ ڪشنچند پيدا ڪيو. ننڍو ئي هو، مس ٢٢—٢٤ سالن

جو هو تہ هندن جو ڪئپٽن ٿيو۔

پرڪرڪيٽ جو مزو تڏهن آهي جڏهن ٻهريون جوڙو وچي ۽ آئوٽ ٿيڻ کان نابري واري وهي ۽ هٽي فيلڊنگ ۽ ٻولرن کـي چوپٽ ڪري ڇڏي۔ ايل سٺمپر، هندن جـو ۱۰ سالن لاءِ ڪئپٽن هو۔ ڪارو ڪارو، جڏهن کلندو هو تہ فقط اڇن ڏندن مان خبر پوندي هئي تـہ کلي ٿو۔ چونداـئـي هئس ڏائيگر۔ بولنگ وقت ٽپا ڏيندو بال کي تيزي سان گوليءَ جيان شوٽ ڪندو هو۔ هڪ دفعي جگنناٿ سان ۱۹۲۳ ۾ پارسين خلاف راند ۾ بيهي ويو۔ ٻهريون جوڙو هو ۽ ان کي آئوٽ ڪرڻ لاءِ پارسي مانڊا ٿي پيا۔ مس مس ۱۱۱ رنسون ڪري پارسين جي جان ڇڏيائون۔

سيٺمپر کي فخر هو تہ بولنگ وقت بال کي پنهي پاسي بريڪ ڪري سگهندو هـو۔ گهڻا سال پوءِ پاڪستان جون ٻہ مئچون ڏسڻ ايندو هـو ۽ پريس ٽينٽ جي ڪنڊ ۾ بيهي بال بال تي تبصرو ڪندو رهندو هو۔

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## تاج مـ

پيار جي اڻمٽ نش

لعل نهرو يونيورسٽي

جيڪڏهن اچي سنگمر

آگري جي ويجهڙائي و

ڪان نہ بچايو ويندو تہ . ي پوندو. دنيا

جو حسين تر حرفت جو ميو هند- پاڪ برصغير جي نسلن لاءِ هڪ يادگار آهي جنهن تي ڇڻ فرشتن پنهنجن نازڪ هٿن سان سونهن ويهي اوتي آهي. اهو جي ڪنهن صدمي جو شڪار ٿي ويو تہ انسان ذات جي خوش گوار ترقيءَ جي راهہ ۾ وڏيل وڪ ۽ واداري جي هام تي جيف ٿيندو. اسين بہ پاڪستان ۾ سورن ۾ آهيون، پنهنجي ثقافتي، صدين ڪان مليل سوغات ۽ ڪنهن زماني جي امانت، موهن جي دڙي جي مرجهايل صورت ڪي ڏسي هنجون هارڻ ڪان رهي نہ ٿا سگهون.

تاج محل دنيا جي تاجشاهي ماڻي آهي جنهن جي توانائي جي تار هرهڪ انسان کي لڳل آهي. هيءَ سونهن ۽ نزاڪت جي نرالي محبت جي نشاني آهي جنهن لاءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هي :

مان لڙي پـﺌـ تـي لڙڪ ڏار ٿيا ،
.. تـاج جــي صورت ۾ جٽادار ٿيا ."

ن جڻ چندرمان جي چاندنـي ، ساري سنسار جـي
.ن جا سونا ورق، نـزاڪتدار گلن ڦلن جـون رنگينيون
۽ فطرت جي گوناگون شفقن کي ڳوهي سونهن کي جان
بخشي آهي. هن سونهن جي پنـڊار جو جـن مشاهدو ماڻيو
آهي، اهي جان ڪيٽس جي اکرن ۾ چوندا تہ "سونهن سدا
اننت مسرت جو نياپو پيش ڪري ٿي." تازو جڏهن برطانيہ
جو وزيراعظم هندستان جي دوري تي آيل هو تہ تاج محل
کـي ڏسي چيائين تـہ "فطرت جــي ڳلن تـي هڪ چميل
لڙڪ آهي."

گوئٽي چوي ٿو تہ "عمارت سازي جو فن موسيقي جو
جمي ويل نغمو آهي"، تہ تاج محل ان جو انوکو مثال ٿي
سگهي ٿـو. شاعرن اجا بہ پيون محبت جون مزاجـون ۽
مداحون مڙهيون آهن ۽ پنهنجي ديدن جا داستان ڏنا آهن.
ليکراج ڪشنچند ميرچندائي هڪ هنڌ چوي ٿو :

"تنهنجي گلشن مان هلي باغ عدن جي هٻڪار ،
چشم بلبل تـي چڙهيو خوب نظاري جـو خمار ،
آب ڪوثـر جــي ڦــڙن سان ڦـوهارا چٽڪيا ،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گويا آڪاس منجهان سهسين ستارا چٽڪيا.“
پيو چوي ٿو ته ”ساري عالم کي هن ڪيو معمور،
عرش تان فرش سڀ ٿيو نور ئي نور.“

تاج محل مون اڪثين ڪونہ ڏٺو آهي. ١٩٥٦ع ۾ هندستان ويس پر هن محبت جي مجسمي جو ديدار نصيب نہ ٿيو. دهليءَ کان بمبئي ويندي دل ۾ سڪ پائي وينو هوس تہ محب منٺار جو مشاهدو ماٿيندس پر متر ۾ خبر پيئي تہ آگري لاءِ لائين ئي بي هئي. تاج کي پنهنجي تصور ۾ تہ لڪائي وينو آهيان پر دهليءَ کي ڏسي چيم تہ ساري عمر تاريخ جا ورق ورائيندو رهان ها تہ بہ تون فقط افسانہ هجين ها. پهريون دفعو ئي هاٿوڪي هندستان جي سرزمين تي پير رکيو هوم. هونءَ تہ هتي تاريخ جو پيڇو ڪري رهيو هوس پر دهليءَ ۾ تاريخ منهنجو پيڇو ڪري رهي هئي. ڏٺل حقيقتون جادونات سرڪار جي تاريخ يا ٻين مورخن جي تاريخن مان بہ مون کي ڪونہ جڙيون هيون.

جيڏانهن پئي نهاريم تہ شاهن ۽ بادشاهن جا نالا نظر ٿي چڙهيا. اڪبر روڊ، اورنگزيب روڊ، شيواجي روڊ يا وائسرائن جي نالن پنيان رستا. گذريل زمانن ۾ مغل بادشاهن بابت تہ گهٽو پڙهيل اٿم پر ان وقت سروجني نئڊو جو هڪ انگريزي ۾ شعر جنهن کي سانيٽ چون ٿا، دل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي تري آيم. ١٩٢٨ع ۾ اسڪول ۾ پڙهيو هئم. ان جو عنوان هو ”امپيريل سٽي“. اها سانيٽ مون تڏهن رڳو پڙهي هئي ۽ جنهن جي ١٤ سٽن مون کي نه رڳو هستانيپور جا اشارا تي ڏنا پر مهاڀارت جي ڪورون ۽ پانڊون جي يڌ کان وٺي هندو سيپتا ۽ راجڌانين جي ڪمال ۽ زوال جي تصوير پيش تي ڪئي. صراحي ۾ سمندر اوتيل هو. پر سچ پچ ڏسڻ سان تعلق آهي. دهلي جي زمين جو ذرو ذرو برابر تاريخ سان معطر آهي.

دهليءَ ۾ ڇهه ڏينهن رهيس ۽ ان جون ڪجهه رونما حقيقتون نه دل تي اُڪريل هيون پر ان عرصي ۾ شهر جي مختلف حصن کي ڏسندي ڏسندي هڪ هنڌ بيهي رهيس. ڇڻ نه مون سان ڪا مذاق ڪئي پئي ويئي. رستن تي گذريل وقتن جي شهنشاهن جا نالا نه ڏٺم پر خبر نه تي پيئي ته ”تيس جنوري سڙڪ“ ڪهڙي ماجرا هئي. نيٺ پتو پيو ته ان رستي تي برلا مندر ۾ ٣٠ جنوري ١٩٤٩ع تي مرهٽي گاڊسي گولي هٽي اهمسا جي اوتار مهاتما گانڌيءَ جي جان ورتي هئي.

دهليءَ ۾ پهچي مون کي جا دل ۾ چورا ڪورا هئي سا هئي نه مغلن جا ديوان عام ۽ ديوان خاص ضرور ڏسان. تاريخ جي ڪتابن ۾ نه گهٽوئي پڙهيو هوم ته عاليشان عمارتن مان مرهٽا چانديءَ ۽ ٽامي جون ڇتيون لاهي ويا هئا. شاهجهان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو تخت طائوسي به اتان نادرشاهه کڻي ويو هو ۽ اورنگزيب به شيواجيءَ کي گهرائي درٻارين جي پٺيان بيهاريو هو.
ڪراچيءَ ۾ سهراب مودي جي "پڪار" فلم ڏٺي هئم جنهن ۾ اڪبر بادشاه جي درٻار لڳل هئي، ڏٺم ته شاهي درٻار ۾ امير اُمرا قطارن ۾ پيرن تي بيٺا هئا. ڇا نه هو شان اسان جي بادشاهن جو!

سڀ سنيري وچي لعل قلعي ۾ پهتس. لعل قلعي جون پيون ساڪون به پڙندو پيو هوس ته جواهرلعل نهرو اتان بيهي قوم کي خطاب ڪندو هو جتان اورنگزيب بادشاه رعيت کي ديدار ڪرائيندو هو پر ديوان عام ۽ ديوان خاص ڏسي منهنجا ٽپ ئي ٽري ويا. قديم آثارن جا نشان انهن ۾ نمايان هئا، اها ٻي ڳالهه آهي، پر مغل شهنشاهن جي انهن عاليشان عمارتن جو قد ۽ بت ڏسي منهنجون ته ڏنديون آڱريون لڳي ويئون. منهنجا خيال ته فلڪ شگاف هئا پر مون کي انهن جو مينئيچر به ڏسڻ ۾ نه آيو. فقط بادشاه سلامت مس ان ورانڊي ۾ رونق نمائي لڳائيندو هوندو پر ٻيا درٻاري امير امرا ڪٿي بيهندا هوندا، مون کي سمجهه ۾ نٿي آيو. اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ ان کان صدبار سهڻيون جايون آهن.

باقي لعل قلعي ۾ مغلن جون نشانيون گهٽيون ڏسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگھيس ۽ ديوان خاص جـي پر ۾ موتي مسجد ڏسي اصل خوش ٿي ويس. جھڙو نالو هوس موتي، هئي به اهڙي سفيد چلڪي واري ۽ ساوڪن ۾ هڪ منڊي ۾ جـرت ٽيل دائي جيان پئي ٻهڪي.

جامع مسجد جڏهن ڏسڻ ويس ته ڏسان ته چوڌاري انن ڏهن ڏاڪن واري سيڙهي تي چڙ ڪاٻارين جو سپر مارڪيٽ لڳو پيو آهـي. سرمي ڪان وٺـي عطر تائين ننڍا دڪانـدار هوڪا ڏيئي رهيا هئا. باقي اندر ڏٺـم تـه لاهور جي جامع مسجد کان ڪا بي طرح نه هئي.

قطب منار ڏٺم، منار مان ٿي ان جي ساک ملي تـي پر مون کي اتي آسوڪا جو لوهي پلر ڏسي خاص خوشي ٿي. لوهه اجا پئي چمڪيو. چا هزاريـن سال اڳـي بـه اهڙيون ٽيڪنالاجيز هيون جنهن جي وسيلي فائونڊريـز ۾ اهڙو لوهه نهي سگهيو ٿي. اسان وٽ بـه اسٽيل مل نهي پئي، اهو بـه لوهه ڏسنداسين.

جي تاج محل جي نزاڪت ۽ سونهن ڏسڻ کان محروم رهيس ته دهلي ۾ مهاتما گانڌيءَ جـي سماڌيءَ جـي زيارت ڪرڻ کان رهي نه سگهيس. مان به انهن ڏينهن جو آهيان جڏهن انگريزن سان چتا پيئي ڪائي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي مهاتما چوندا هئا ۽ اجا به هندستان جو ابو چون ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گنٿر پنهنجي ڪتـاب ”انسائيڪلوپيڊيا ايشيا“ ۾ چيو آهي تــہ ”هندستان جي آدمشماري ٣٣ ڪروڙ ۽ مهاتما گانڌي آهي.“ وڏي ساوڪ واري ايـوان ۾ سادگيءَ جي ماحـول ۾ ڇهہ فوٽ زمين جا والاري هن گذريل وقتن کي ياد پئي ڏياريو.

آزاديءَ کان پوءِ ١٥ سالن لاءِ مدراس جي ”هندو“ اخبار جو ڪراچي ۾ نمائندو رهيس، جڏهن اوچتو هندوءَ جي ايڊيٽر ڪستوري سرينواسن کي پنهنجي نمائندي کي ڏسڻ جي سڪ ٿي تہ مان بہ ٢٣ فيبروري ١٩٥٦ع جو وچي دهليءَ جي ويلنگڊن ايئر پورٽ تي پهتس.

هندوءَ جي دهلي واري نمائندي مون کي لوڪ سڀا ۽ راڄيہ سڀا ڏيکارڻ جي آڇ ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن وچـي اتي پهتس. اتفاقاً هندستان جي لوڪ سڀا جي اسپيڪر منگلداس پڪواسا جو ديهانت ان ڏينهن ٿيو هوءِ اسيمبلي معطل ٿيل هئي. پهچڻ تي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم تہ ميمبر هائـوس مان نڪري رهيا هئا ۽ پريان هائوس جي ڏاڪڻ تان هڪ نوجوان ٽپا ڏيندو مون ڏانهن اچي رهيو هـو. جان ڏسان تہ ڊان جو نمائندو ضميرالدين احمد هو جو مون کي ڏسي نہ رڳو خوش ٿيو پر عجب بہ لڳس تہ ڪراچي ڇڏي ڪيئن اتي پهچي ويو هوس.

اتي ئي هندوءَ جو نمائندو رنگا سوامي اچــي پهتو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون کي خالي ٽيل هال ڏيکارڻ لاءِ هائوس ۾ وٺي هليو. مان هتي چوندس ته آزاديءَ کان اڳ ساري پڙهيل ڳڙهيل طبقي جون اکيون نيو دهلي ۽ لنڊن ۾ هيون ته اسان جي قسمت جي فيصلي جي باري ۾ اتي ڇا پيو وهي واپري. هند اسيمبلي ۽ پارليامينٽ ۾ جيڪي پئي ٿيو ان جو اسان جي ساري زندگيءَ سان واسطو هو. مان ان هند اسيمبلي ۾ اندر وڃي رهيو هوس جنهن کي هاڻ لوڪ سڀا ٿا چون. ايوان خالي هو، رڳو ڪرسيون ۽ ڊيسڪون هيون. منهنجي نظر اڳيان ٽري آيا اهي زمانا جڏهن هن ايوان ۾ آصف علي چيو هو "طوطے کا آواز کون سنتا ہے اس نکارخانہ میں."

مون کي رنگاسوامي پريس گئلري ڏيکاري. اتان هيٺ خالي ڪرسيون ڏسڻ ۽ اندر ئي اندر ۾ اهي اڳوڻا ياد ڪيم جي چؤڏاري انهن ڪرسين تي ويهي ڏارين انگريز حڪمرانن سان لڙائي جوٽيندا هئا. دل ۾ اهي يادون ڪٺيون نڪتس ۽ اچا ٽائين سانديو ويٺو آهيان.

## اهي مهاندا

چارلس لئمب هڪ ئي بيت لکيو آهي جنهنجو عنوان آهي Those Familiar Faces يعني اهي مهاندا. اسين به گذريل وقت جي اسڪولي دوستائي ڏينهن کي ياد ڪري خوش پيا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندا آهيون. وقت ڦري ٿا وڃن، ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ٽڙي پکڙي ٿا وڃون. خبر نہ آهي تہ انهن ڪهڙا مقام وڃي وسايا آهن پر چڻ دل تي اڪريا پيا آهن.

اوچتو ئـي اوچتو ڏهـہ سال ٿيا هڪ ڏينهن وڪٽوريا روڊ تي ڪنهن گلي ۾ ڪٽي ياٺهن وڏي. جان ڪري ڏسان تہ منو. پنجاهہ سالن جون ڳالهيون اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون.

ڏسان ڪري ساڳيو منو. ساڳيو قد بت ڪٽي انچ بہ ڊگهو ٿيو هوندو، باقي وار ننڍڙا امريڪن اسٽائيل ۾ ڇپڙ تي سنهڙيون وريل مڇون. پر اهو ئي منو. مون بہ ڪري ياڪر پاتس. اصل نالو منوچر اٿس ۽ مرحوم غلامعلي نانا جو پٽ. حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. هاڻ تہ هو تازو ڊائريڪٽر آف پاسپورٽ جي عهدي تان رٽائر ٿيل هو ۽ مان بہ مارننگ نيوز مان رٽائر ڪري ڦريس پئي، پر ننڍي هوندي جون يادگيريون تازيون ٿي ويئون.

اهو هاءِ اسڪول هاڻ نورمحمد هاءِ اسڪول سڏجي ٿو. اسڪول جي بيهڪ ئي بدلجي ويئي آهي. سيني پاسن کان عاليشان جڳهيون پيئون ڏسجن، پر اسان جي اسڪول ۾ هڪ بلاڪ پنجن ڪمري جو هو ۽ دروازي وٽ هڪ عمارت ۾ ڊرائنگ ڪلاس، ان سان لڳولڳ سائنس هال ۽ ان جي ڀيان ٻيو بلاڪ جنهن ۾ بہ پنج ڪلاس هئا. مان ۽ منو

پهرئين بلاڪ واري پهرئين ڪمري ۾ پهريون درجو پڙهندا هئاسين، جتي سڀ ڇوڪرا ماستر ٺاڪرداس لعلواڻيءَ جا ڦٽاڪا پڌندا هئا. ماستر اصل جل ڦٽاڪو هو. سندس حيدرآبادي عامل واري پٽيئي جي پجامي ۽ ململ جي چولي واري ڊريس ۾ هوندو هو. باقي ڪوٽ ۽ پيرن ۾ بخمل جو پرت سان سليپر پيل هوندو هوس. ڪلاس ۾ آيو ته ڇوڪرن جو چڙ ساه مٽ ۾ هوندو هو. مجال جو ڪو گهر جو ڪم نه ڪري آيو هجي. ونئي واڪو ڪندو ”ڇڙي ڪري ڇم ڇم، وديا ڪري ٻم ٻم.“ ڪين هٿ ۾ ڪٺي ونئي ڇوڪرن کي ڊونڊاڙيندو هو. جيڪڏهن ڪو ڇوڪر گهر جو ڪم نه ڪري آيو ته چٺي ڏيندو هو ته وڃي هر هڪل اسڪول ۾ ڇو آيو آهين.

اهي ڏينهن ياد ڪري خوش پئي ٿياسين. منو جو والد صاحب ان زماني ۾ هاءِ اسڪول جي آمهون سامهون ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال هو. مرحوم جج فيروز نانا ان وقت پنجون درجو پڙهندو هو. منو ۽ مون ڪان وڏو هو ان ڪري اسين ان کي گڏجي نه سگهندا هئاسين. اهو زمانو هو جڏهن جپان ۾ زبردست زلزلو ٿيو. منو ۽ مان ڪب هئاسين ۽ مرحوم فيروز نانا سڪائوٽن جو مهندار هو. سڪائوٽ بئنڊ ۾ ڊرم ڪٺي وڄائيندو ڪڪ مارچ ڪندو هلندو ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون فيروز نانا کي جج ٿيندو به اکين سان ڏٺو. مان مارننگ نيوز جو رپورٽر هوس. ڪورٽ ۾ وڃان ته ڏسان بينچ تي فيروز جو والد صاحب غـلام علي نانا ويٺو آهـي. مون کي سڏي پر ۾ وهاريائين ۽ چيائين تـه دل جـي مـراد اڄ پوري ٿيندي. دل ۾ آس رکيو ويٺو هوس ته پٽ کي اکين سان جج ٿيندو ڏسان. اها آهي مائٽـن جـي دل واري دعا جا رحمتون ٿي آٿي.

ياد پيو اڇيم مرحوم مير غلام علي ٽالپر، سنڌ جو وزير ٿيو، تنهن کان پـوءِ پاڪستان جو بـه وزيـر ٿيو ، ساڳئي ڪلاس ۾ بينچ تي اهو به ويٺو هونـدو هـو. گهڻيئي دفعا ڪراچيءَ ۾ گڏيو ۽ ڏسي خوش ٿيندو هو. سڏائين سنو ۽ ۽ ٽوروگالهائڻ، جهڙو اسڪول ۾ هوندو هوس. جڏهن مسٽر جي-ايم- سيد سنڌ پراونشل مسلم ليگ جـو صدر هو تڏهن هڪ ڏينهن ڏٺم تـه مير صاحب اتـي ويٺو آهـي. يڪدم سڃاتائين ۽ مون چيومانس تـه مير صاحب، ياد اٿـوَ ماسٽر ٺاڪرداس جا ڏينهن، ته وٺي کلياٿين.

هڪ پاسي مير صاحب سانتيڪو ۽ سهڄ سياءِ وارو تـه ٻئي پاسي هن جـو ڀاءُ مير غـلام الله ٽالپر، جنهن جو آواز اهڙو بلند هونـدو هـو جو ڪٿي ڪٿي ٻـڌڻ ۾ ايندو هو. اصلي ڀانهون ڀيو هٿـدو هـو. ٻئي ڀائـر هڪ ڪـمدار عرس

سان گڏجي ايندا هئا ۽ ساڳئي ئي ڪلاس ۾ هئا. ان ڪان پوءِ عرس ڪي ڪونہ ڏٺو اٿم.

باقي ياد ويٺو ڪريان هڪ دوست جو بہ همڪلاسي هو ۽ حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ گڏجي رانديون رونديون ڪندو هو، تازو گذاري ويو آهي. گهڻيئي دفعا جڏهن بہ مليو تہ پريان ڪيڪاريندو. چوندو: هاڻ ڇا پيو ڪرين ۽ منهنجو جواب بہ اهڙوئي هو تہ شڪور ڇڏ انهن ڳالهين ڪي.

مرحوم عبدالشڪور منشي جهڙو صحافت ۽ وڪالت ۾ نالو ڪڍيو تهڙو ئي انسانيت وارو انسان هو. سدائين پيو کلي ۽ پنهنجي سدا ملوڪ منهن مان مٺا اکر ٻولي. دوستيءَ جا ننگ آهن ۽ اهي بہ همڪلاسي جا! اهي ڏينهن پيا ياد اچن جڏهن حيدرآباد ڪاليج جي قليلي مئگزين جو سيڪريٽري هو. خدا هن کي وڏو ڪيو ۽ سچ پچ دل جو درياه هو. خداوند ڪريم هنکي جنت ۾ جڳهہ ڏي.

پهرئين درجي ۾ ڇهہ مسلمان ڇوڪرا هئا. ڇهون جنهن جي ڳالهہ هاڻ ڪندس، اهو غريب هو، ۽ ڳالهائڻ ۾ بہ شايد ڪا اٽڪ هوندي هئس. ڪلاس ۾ ماستر ٺاڪرداس جي پوندي ڪانہ هئس. اسين ڪلاس مان ٻاهر وڃڻ لاءِ ماستر کي چوندا هئاسين.

”مي آءِ گو آئوٽ سر؟“

پر هي يار سدائين چوندو هو، ”مينگو سر“.

اڪثر گهٽيءَ ۾ رهندو هو. ڪيترا دفعا مونکي اتي گڏيو آهي، پري کان ئي چوندو ويندو آهي ”مينگو سر“. ائين چئي هو به کم تي وڃي ۽ مان به ڪيس ڏسي خوش ٿيندو هوس.

مارننگ نيوز ۾ رپورٽر هوس ۽ هڪ دفعي ڪراچي ۾ هندستان چئنسري جي دعوت تي وڃڻو پيو. مسٽر ياتيا پريس اٽئچي هو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪراچي ۾ يونائيٽيڊ پريس آف انڊيا خبر رسان ايجنسي ۾ رپورٽر هو. منهنجي ساڻس چڱي واقفيت هئي چئنسريءَ ۾. اوچتو ئي اوچتو شريمتي ياتيا مون کي چيو، مان توهان کي سڃاڻان. مون کي ڏک لڳي ويا ته مون ته ڪڏهن به هن هندستاني سهڻي سلڇڻيءَ جو منهن نه ڏٺو آهي. مون حيرت ۾ پئي اڇا ڪجهه چيو به نه هو ته هن چيو ته مان وڪيل لولا جي ڌيءَ آهيان ۽ منهنجي ڀيڻ جي هرچو ٻٽانيءَ سان شادي ڪيل آهي. هرچو اڇا توهان کي ياد ڪندو آهي ۽ توهان کي گهڻا گهڻا پيار ڏنا اٿس.

هرچو ۽ مان ۱۹۲۷ ۾ ماڊل هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ ڇهين درجي ۾ گڏ پڙهندا هئاسين. نه رڳو ڇهين درجي ۾ پر مئٽرڪ ڪلاس ۾ به ساڳئي ڊيسڪ تي گڏ وهندا هئاسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان زمانـــي جي اسڪولي محبت هئي جنهن ۾ ڪڏهن به
پاڪستان ثيڻ تائين ڦيرو نه آيو.

ڪيڏانهن هو ويو ۽ ڪٿي مان هوس. دل ۾ يادگيريون ڪٺي هلٽيون آهن. سالـــن جا سال ٿي ويا هئا ۽ هرڇوءَ ڪي ياد ڪري اکين ۾ پاڻي اچي ويو. پري ٿي ويا آهيون. سالن جا سال گذري ويا آهن پر اهي ڳالهيون وسرڻ جون نه آهن. بس دل ۾ جيئن شل سکيو هجي.

آئمو هيرانندائي ۽ مان حيدرآباد ۾ هڪ ئي گهٽيءَ ۾ چوڙي جي سامهون رهندا هئاسين. صبح جو ٻئي ڄڻا گڏجي اڪال پونگو گهٽي لتاڙي، بختي نائـــي واري پاڙي مـــان لنگهندا، پوسٽ آفيس رستي تان ٿيندا وڃي اسڪول پهچندا هئاسين. ٻئي درجي جـو ماستر هڪ پيرسن واڌومل واڌوائي هو، جو مزي جهڙو ماستر هـو. ڪلاس ۾ اندر گهڙ ته به ماسترڪي پيرين پوڙو هو ۽ جي موڪل جي گهنٽي لڳي ته به ان جي آسيس وٺي هئي: پر شل نه ڪنهن ڏينهن ديـــر ٿي وڃي! دروازي ڪان ٻاهر بيهاري ڇڏيندو هـو. اسڪول جي وقت ڪڏهن مون ڪي دير ڪڏهن آئمي ڪـي دير ٿي ويندي هئي، پر جي دير ٿي ته ٻئي ڄڻا ڪلاس جي ٻاهران بيٺا هوندا هئاسين ۽ ماستر جو سوال هوندو هو ته اڄ ڪنهن دير ڪرائي. اتي ئي ڇئي ڏيندو هو ڇوڪرا ٻنهي جي ڦبر

تي وڃي لعنت وجهجو .

آتمي ۽ منهنجي دوستي گهڻو وقت هلي ۽ ڪراچيءَ توڙي حيدرآباد ۾ سدائين گڏ گذاريوسين . آتمو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ بہ بمبئي ۾ اوريئنٽل انشورنس ۾ ملازم ٿـي ويو هو ۽ وچڻ وقت پنهنجو آٽوگراف سان فوٽو ڏنائين پر روئي ڏنائين. چيائين مون پنهنجي صحيح اي-ڊي- هيراننداڻي ڪئي آهي پر مون کي فقط آتمو لـکڻ گهربو هـو . پـوءِ وري مون کي نہ گڏيو آهي.

١٩٥٦ع ۾ پهريون دفعو هندستان ويل هوس . دهليءَ ۾ پنهنجي پيڻ وٽ وڃي لٿس، ٻاهر ڪن ڪالونين ۾ سنڌي رهيل هئا . پاڇيون پٽيون ۽ پيو گهرو سامان شهر مـان گهرائيندا هئا . ڏنم تہ ڪو ماڻهو شام جـو پڇي ويندو هو ۽ پئي ڏينهن صبح جـو سامان پهچائـي ويندو هو . ٻڌم تہ اهڙي طرح هو ڪيترن پين گهرن کي بہ سامان پهچائيندو هو ۽ اهڙي طرح ڪجهہ سندس پلئہ پوندو هو . هڪ ڏينهن مون هن کي ڏٺو تہ منهنجي منهن ۾ پئي نهاريائين .

مون پاڻ پئي سمجهيو تہ مون هن کـي ڏٺـو آهي پر مون کي ياد نہ پيو اچي. نيٺ ڪجهہ هـري آيـم ۽ چئي ڏنـم تـہ مان توکي سڃاڻان پيو اسين ڪراچـي ۾ ڪنهن اسڪول ۾ گڏ پڙهيا آهيون . هن بہ چيو تـہ مان پاڻ ائين

پيو سمجهان ته نيو هاءِ اسڪول ۾ گڏ هئاسين.

اهي آهن انسان جي حياتي ۾ ملڻا جهلڻا پر ڪيترو به وقت گذري وڃي تڏهن به اهي ننڍي هوندي جون اسڪولي دوستيون ۽ چلولايون ياد ڪري من سرهو پيو ٿئي.

## گهورڙيا

رابيندرانات ٽئگور جي ڪهاڻي ”ڪابولي والا“ ننڍي هوندي پڙهي اٿم. ڪابولي پٺاڻ ۽ سڪو ميوو انهن ڏينهن ۾ جدا ڪري نه سگهبو هو. غريب پٺاڻ ٻار ٻچا ڇڏي پيٽ گذر ڪرڻ ۽ اولاد لاءِ ڪجهه توشو ٺاهڻ لاءِ هندستان جي هر شهر ۾ ڏسڻ ۾ ايندا هئا. هڪ ڪابولي بس اهڙي طرح روي بابوءَ جي ڪهاڻيءَ جو ڪردار ٿي رهيو آهي. سڪو ميوو ڪٽي، ڇپو مٿي تي رکي ائين ڦڙندا هئا جيئن اڄڪلهه پٺاڻ ”ڪپڙو ڪپڙو“ ڪري ڪراچيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

هي ڪابولي، ڪلڪتي ۾ بينگالي بابن لاءِ نئين ڳالهه نه هئي. هڪ پاڙي ۾ هڪ بينگالي گهر اڳيان اهڙو ڪابولي هوڪو ڏيندو هو. ٻارڪي ڏسي پنهنجي ڌيءَ ڪي ياد ڪندو هو جا پنيان ڇڏي آيو هو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڦاٽل پنو ڪيسي مان ڪڍي ڏسندو هو جنهن تي سنڌس ٻار جي هٿ

والاريو ماڻهن لاءِ مصيبت ڪونه ٿيندا هئا.

شام جو خاص ڪري هڪ ڪومچي وارو برنس روڊ تي اچي نڪرندو هو. چوڪر ٻاهر به ميڙاڪو ڪيو بيٺا هجن ته ٿڪي ۾ ڇهه شيون، ڪچوڙي، واڱڻ جو پڪوڙو، مرچائي پڪوڙو، ڊبل روٽي، چٽني وغيره دونو پرچي ماڻو آهي. مزا لڳي ويندا هئا. اڄڪلهه پڳڙن جي پڙي چٽين آني ڪان گهٽ نه ٿي ملي. اها به چڻ مهرباني ٿا ڪن.

ڪراچيءَ جا پٺيا گول گپي وارا به پنهنجي نالي سان هئا. پئسي جا ڇهه گول گپا مٺي چٽني سان پري ڏيندا هئا. ۽ پئسي ۾ ڏهسي ورو جو اڄ فريسڪو وارو هڪ روپيه جا پنج ٿو ڏئي. هڪ هڪ گول گپو چٽنيءَ سان پريندو پني تي ڏيندو وڃي ۽ تون ڳڙڪائيندو وڃ. اڄ ڪلهه ته هنن ڪي ڏيڻ جو نمونو به نٿو اچي.

هيءَ خاص ڪراچيءَ جي ڳالهه آهي پر جي حيدرآباد ويندا ته پاڙي پاڙي ۾ دال وارا ڏسبا هئا. پئسي ۾ به پوريون ۽ دال، مٿان سنڌيل بصر جو ٽڪر ۽ چٽني. اسڪول ۾ ٻار وڃن ته ماءُ ماني پچائيءَ ٻار ٻاهران ڇهه پن دال جا ٽڪي ۾ وٺي اچي. سڀ خوش.

اهي ڏينهن وري ڪونه ايندا. سڄي سنڌ ۾ خاص ڪري شهر شهر ۾ هڪ پٺيو هڪ صندوقڙي ڪٽي ڦرندو نظرايندو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هـئي. اهــو آئيس ڪريم وارو هو. ڪپڙي ۾ ٽــڪو ڪير جو چاٽو ويڙهيل هوندو هوس ۽ ڪپ سان ٽڪر ڪپي ڏيندو هو.

پيا مزيدار گهورڙيا به پئيا هئا. اهي شايد خانداني گهورڙيا هئا جن ڪانسواءِ مان ٺٺو سمجهان ته ڪوبه مصالحدار پڳڙا وڪٽي به سگهندو. ڪاري پٽي سان ململ جي ڌوتي ۽ سفيد ڪرتو پاتل ۽ مٿي تي سفيد پئين جي ٺڳيل ٽوپي پيل، رستي جي ڪنڊ ڪنڊ تــي هڪ دبــو ڪلهي ڪان لٽڪايو بيٺا هوندا هئا ۽ مزي سان راڳ پيا هونگاريندا هئا.

”جو ميــرا چنان ڪــاوي اسڪا لال بــدن هو جاوي،
چنان جور گرم....“

اهو سچو راڳ پڙڻ سان تعلق ٿو رکي.

اهــي غريباڻيون ڳالهيون ٿيون. پــر ڪڏهن ڪڏهن موقعي سان شڪارپوري ملائــي آئسڪريم وارو يا ڦالودي وارو اچي لنگهيو ته وٽ پاڙي پاڙي ٿي ويندو هو. چئن آنن ۾ پيالو پري ڏيندو هو. ڦالودو، پڪل مٺيون سيئون جن جي مٿان برف جو چورو، شربت ۽ آئسڪريم جي رونگ! بس پئسي جي راند هئي پــر جي ڪو خاص موقعو ملندو هو ته اسين به وات مٺو ڪندا هئاسين. اهي برڪتون انهن ڏينهن جون جڏهــن هڪ روپئي جو سچو گيهه ۽ به آني سير ڪيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو هو.

پر جي گهورڙين جــي ڳالهه نڪتي آهي ته پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ جي گهورڙيا مون ڏٺا ته ڏندين آگريون ڏيڻيون پيئون. هڪ دفعــي ڏسان تــه هڪ سهڻن ساون پنــن سان سينگاريل نيلهي تــي ميڙاڪو لــڳو پيو آهي. نيلهي وارو چيڻــي جــون پليٽــون ڪنيــون ڪــپ سان ڪڄهه وڏي ڏيئي رهيو آهــــي. فلڪ سان ٽماٽا، موريــون، پٽاٽــــي گجرون ۽ بيٽ ڪپيءَٽان لوڻ مرچ وجهي رهيو هو ۽ ماڻهو شوق سان چمچي سان کائي رهيا هئا. اهي گهورڙيا منهنجي لاءِ نئي ڳالهه هئي. پر سڀ ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو شغل آهي.

هڪ ڏينهن پريان ڏٺم ته آٽ ڳاڏيءَ تي هڪ برف جي لاڏي اپي تي رکي هــئي ۽ هڪ ماڻهو به پرسان بيٺل هو. چا ڏسان تــه برف ۾، ساين سنگتريون ڪنيو آني جو هوڪو ڏيندو پئي ويو، پــلا هــي ڳالهيون ڏسڻ سان وسهڻ ۾ اچن ٿيون. اسين ڪڏهن نــه سنپرياسين تــه اهڙي طرح موبائيل فرجڊيئر به ڪٽي گهمبو آهي.

پر مزو ته انهيءَ ڳالهه جو آهي ته اسان جا گهورڙيا بي طرح هوشيار هئا. ڦاروئــڙن کي هاڻ ڦالسا ٿـا چون. هڪ ڏينهن ته مون سمجهيو ته هو خالصا پيا ياد ڪن. پر ڳالهه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هوڪي جي آهي. اسانجا گهورڙيا هوڪو ڏيندا هئا. ”مٺا ڪٽا ڦارونٽڙا، هنئين ٺار ڦارونٽڙا“. هي ٿا چوڻ فالسا شربت وارا. ڳالهه ڪين ڪل!

ٺنڊي محمد خان جا انب ڪاٺـو ته چمن جي خوشبوءِ پٺــي ايندي ، انهن چمن جو هوڪو به اهڙو ئي هو: چمون ويچارا ، ڪارا ئي ڪارا، ڪارا رام جا پيارا... پڌي دل پيئي هرڪي. باقــي ٺارو شاهه جـا سنگترا ۽ حيدرآباد جـا زيتون چٽي ڪري بس ڪر.

انهــن ڏينهن ۾ انب دزن جــي حساب سان ملندا هئا. خاص ڪري بدين وارو پاسو انبن کان مشهور هو. حيدرآباد ۾ سادي جئين آني ڪان ڇهه آني دزن ملندا هئا. ڪراچي ۾ ملير جــي انبن کي ڪو پڇندو به ڪونه هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انبن جي ٺيلهن تي ماڻهو مڙيل ڏسُم. ٻـه چار سير چوسڻا انب خريد ڪري، هٿن سان پٽڙو ڪري اتي جو اتي وٺي ٿي کلون ڦٽيون ڪيائون. رستي تي بيهي وڏا سچا اهڙي طرح انبن چوسڻ جي حرڪت سنڌ ۾ نه ڪندا هئا.

هوڪا ته سنڌ ۾ ڪيئي گهورڙيا ڏيندا هئا، پر هڪڙو پيو به پڌائيندس. ڪوٽڙيءَ ۾ ريل گاڏيون منجهيون هيون ۽ اتي پليٽفارم تــي ننڍڙا ننڍڙا ڇوڪرا هوڪو ڏينــدا هئا: پنڊ ڪوٽــڙيءَ جــي منــو حلياو. مٺيون مٺيون ڪارڪون

ڪوٺڙيءَ جون مشهور هيون. ٻئي آني جي پنڌ وٺي خوش ٿيو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گهوڙڙيا هاڪر ٿي پيا آهن. هوڪا ڪونه ڏيندا آهن، رستي روڪ ڪندا آهن. گهڻي ڀي دفعا مهمون هليون ته هي رستا ۽ فوٽ پاٿ پيادن ۽ گاڏين جي آمدرفت لاءِ آهن پر هي سائينءَ جا سنواريا ٻڌنـدا ڪين. ميونسپالٽي جي ٺهرايل فوٽ پاٿن تي ته مالڪاڻو حق هٿي وينا آهن، جڻ خانداني ورثي ۾ مليل اٿن. هڪ دفعي هڪ وزير صاحب مسٽر عليم احمد هاڪرن سان فوٽ پاٿن تان هٽائڻ واري بي انصافي لاراهڻ لاءِ وزيراعظم جي ڪوٺي تي جلوس وٺي ويو هو.

اهو نه آهي تـه عيدگاهه جو ميدان آهي جو ڪاليو پيو آهي ۽ هاڪر وچي وينا آهن، پر شاهه شاهوڪاري فوٽ پاٿ ۽ رستا مارڪيٽ بنايو وينا آهن. جي ڪو چوين ٿو ته ڪتو جواب آهي تـه ”هم ڪيدر جائين؟“ فوٽ پاٿ گهڻي ڀي دفعا خالي ڪرايا ويا آهن، پر پوءِ اهوئي ملاڪڙو لڳو پيو آهي. هڪ دفعي لالوکيت ۾ ته عام شاهراه تي اهڙو رڻ لڳو پيو هو جو لنگهڻ جو به رستو نه هو.

پـــلا هي رستا ۽ فوٽ پاٿ جـي شهرين جي ڏان مان ميونسپل ٺهرائي ٿي ته اهي پنڌ ڪرڻ لاءِ آهن يا اهڙو وڏل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيو آهي ته ديناداستي هاڪر والاري وهن ۾ ڪو چوڻ وارو به نه هجين. جي اهڙي حالت آهي تہ فوٽ پاٿ ۾ رستا ٿهرائجن به ڇا جي لاءِ، ٽئڪسون ڏجن بہ ڇو. جيڪڏهن قاعدا آهن ته عمل ۾ آڻڻ لاءِ آهن ۽ نه هاٿي جي ڏندن وانگر ڏيکارڻ لاءِ آهن.

گهٽيئي دانهون ڪيون هيوسين تہ ”هيڙا هاڇا ٿيـن پنهور ۾“ پر ڪنهو ڪجهہ به ڪين.

انگريزن جي راڄ ۾ جڏهن اڃا اخبارن جي اشتهاربازي نہ ٿي هئي تہ روز ۱۰ بجي پوليس چئري مان هڪ دهلاري نڪرندو هو ۽ دهل تي ڏونڪو هڻي چوندو هو تہ ”پڙهو سرڪار جو، حڪم بادشاهہ جو“. ۽ اهڙي طرح نون قاعدن جو اعلان ٿيندو هو. اهڙي طرح سرڪاري پڙهن ۾ حڪمن وانگر هاڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ مٽي هير لڳي آهي. هڪ ڏينهن ڏٺم تہ ڪچهري روڊ تي سائيڪلن وارا سڀ تيڙ ٿاڙيون سيڙهيو انـدر ڪري وينا هئا. ميونسپل ڪارپوريشن جي سامهون ايم. اي جناح روڊ تي بہ ڪجهہ ٿاپر هئي، پر ڏسون تہ ميونسپالٽي جي حڪم تي ۲۵ آڪٽوبر تائين ڪهڙي طرح ٿو عمل ٿئي.

رستي روڪ هٽائڻ لاءِ تہ ڪي. ايم. سي ڪي به عملو آهي، اهو ڪهڙيون ويٺو مکيون ماري؟ جڏهن ڪراچيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي سئيز جي هن پـر ۾ صاف ۽ سھٹو شھر چوندا هئا، تڏھن تہ دوڪاندار رستي تي رکيو ڪرسي يـا بينچ رکندا هئا تہ نالو لکجي ويندو هون ۽ هڪدم ڏنڊ يا ٻي سزا ڏني ويندي هئي. هاڻ ڪليوڪلايو قاعدي جي مٽي پليد ڇو ڪئي پئي وڃي؟

جڏهن ايـوب خان جو دور شروع ٿيو تڏهن بہ شھر ۾ ساڳيو حشر لـڳو پيو هـو. پاڪستان چونڪ کـان مٿيرو آڏوٽـرام روڊ تـي هوٽــل واري اڏ فوٽ پاٽ والاري چلها ٺھرايا ۽ اتي پوريون ٽربيون هيون.

٧ آڪٽوبـر ١٩٥٨ع صبح جـو پلٽڻون ڪوڏرون ۽ ڪھاڙا کنيو اهي چلها ۽ پيون رستي جون رنڊڪون ڊاهي رهيون هيون.

## سنڌ جون سٿايون

انسان کي روئٽا لڳا پيا آهن. ڇيم ڇو نہ اڄ مان سڀ وساري ٽوهانجو وات مٺو ڪرايان. گھٽوئي وقت ٿيو جڏهن يا تہ کنڊ مهانگي هئي يا تـہ نوابشاه ۾ ويچارن سائين جي سنوارين، انسان ذات کي ڊائيا ٻٽيس کان تحفظ ڏيڻ وارن، ڏنـدن کي داندانسازن جي چمٽي کـان بچائيندڙن، محنت ڪري پئسي کي ڪمائي ٽجوڙين ۾ رکڻ وارن، ساهمي سير

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪٿي سير جا پئسا وٺــي ڪلو توري ڏيــڻ وارن خــدا جي مخلوق تــي رحم ڪائي ڪنڌ جــون ڳوٽيون درياه حوالــي ڪري ڇڏيون. مڇين ۽ مانگرن، ڏيڏرن ۽ ڳانگٽن لاءِ مزا لڳي ويا هوندا!

بس مون به چپ ڇپن تــي ڦيري اهـي ڏينهن ياد ڪيا جڏهن چندوءَ جو حلوو، بادامين ۽ پستن سان ٻر ٻر ٿيل، ڏهين آني سير وٺي ڪائيندو هوس. حلوائيءَ جي دڪان تي ويهي سرهاڻ سان مغز معطر ٿي ويندو هو، پـر چندوءَ جـو حلوو ڏسندا هئاسين ته دل خوش ٿـي ويندي هئي. ڪراچـي کان حيدرآباد مٽن مائٽن وٽ وڃبو هو تـه پڪ هونـدي هئي تـه ڪراچيءَ کان حلوو ضرور آيو هونــدو. هنن کــي اهو خيال خواب ۾ به نه ٿي سگهيو ته ڪراچيءَ کان مهمان آيل آهي ۽ سوکڙي طور حلوو نه آيل هجي.

اها هئي ساراهه چندوءَ جي حلوي جي. چندوءَ جو نالو وٺڻ سان پڇڻ جي يا پڇاءَ ڪرڻ جـي ضرورت محسوس نـه ٿيندي هئي. اهـڙي طرح اولـڊ ٽائــون ۾ آسو حلوائــي به پنهنجي نالي سان هو ۽ هن جو حلوو به سنڌ هند ۾ مشهور هو. هت ته ٿالهه ۾ پيل حلوي کي ڪپ سان وڍي، توري سيرڪ دٻي ۾ بند ڪري ڏيندا هئا پر بمبئي ۾ ڏٺم تـه اهي سنڌي حلوائي فئشنبل ٿي ويا هئا. هـي ڳالهيون ١٩٥٦ع

جون آهن. حلوي جون سنهي پني ۾ ويڙهيل چڪيون ڪپڙن ۾ رکيل هيون ۽ هڪ سير لاءِ ١٦ چڪيون ڪيدي سهڻي سوڪڙيءَ جهڙي دٻي ۾ بند ڪري ٿي ڏنائون.

مٺائي جي لحاظ کان حيدرآباد جا پوڪرنا حلوائي به پنهنجي نالي سان هئا. ذات جا برهمڻ هئا ۽ مٺائي ناهڻ هنن جي پشت به پشت ڪرت هئي. جن جي خاص مٺائي سنهي ٻوندي مان ٺهيل تليبڏي هئي، جا ٿالهه مان چڪا چڪ ڪيدي ڏيندا هئا. ٻونديءَ کي نختي به چئبو آهي پر اها چڙ و چڙ ٿيندي آهي ۽ ان جا لڏون به ٺهندا آهن. تليبڏي ٻي شيءِ آهي. تمام سنهي ٻوندي گيهه ۽ کنڊ جي چاش يا ريشي ۾ گڏيل، ٿالهه ۾ حلوي جيان يڪا يڪ پيل هوندي هئي، جنهن جون چريءَ سان چڪيون ڪري سگهبيون هيون. ڇا ان جي سرهاڻ، ڇا مِٺاج! حيدرآباد جي خاص سوغات هئي.

پوڪرنا حلوائي صبح جو اشنان ڪري اڇي ڌوتي ٻڌي، گلي ۾ جٽيو پائي جڏهن دڪان تي ويهندا هئا ته جڻ پاٺ پوڇا لاءِ آيا هئا.

نصرپور جو ڳوٺ پليجاڻي اسٽيشن کان ڪجهه فاصلي تي آهي ۽ صدين کان پنهنجين سوسين ۽ کيسن جي هنرن کان مشهور آهي پر جڏهن پوين پيرن تي هو تڏهن به،

تازيون باداميون پٽي ڪٽي آيو آهي. ڪڏهن به ائين خيال نه ٿيندو ته جي پستن جي مٺائي ۾ چڪ هنيءَ ته ساڌو رنگ ڏنل کير جو مائو هوندو.

جيڪڏهن پيڙا نصرپور جا، مٺائي شڪارپور جي ته انبن جو مربو ٺٽي محمد خان جو. ٺن چٽن روپين جو مربي جو ڪؤلو (ٺڪر جي دڪسي ڍڳهي ويڪري منهن سان) ملندو هو يا ته ٺٽي محمد خان جي سوڪڙي ٿي ايندو هو. ٺٽي محمد خان جا انب چٽي ڪري بس ڪريو. مربي ٺاهڻ ۾ هنن ڪان ڪو ورلي پڇي سگهندو هو. هاڻ جي خبر نه آهي ته مربي ٺاهڻ وارا اڃا آهن يا نه، پر سڄي سنڌڙي ۾ ان جو نالو هو.

ننڍڙا صوف، انهن جو چوٿيءَ سان ٻج ڪڍي، مربو ٺاهيو هو. هي مربو گهرن ۾ ٺاهيو هو. ڪنڊ جي چاش ۾ گلاب جو پاڻي ۽ ورقن سان ٺهيل، گهرن ۾ صبح جو نيرن تي ان جو چڱو ٽي واهپو هو. انهيءَ ڪانسواءِ پتائي گجرن جو ڪدوڪش جنهن کي به مربو چئبو هو، اهو به مزيدار ٿيندو هو. برنين ۾ مربا رکيا هوندا هئا ۽ اها خوراڪ خاص ڪري نيرن تي ڪتب ايندي هئي.

پر جي آچار پڇو ته سنڌيل انبڙين ڪان ڪو گهر خالي نه هوندو هو. انبڙيون سنڌ ۾ سنيون ٿينديون هيون ۽ طرح

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

طرح جا آچار ٺهندا هئا. مان نٿو سمجهان تہ ڪو سنڌي دڪان تان آچار خريد ڪندو. هي سڀ زالون گهرن ۾ ناهينديون هيون ۽ چيني جون وڏيون برنيون پريون ئي پيئون هونديون هيون. انبن جي موسم ۾ ١٠ سير يا اڌ مڻ انبڙيون گهرائي ان جا ڪات سان چار ٽڪرا ڪري تيل ۾ سنڌبيون هيون. ڪئين تہ مصالحا پوندا هئا، هي سانڌاڻو گهڻ جو بہ ٺهندو هو جو بہ لذيذ ٿيندو هو.

ٻيا هئا انبن جا آچار، يعني انب ساوا هجن ۽ اجا پڪا ڪانڻ جهڙا نہ هجن. انهن مان مٺيون چٽڻيون، سرڪي جو آچار، ڪدوڪش ڪتر تيل انبن مان ٺهندو هو. اهي نموني نموني جا آچار ٿوري مقدار ۾ شيشي جي برنين ۾ رکيا هئا.

ٻيا آچار جن جو عام رواجي واهپو هوندو هو اهي هئا بصرن، پتائي گجرن ۽ ليمن جا آچار.

هي سڀ گهرو هنر زالون سنڀالينديون هيون ۽ هنن کي خبر هئي تہ ڪهڙي وقت تي ڪهڙو آچار ۽ مربو ناهڻو آهي. ان لاءِ اڳ ۾ ئي تياريون شروع ٿي وينديون هيون. مثال طور مربن لاءِ گلاب جو پاڻي يا موتئي جو پاڻي گهڻن گهرن ۾ ڪرنقل مان چڪائي، بوتلون پري، ميٽ لڳائي، پڻين تي اُس ۾ لٽڪائي ڇڏيندا هئا تہ اُس جي گرميءَ ۾

سرهاڻ ۾ زور وٺن.

حيدرآباد جي چاليهي جي گرمي جي ڪنهن کي خبر نہ آهي! چاليهن ڏينهن لاءِ گرم گرم لڪون لڳن. ان ڪري شربت ٺهندا هئا، گلاب ۽ موتئي جو پاڻي انهن ۾ ڪتب آڻين، سيڪو ٽڏو شربت پي پاڻ ٺارينڊو هو.

اهي ڏينهن اهي شينهن. هاڻ تہ ليبلن لڳل آچار جا شيشا دڪانن تان پيا ملن، اڄ جا چار آنا ۽ اڳي جو هڪ پئسو، پر اهي سواد ئي پيا هئا.

(سوئا ڳئون جي ڪير مان پس ٺهندو هو ان کي مٺائي تہ ڪونہ چئبو پر خبر انهن کي جن کاڌو هجي. هاڻ شايد ان کي چئنا گلاس چوندا آهن، اهو شان ڀهراڙين جو.)

## ٻادا

سٺ سالن جي ڳالهہ آهي؛ مان چوٿون سنڌي پڙهندو هوس. بابا پيٽاري اسٽيشن تي اسٽيشن ماستر هو ۽ اسٽيشن کان ٣ ميل پري مان ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ گهوڙي تي چڙهي "بادا" ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئاسين. مون کي تڏهن کان بادا ياد آهي. هڪ ننڍڙو واهڻ ٤٠-٥٠ گهر، ٻــن قطارن ۾ ورهايــل ۽ پنيان درياهہ شاهہ. "دهشت دم

درياهہ جي، جنھن ۾ ”لس لھريون ليٽ“ جي چش تڏھن کان آئي. درياہ جي ڪپ تي ٻيھي ڪري نھار تہ چڱ ڀيو پاسو آھي ئي ڪونہ. پاڻيءَ جي اٿل ۾ ڀريان ڪتي ٻيڙي يا ڪو مھاڻو ترندو، پلا ماريندي ڏسڻ ۾ ايندو ھو. اھا ٻادن جي يادگيري دل ۾ سانڍي پيو ھلندو ھوس.

ڏک اٿم تہ ٻادا وري ڪونہ ڏٺا اٿم. آھي يا نہ آھي. ڀوءِ سکر ٻراج ٺھي ۽ غلام محمد ٻراج چڱ تہ کلھہ، ڪالھوڻي ڳالھہ آھي. ڇا ٿيو، نھرون ٺھيون، واھہ نڪتا يا درياہ رخ بدلايو يا اصل ٻادا کي پاڻي ويو، پر ٻادا اڄا جيءَ سان جڙيا پيا آھن. اڄا اھي ننڍي ھوندي جون يادگيريون تازيون ڪري ٻادا کي ياد ڪيم تہ (١٩٧٣) ٻوڏ جون خبرون اچڻ لڳيون. درياہ شاہ جي اٿل ھيٺ سڄو ڪچو پاڻي ھيٺ اچي ويو.

ڀڏاپور جو نالو آيو، انڙپور ۽ ڀيٽارو تہ پاڻي پاڻي ويو پر ٻادن جو نالو مون نہ پڙھيو. ٻادا اصل ھئا درياہ جي ڪپ تي، ڀرانگ پاڻي درياہ جو ديدار ڪري سگھبو ھو. ٦٠ سال گذري ويا آھن الائي ڇا ٿيو. نہ تہ سڪل واھن مان جھر جھنگلن مان، ٿٽل ٿٽل پلين تان ۽ ڪلراٺي ميدان مان ڀيچرا لتاڙي وڃي اسڪول پھچبو ھو. اسٽيشن کان ھڪ ميل پري جتن جو ڳوٺ ھو جن جو ڏنڌو ئي اٺ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪلڻ. آءُ جي مونث ڏاچي، تـڏهـن مان سڪيو هوس. ياد اٿم تہ ڏاچيءَ جو کير پيئڻ بہ اتي پهرين ڏٺم. شاهہ جي رسالي ۾ آءُ جا هيترا نالا متارو، چانگـو، ميو، بـودو، ايڙو ۽ پيا اکر بہ هرن پيا تہ اتي پڌا اٿم، شل خوش هجن.

پيتاري اسٽيشن کان هڪ طرف بادا هئا تہ پيتارو ڳوٺ ٻئي طرف ۽ هـن ڳـوٺ ۾ وسـڻ چڱي هئي. مال جـو اچڻ وڃڻ گهڻو ڪري هن ڳوٺ ۾ هو. هاڻ تـہ اتي ڪيڊيٽ ڪاليج آهي.

ريلوي جي اسٽيشن تي اهي جي اهڙي اوجهڙ ۾ رهن ٿا انهن جي ٻارن جو جيڪو حال ٿئي ٿو، انهن حالتن جو هڪ مثال مان آهيان. پڳهار ٿورا، شهرن کان پري آڪهين وارا ٻار وٺي رهندا هئا پر انهن جي ٻارن جي پڙهڻ جو يا نصيب. قسمت هوندي هئن تہ پڙهي پوندا هئا. جن کي پنهنجي ٻارن جي اون هوندي هئي تہ ڪسي ڪوئي پهرين پڙهائي جو خيال ڪندا هئا. مان ۽ منهنجو ڀاءُ سياري ۾ صبح جـو گهوڙي تي چڙهـي بادا ويندا هئاسون ۽ اونهاري ۾ صبح جــو اٺين بجي ٽرين ۾ وڃي انڙپور اسٽيشن تي لهندا هئاسين. اڌ ميل پري مانجهوءَ جو ڳوٺ هو، اتـي اسڪول ۾ پڙهــي وري هڪ بجي ٽرين ۾ چڙهي واپس پيتاري اچبو هـو. مانجهو بادن کان گهڻو سکيو ستابـو ڳوٺ هـو. ڳوٺ جــو وڏو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زميندار سيٺ وشنداس هو ۽ چوندا ئي هئا ”مانجهو، سيٺ وشنداس جو ڳوٺ“. مانجهو جي ڳالهه وشنداس کان سواءِ ٿي نه ٿي سگهي. سيٺ هرچند راءِ وشنداس مانجهو جو هو ۽ سندس پٽلو ڪيترن سالن تائين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي حاطي ۾ لڳل هو. سيٺ هرچند راءِ ١٩٢٨ع ۾ سائمن ڪميشن جي خلاف بيماري جي حالت ۾ هندستان جي قانون ساز اسيمبلي ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ ويندي رستي تي گذر ڪيو.

ننڍي هوندي جون يادگيريون آهن. مانجهو جي اسڪول مان اتي سڌو ئي سڌو رستو وٺي اچي انڙپور اسٽيشن تي هڪ بجي واري ٽرين ۾ چڙهي پيٽاري پهچبو هو. ڪڏهن ٿوري دير ٿي ته گاڏي پيئي سيٽيون هڻندي هئي ۽ انڙپور جو اسٽيشن ماسٽر مسٽر چانڊو مل پيو واڪا ڪندو هو ”جلدي جلدي“ ۽ اسين ٻه ڊوڙون پائي وڃي پهچندا هئاسين. ٽي سال پيٽاري اسٽيشن تي رهياسين. انهي وچ ۾ مان چوٿون سنڌي پاس ڪري حيدرآباد جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس. سومر جي صبح جو حيدرآباد اچي ناناڻي گهر رهندو هوس ۽ ڇنڇر جي منجهند واري گاڏي ۾ وري پيٽاري ايندو هوس.

شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي حياتي ۾ وڏو تفاوت آهي پر اسين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ته سڄي دنيا کان جدا ٿي هڪ برپٽ ۾ پيا هئاسين. تڏهن به ان وقت کي ياد ڪري ڪيترون پيون ڏجن.

پاسي ئي پاسي ۾ ڳاڙهين ڳاڙهين مٽن پيرن جا ڍڳ هئا. پن سنهڙا ساوا تيلين وانگر ڏگها پر پير ۾ ڪنڊ هئا جن ۾ به پيرون هيون پر ڪوڙيون. ننڍيون نينگريون سانڍي وانگر ڪنڊ تي چڙهي ويندیون هيون ۽ پيرون پٽي ايندیون هيون. مينهن پوندو هو ته نڪري پاهر ٽبو هو ۽ ميدان مان جهوليون ڪنيپين جون پريبون هيون. ڪڏهن ڪڏهن سامهون جبل تان مايون پير ڪٽي ايندیون هيون. پئسي چوٿائي آني پاٽي. انهن کي تورڻ جا وٽ ڪونه هوندا هئا ۽ چوٿاين ۽ پاٽين سان حساب ڪنديون هيون.

بادا ۽ پير اسان جي گهر سان ملي چڪ ته ان جو حصو بنجي پيا. پيرن کان سواء پيو ڪو ڏول اتي ڪونه هو، تنهنڪري پير وٺي سڀي ۾ پهي لڙهون ڪري ڏنگي چڏيندا هئاسين. انهن سڪان پيرن کي ڪوڪلا چئبو آهي. منهنجي ننڍي پيڻ ڪڪي پيتاري ۾ چائي هئي ۽ ان تي نالو ئي ڪوڪل پئجي ويو. هاڻ ماشاالله ٥٩ سالن جي آهي. ع ڏيئر ۽ هڪ پٽ اٿس. پاڻ جڏهن ١٢ سالن جي هئي ته اوڙي پاڙي ڪراچي ۾ به هن کي ڪوڪل جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ پوء نالو ڦيرائي گوڪل ڪري چڏيائون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باقي بادا، اها تہ نرالي آڪاٽي آهي. ڪڪيءَ کي ننڍي هوندي مرچ لڳندا هئا تہ واڪا ڪندي هئي بادا، بادا، بادا. بادا معني مرچ. پر وڏي عجب جي ڳالهہ تہ اها آهي تہ جڏهن ياءُ گوپال چائو تہ اهو بہ مرچن کي بادا بادا چئي واڪا ڪندو هو.

اسان وٽ پيٽاري ۾ ٻہ ٻڪريون ۽ هڪ ڳانءِ هوندي هئي. ڪڪي ڪنهن وقت بہ روئي تہ ٻڪري جي ڳولا ٿيندي هئي. ڪنهن بہ وقت ٻار لاءِ ٻني ڦڙا ملي پوندا هئا. اسان لاءِ رات جو گول ميز تي هڪ ٻاٽي کير جي ڀريل رکي هوندي هئي، جيترو کير پي سگهبو هو پيئبو هو، باقي کير ڄمائبو هو. ڏوئنرو، لسي، مکڻ، اهي ٻهراڙي جا ڏجفا آهن ۽ سچ پڇ انهن جي خبر تن کي آهي جن ٻهراڙي ڏٺي آهي.

## الطاف حسين

پاڪستان جو فيصلو ٿي ويو ۽ اورينٽ پريس جي احمد بشير ۽ هن جي ٻن ڀائرن صلاح ڪئي تہ پاڪستان واري ڏينهن هڪ خاص اخبار ڪڍجي ۽ ان وڏي ڏينهن جو استقبال ڪجي. حسن علي افندي روڊ تان هڪ اردو اخبار ”قنديل“ جي پڌرائي ڪئي ويئي ۽ ڪم زور شور

سان چالو ٿي ويو. قنديل جي پاڪستان نمبر ۾ مون ڪي ٻه پانهن پيلي ڪيو ويو ۽ پوري وقت تي شد مد سان پرچو شايع ڪيوسين. ١٤ آگسٽ تي اچو ۽ نيرو پرچم چنڊ ستاري سان سنڌ اسيمبلي تي ڦڙڪايو ويو چاڪاڻ ته ان اوچي عمارت کي پاڪستان جي دستور ساز اسيمبلي جو شرف مليو هو. هندستان کان صحافين جا جٿا اچي ڪراچي ۾ پهتا جي يا ته اردو اخبارون ڪڍڻ لڳا يا انگريزي اخبارن ۾ پکڙجي ويا. ڪي ته اهڙا به هئا جي هندستان جي اخبارن جا نمائندا هئا. ڪجهه وقت پوءِ "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر مسٽر پٿيءَ هندستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ٿي هندستاني اخبارون جن لاءِ هو لکندو هو، اهي مون کي ڏيئي ويو. هاڻ مان فقط ڪراچي جي اخبار جو نمائندو نه هوس پر هندستان جي ٽن اخبارن جو به نمائندو ٿي پيس. منهنجي ته الله ٻڌي ۽ وڏن وڏن نمائندن سان ڪلهو ٻئي هنيم. هو ته سڀ نئين دهلي کان آيل هئا جتي نه رڳو لوڪ سڀا کان واقف هئا پر جيڪي آفيسر اتان آيل هئا، انهن کي به سڃاڻندا هئا بر مان به ڏکيو چمائي ويهي رهيس. مان چاڻو ٿي هتي آهيان سو مون کي ڀؤ ڀولو ڪهڙو ٿيندو.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڪورنگي ڪريڪ تي سامونڊي هوائي جهاز آيل هو جنهن ۾ ڪي خاص نوان سائنسي

طريقا هئا ۽ ان ۾ سگريٽ ڇڪڻ جي موڪل هئي. نيوي جي اختياري وارن هڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي ۽ لنچ جو انتظام ڪيو هو. مان به سهي سنهري وجهي پهتس. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هيءَ هڪ شاندار پريس ڪانفرنس ٿي. وڏا وڏا نيوي جا آفيسر يونيفارم ۾ هئا ۽ ڪراچيءَ جا سڀ پريس رپورٽر اچي حاضر ٿيا هئا. وڏي هال ۾ سؤ کن مهمانن جو ميڙاڪو هو. مان ۽ دهلي جي اسٽيٽسمين جو نمائندو مسٽر منسڪاٽي هڪ ٽپائي جي پر ۾ ڪرسين تي ويناسين ته هڪ نئون آيل صحافي به اچي ٽين ڪرسيءَ تي ويٺو. اينٽري ۾ ئي بيرا جڳ ۾ بيئر کڻي آيا ۽ پڇڻ لڳا ته بيئر کپي يا نه. پلا ٿڌي بيئر جي ڪير نان ڪندو؟ مون ۽ منسڪاٽي ته بيئر ورتو پر نئون صحافي، جنهن اچي ڪرسي والاري هئي، تنهن انڪار ڪيو ۽ آرينج جوس جو گلاس وٺي پيئڻ لڳو. مون کي هن جي حال تي ارمان پئي ٿيو ته گرميءَ ۾ ٿڌي بيئر کان ڇو پيو ٿهي. گلاس خالي ٿيو ته بيرو وري جڳ کڻي حاضر ٿيو پر اسان جو يار آرينج جوس پيئيو خوش ٿيو ويٺو هو. مون پيو گلاس بيئر جو ورتو ۽ مان گالهائڻ کان رهي نه سگهيس ۽ نئين آيل صحافيءَ کي چئي ڏنم ته ڪهڙي قسم جو صحافي آهين جو هڙئي ٿڌي بيئر کان ٿهين پيو. هاڻ مڙيئي ڳالهائڻ جهڙا ٿياسين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان ڪڏهن ڪڏهن ويهي اهـا گفتگو ياد ڪندو آهيان ۽ گهٽي ۾ دفعا دوستن سان اها ڳالهه ڪئي اٿم ته ڪلي ڪلي پيٽ ۾ سور پوندو آهي.

نئين صحافي مون کان پڇيو "ڪهڙي اخبار ۾ ڪم ڪندو آهين؟"

"ڊيلي گزيٽ، ۾" مون وراڻيو.

هڪڙو ڏيک بيٺر جو پري مون به پڇيو "توهين ڪٿي ڪم ڪندا آهيو؟"

"ڊان ۾" هن ٻڌايو.

وري ٿوري ماٺ ٿي ۽ مون بيٺر پيئڻ شروع ڪيو. هن وري پڇيو ته ڊيلي گزيٽ ۾ گهڻا سال ٿيا اٿئي. جواب ڏيئي مون به ساڳيو سوال ڪيو.

سورنهن ڪورسن جي لنچ شروع ٿي ويئي. واه جي لنچ هئي. تنهن کان پوءِ جهاز ۾ چڙهي ڪيپ مانز تائين چڪر هنيوسين. ڏسان پيو ته هرڪو هن نئين صحافي سان سرخرو ٿيڻ جي ڪوشش پيو ڪري. تنهن ڪري چيم "واه ڊان! اچا ڪلهه آئي آهين جو اسان تنهنجو نالو ٻڌو ۽ هاڻ جڻ اسين آهيون ئي ڪونه." خير سيڪو ٽڙي پکڙي ويو ۽ ڳالهه نئين پراڻي ٿي ويئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن شام جو اسيمبلي بلڊنگ جي ورانڊي ۾ اسين ڪي صحافي ميڙاڪو ڪري ويٺا هئاسين. وزير اعظم لياقت علي خان جي چيمبر ۾ ڪابينه جي ميٽنگ هلي رهي هئي ۽ هرڪو ڪابينه جي فيصلن جي خبر وٺڻ جي انتظار ۾ هو. اتي ئي مون ڊان جي نمائندي منظورالحق کي ڏٺو ۽ چيومانس "منظور صاحب هي ڪورنگي ڪريڪ تي ڪنهن کي موڪليو هيئه." بس فقط هن جي جواب ڏيڻ جي دير هئي. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. هن جو جواب هڪ اکر ۾ هو پر ان هڪ اکر منهنجا واجڻ وڃائي ڇڏيا، جنهن کي ڪورنگي ڪريڪ تي ڏٺو هوم ۽ هن تي قياس پئي ڪادم.اهو ڊان جو ايڊيٽر الطاف حسين هو.

ان وقت مان رڳو الطاف حسين جي نالي کان واقف هوس پر ڏٺو ڪونه هئم. آزادي کان اڳ اورينٽ پريس جي نمائندي جي حيثيت ۾ منهنجون خبرون ڊان ۾ ڇپبيون هيون ۽ مون کي خبر هئي ته پوٿان جوزف کان پوء مسٽر الطاف حسين ڊان جون واڳون سنڀاليون هيون. مون هن کي ڏٺو ته ڪونه هو پر الطاف حسين جهڙو نالو آهي اهڙوئي مون هن کي تصور ۾ آندو هو ته ڪهڙي قسم جو هوندو. منهنجي خيال ۾ اهو ئي آيو هو تہ وڏين مڇن سان طري وارو پڪو پڊي ڏڏڪي سان ڊان جي ايڊيٽوريل ڪمري

۾ ويهي پاڪستان لاءِ ليک لکندو هوندو.

ڪيتري وقت کان پوءِ مسٽر منظورالحق جي جاءِ تي عيد پارٽي جي موقعي تي منهنجي مسٽر الطاف حسين سان ملاقات ٿي. ڊيلي گزيٽ جو ايڊيٽر مسٽو ڪاڪرين به اتي هو. مون جڏهن کيس اها سڄي آکاڻي ٻڌائي ته منهنجي ساڻس ٻيهر ملاقات ڪيئن ٿي ته اصل ڪل جهلي نه ٿي سگهيو.

مون گهٽي ئي دفعا ڪراچيءَ جي مدراسي صحافين جي ڳالهه ڪئي آهي ته ڪيئن مون سنڌ آبزرور ۾ فقط مدراسي صحافي ڏٺا. هنن سان ڪافي پيئڻ جو موقعو ملندو هو ۽ نڪلسن روڊ تي ايوان تجارت جي ڀرسان مدراسي هوٽل جا ارند ورا ۽ بونڊا مون گهٽي ئي دفعا کاڌا هئا. ان وقت جي سنڌ آبزرور جو اسسٽنٽ ايڊيٽر مسٽر پٽي شادي ڪري آيو ۽ ڪاڌي جي دعوت ڏنائين ۽ شايد چرچي ۾ مون کان پڇيائين ته مون کي مدراسي کاڌو وڻندو يا نه. مون جي ارند ورا ۽ دوشا کاڌا هئا ته مون کي کاڌي بابت ڪو شڪ نه جاڳيو ۽ مون دعوت تي وڃڻ قبوليو.

کاڌي جي ڏينهن مان سهي سنيري اچي مسٽر پٽي جي شڪارپوري ڪالوني واري جاءِ تي حاضر ٿيس. انهن ڏينهن ۾ اها ڪشمير روڊ کان هيٺيرو هئي ۽ ڪراچي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آخر ۾ هئي. پهتس ته خبر پيم ته ڪاڏو پٽ ۾ فرش تي ويهي ڪائٽو هو. ٻاهر بوٽ لاهي، پتلون کي ڇڪي مٿي ڪري فرش تي ويهي رهيس. گهڻو ڪري ٻيا سڀ مهمان مدراسي ڌوتي ۽ ڪرتو پائي آيا هئا. ڪن ڪـي نرڙ تـي برهمڻن وانگر چندن جا ليڪن وارا تلڪ ڏنل هئا. مهمانن کي فرش تي ٻن قطارن ۾ وهارياڻون ۽ جلدي پاتلون اڳي ويئون جي هڪ هڪ مهمان اڳيان رکيائون.

اتي ئي ڀوڄن پرچڻ جي تياري ٿي. هڪ وڏي ٿالهه ۾ چانور آيا جنهن مان چاڻيون ڀريندا پاتان تـي رکندا ويا. پٺيان ڏسان تـه هڪ ٻيو مـدراسي گيهه سان ڀريـل ننڍڙن ٻوچن جيان، ڪيريون چانورن جي مٿان رکندو پيو اچي"

مهمانن ڏاڍي پيار سان چانورن کي سيڙهي داڻي داڻي کي ڪٽي هڪ چڱو ڍڳ لڳايو. پر ڏٺم ته اڃا به ٻيو ڪو ڪورس اچڻ وارو هو. چانور رکجي ويا تـه رس سان ڀريل هڪ ڏول کڻندو، لڏندو لمندو هڪڙو ٻيو مدراسي ڪيويون ڀري پاتلن ۾ اها رس وجهندو ويو. انهي رس کي سانبر چوندا آهن ۽ شايد فقط مرچن ۽ مصالحن مان ٺهندي آهي.

مسٽر پٽيءَ جي ننڍي ڀاءُ ڪرشنن مون کي ڏنو ويٺي ۽ سڪ سان چيائين شايد توکي چانور نه وڻندا. مان توکي چپاتي ٿو آڻي ڏيان. دل ۾ خوش ٿيس پر ان وچ ۾ مدراسي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مهمانن تي نظر پيو، پنجن آڳرين سان چانورن ۽ سانبر کي ملائڻ ۾ شروع ٿي ويا هئا. جڏهن هٿ پري ڪائڻ شروع ڪيائون ته سانبر وهندي نونٺ تائين پهچي ٿي ويئي ته مٿان ڇپ سان والارا ٿي ڏنائون. مزو ته تڏهن هو جڏهن هڪ هڪ گيت ڪان پوءِ سوسات ڪري پنج ئي آڱريون وات ۾ وجهي چوسڻ کي لڳي ٿي ويا.

پاتل خالي ٿي ته پيا چانور ڏي آيا ۽ مٿان سانبر ٿي واسو ڪيو. ڪانو ڪائي واهه جو پرسن ٿيا. انهي وچ ۾ ڪرشنن هڪ چپاتي ڪٺي آيو. اهڙي سخت هئي جو هٿ سان ته ٽڪر پيچي ڪائي نه سگهيس پر پوءِ جڏهن چڪ پائڻ شروع ڪيم ته ڏسان ربڙ وانگي پيئي وڌي ۽ سسي.

پر مدراسي مهمان خوش هئا. پيٽ مان بک لهي وڃي ۽ بود ۾ اچي ويا هئا. هاڻ آهستي آهستي هٿ ۾ چانورن جا گولڙا ناهي موج سان ڦهڪائي وات سان پئي جهٽيائون.

ڪيٽن به چئو پر منهنجي خاطرداري ٿي. پڇاڙيءَ ۾ مسٽر ڪرشنن کي ارمان ٿي پيو جو مون کي ڏنائين ته مان چا ويٺو ڪريان. چيائين ته توکي پڊنگ ٿو آڻي ڏيان. مدراسي کير ۾ چانورن کي پڊنگ چوندا آهن. بس اهو ڪائي پنهنجا گهر پير ياد ڪيم. هڪ صلاح ڏيندس ته جي توهين مدراسي نه آهيو ته مدراسي ڊنر جو ڪڏهن به خيال نه ڪجو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# صحافت

محترم نعيم تيجاڻي هن ملڪ جي صحافت سان خانداني رشتو رکي ٿي ۽ ٻه ٽي دفعا هن پنهنجي والد صاحب بابت ليک لکيا آهن جن ۾ هن اسان کي پنهنجي والد صاحب جي صحافتي ڪاوشن کان واقف ڪيو آهي. صحافت جي اڳوڻي دور تي هن چڱي چوکي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ خاص ڪري سنڌ آبزرور اخبار جي مدراسي ايڊيٽر مسٽر پنيا جو ذڪر ڪيو آهي ته هو پاڻ کي ايم - ايف ڪوئيندو هو ڇاڪاڻ ته هو مئٽرڪ فيل هو. منهنجو فقط چوڻ آهي ته ايم - ايف چوڻ ۾ ڪوبه چرچو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ اهو چوڻ غلط آهي ته هو پاڻ کي ايم - ايف چوندو هو جنهن مان ڪوبه مطلب نه ٿو نڪري.

صحافت جي دورن جي باري ۾ گهڻو ڪي لکيو اٿم. مان ته نه رڳو آهيان ڪي ان وقت جو پر سنڌ آبزرور ۾ ڪيئي سال ڪم به ڪيل اٿم. تنهن ڪري وري ٻڌائيندس ته مسٽر پنيا ڪڏهن ڪڏهن خوش مزاجي ۾ چوندو هو ته مان ايم - پي آهيان يعني مئٽرڪ پلڪڊ آهيان. پر رڳي اها ڳالهه نه آهي. ايم - پي ڪنهن ٻئي مطلب سان به واسطو رکي ٿو جنهن ۾ ڪي چرچو آهي. انهن ڏينهن ۾ ايم - پي

جـي معنيٰ هئي ميمبر آف پـارليامينٽ، سو جـڏهـن مسٽر پنيا ايم- پي چوندو هو ته اسين سپ ڪلڻ شروع ڪندا هئاسين.

مان هن چوڻ لاءِ معافي طلب آهيان ته منهنجو نه رڳو سنڌ آبزرور سان ڪافي رشتو رهيو آهي پـر مسٽر پنيا سان وقت گڏ گذريو آهي. هن جو آواز ايڏو تـه زوردار هـو جو ڄڻ گجگوڙ ٿو ڪري. مون کـي ڪجهه ڊاڪـريلس لـکڻ جو شوق هو ۽ هڪ نظم ۾ لکيم:

"He is speaking in such n tone,
As if he was on a microphone."

مسٽر پنيا هڪ ڪالم لـکندو هو "شاٽ اينڊ شيل" جنهن ۾ سندس نالو علي بابا يا ونود هوندو هو. ڪراچي ڊيلي جو ايڊيٽر ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي پنهنجي ڪالم "بنڪم ٽاڪس" ۾ مسٽر پنيا جا چٿا چـوڏا لاهيندو هـو ۽ کيس سندس پهرئين نالي ڪوٽمراج سان ڪوٺيندو هوس. انهي انداز ۾ مون هڪ نظم لکيو جنهن جـون پڇاڙي جـون ٽڪون آهن:

"Vinode and Ali Baba he is known at large,
He is Karachi Daily's favourite Kaka Kotam-
raj."

مسٽر پنيا جو ڪالم مزيدار هوندو هو ۽ ان جي ساراه ٿيندي هئي ۽ هو مٿترڪ پاس ٿيل به ڪونه هو. هن شروعات

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ دوا ناهڻ واري ڪمپني ۾ ڪئي هئي جتي هو ٻاتلين تي ليبلون هڻندو هو. ان مان وڏي هو سنڌ آبزرور جو ايڊيٽر ٿيو جتي ڪيئي ڪاليج جي ڊگرين سان سندس هٿ هيٺ ڪم ڪري رهيا هئا. سنڌ آبزرور اخبار اها هئي جنهن کي دوست دشمن پڙهڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندا هئا.

مسٽر پنيا کان سواءِ مسٽر پٽي اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ "ڪوئي هئم" جي نالي سان ڪالم لکندو هو جو سنڌ آبزرور جي بليٽن ۾ ڇپبو هو. مسٽر پٽي چڱو انگريزي ۾ لکڻيداس هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مان بہ هن جا ڪي جملا ياد ڪري لکندو آهيان. مسٽر پٽي سنڌ آبزرور جي ورهاڱي کان پوءِ پڇاڙي جو ايڊيٽر هو جنهن کان پوءِ پاڪستان ۾ اخبار جو پير علي محمد راشدي سان دور شروع ٿيو ۽ ختم بہ ٿيو.

ڪالمن جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ چوندس تہ انهن ڏينهن ۾ هندستان جي اخبارن ۾ ڪالم لکندڙن سان ٽڪر لڳائڻ وارو ڪو وڙلو هوندو. هتي ڊان آئي تہ ان جو نمونو ٿي اور هو پر دهلي واري ڊان جو شان ٻيو هو. ان جو پهريون ايڊيٽر پوٿان جوزف هو، جو هندستان جي ايڊيٽرن ۾ خاص هستي رکندو هو. هن جي ڪالم "اوور اي ڪپ آف ٽي" جهڙو ڪالم ڪو ورلي ٿيندو. پر جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بمبئي سينٽينل جي ايڊيٽر جو ڪالم ”ٽملائيٽ ٽئٽرس“ پڙهندا هئاسين ته هن جي چرچي ڪرڻ ۽ ٽوڪبازيءَ کي داد ڏيڻو پوندو هو. هو انگريز، پر انگريزن جا چوڏا لاهيندو هو.

دهلي جي نئشنل ڪال اخبار جي هڪ سوڪڙي ڪاڻ ڪراچيءَ ۾ اچا آهي. مسٽر ضمير صديقي ڪراچيءَ جو برک صحافي پهرين اتي ڪم ڪندو هو. اخبار جي شڪل پنهنجي غربت جي ساک ڏيندي هئي. ايڊيٽر سهاني جي ڪالم ۾ واهه جو مصالحو هوندو هو جو دهلي وارن لاءِ بم گولي جو ڪم ڪندو هو. پر ڪالم ته انڊين ايڪسپريس جو! چئي ڪٽي بس ڪر. ڪاسا سبراين ڪالم ”ساڪا“ جي نالي سان لکندو هو جنهن جو عنوان هو مسلني يا سنپينٽس. پهرئين ۾ دنيا جو واءُ سواءُ طنز سان ڏيندو هو ۽ ٻئي ۾ دنيا جي مکيه واقعن جا حوالا ڏيندو هو. مون پاڪستان ۾ اهڙو ڪالم امروز ۾ ڏٺو آهي، جي ”پس منظر“ يا ”امروز و فردا“ جي عنوان سان هوندا آهن.

ڪلڪتي جي هندستان اسٽئنڊرڊ ۾ ”فار دي هاء برو“ ڪالم ۾ انگريزيدانن ۽ وڏن فيلسوفن جي فلسفي جي شائق هندستانين کي چنگ چاڙهڻ لاءِ هو. پوءِ انهي ساڳي اخبار ۾ سنڌ جي حشو ڪيولراماڻي به لکڻ شروع ڪيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن جي ڪالم جو نالو هو "پاڪستان ايڪسريڊ." ويٺو دهلي ۾ هو پر لکندو هو پاڪستان جون ڳالهيون.

باقي مون ڪان جي پڇو ته فري پريس جنرل بمبئي جي اخبار جا ايڊيٽوريل فري اسٽائيل ۾ هئا. ايڊيٽر سدانند پنهنجو ايڊيٽوريل مها ڀارت يا رامائڻ جي وارتائن تان شروع ڪندو هو ۽ آخر ۾ انهن جي حوالي سان انگريز حڪومت جا لاهه ڪيندو هو.

باقي انگريزن جي اخبارن ۾ خنڪي، شاهوڪاري ۽ حڪومت جي اقتدار جو اوج اهڙو هو جو ڄڻ ملڪ جو اونو فقط انهن کي ڏنو هو. بمبئي مان "ٽائيمس آف انڊيا" برطانيه جي يونين جيڪ پاليسي کي برقرار رکندي ائين ڏيکاري ڏيندي هئي ڄڻ ته سڀ ديسي ماڻهو سندس رحم ڪرم تي ڇڏيل هئا. مهاتما گانڌي جي ڊانڊي مارچ پيري ايڊيٽر سر فريئنسز لي لکيو: "لوڻ ناهڻ وارن جي هن مسخري واري هلت سان برطانيه جو وار به ونگو نه ٿيندو جنهن جي سلطنت تان سج لهيئي ڪونه."

دهليءَ جي اسٽيٽسمئن به پنهنجي حاڪماڻي نوع ۾ ڪئٽ انڊيا هلچل پيري اخبار ۾ هڪ اڌ ڪالم مقرر ڪيو جو ڪانگريس جي هلچل جي خبرن کي ڏنل هو. عنوان هو "ڪرئڪس ڪارنر" يعني "خفتي ماڻهن جون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خبرون.“

مدراس مان بہ بستن ايڊيٽر جي نالي سان مدراس ميل نڪرندي هئي ۽ هيڏانهن لاهور مان ”سول اينڊ ملٽري گزيٽ“هئي جنهن جو تعلق ان رڊيارڊ ڪپلنگ سان ڏيکاريندا آهن جنهن جو عقيدو هو تہ مشرق ۽ مغرب ڪڏهن بہ پاڻ ۾ ملي نہ سگهندا.

اسان جي ڪراچي ۾ ڊيلي گزٽ جو پهريون دؤر اهڙو ئي هو. جتي هاڻ مارننگ نيوز آهي سا بلڊنگ ڊيلي گزيٽ اخبار جي هئي. اها پوءِ مسٽر هوشانگ ڊنشا خريد ڪئي جنهن ۾ پوين ڏينهن ۾ هي خاڪسار ڪم ڪندو هو. اصل ۾ سر مانٽيگو ويب اخبار جو ڪرتا ڌرتا هو ۽ مسٽر مائيٽ ايڊيٽر، جو ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو تہ مان توهان جو مائيٽ آهيان. اخبار صوبي ۾ انگريزن جي پذيرائي لاءِ هئي ۽ خاص ڪري سيٺ ڪنهن نموني جا صاحبلوڪ اها اخبار پڙهندا هئا.

سر مانٽيگو ويب ماليات جو ماهر سمجهيو ويندو هو. هندستاني رپئي ۽ انگريزي پائونڊ جي ايڪسچينج تي چڱائي ليک لکندو هو. هن کي چوندا ئي هئا سلورڪنگ. انهن ڏينهن ۾ ملڪ اڳيان هڪ خاص مسئلو هو تہ هڪ رپيو برابر هڪ شلنگ ۽ چار پينسن جي آهي يا هڪ شلنگ

۽ ڇهه پينسن جي. هن باري ۾ ملڪ جا سربراهه ڇٽن پينسن لاءِ هٿا پر انگريز ۽ سر مانٽيگو ويب سدائين ڇهن پينسن مان هندستان کي فائدو پڄائيندا هئا.

پيون هندستاني اخبارون گهٽو ڪري ڪانگريس جو رخ ڏيکاريندڙيون هيون. دهليءَ مان هندستان ٽائيمس، مدراس مان هندو، بمبئي مان بامبي ڪرانيڪل، لکنو مان نئشنل هيرلڊ، ڪلڪتي مان امرت بازار پتريڪا ۽ هندستان اسٽئنڊرڊ، پٽنا مان سرچ لائيٽ ۽ لاهور مان ٽربيون. ڪراچيءَ ۾ سويلئي ٽربيون پهچي ويندي هئي جنهن جو ايڊيٽر ڪالينات ناگ هو. انهيءَ جا ايڊيٽوريل ان وقت جي مطابق اهڙا زوردار هوندا هئا جهڙا اسان جي مسٽر الطاف حسين جا. هي سڀ اخبارون سنڌ آبزرور اخبار جي آفيس ۾ ايندڙيون هيون ۽ مون کي اخبار خريد ڪرڻ جي ڪٽني ڪانه هئي ۽ ڇڏيندو هڪ به اخبار ڪونه هوس.

الله آباد مان سر چنتامڻي جي ليڊر اخبار به پنهنجي نالي سان هئي جنهن جي پاليسي ائيني بيسنت جي ڏر واري لبرل هئي جنهن جو پوٽلڪ هتي ڇيتمل پرسرام گلراجاڻي هو، جو ڪڏهن هندواسي ۽ ڪڏهن پارت واسي جي نالي سان اخبارون ڪڍندو هو. باقي هڪ حيدرآباد دکن مان اخبار نڪرندي هئي جا هئي ڊيڪن ٽائيمس جنهن جي شڪل

شبيهہ اسان جي فرنٽيئر ميل جهڙي هئي، پوءِ پڌم ته جوزف پوٿان بہ ان جو ايڊيٽر ٿيو . مارننگ نيوز ۾ هاڻ منشي چپراسي آهي اهو انهي اخبار مان آيل آهي .

ڪلڪتي مان هڪ مسلم اخبار شايع ٿيندي هئي جا هئي ستار آف انڊيا. انهي سان مشهور عبدالرحمان صديقي جو تعلق هو جو پاڻ ڪي سنڌي سڏائيندو هو . ان اخبار جو ايڊيٽر مسٽر محسن علي ڪراچي ۾ مارننگ نيوز جو ايڊيٽر ٿيو. پيو ايچ - ايم - عباسي بہ آهي جو ڪراچي ۾ هڪ هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر آهي .

مرحوم مسٽر عشير ڪجهہ وقت لاءِ ڪراچي ۾ ڊان جو اسسٽنٽ ايڊيٽر هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن قائم مقام ايڊيٽر هو . هن جي اصل اخبار مدراس جي مدراس ميل هئي. مان بہ اصل ڪراچي جو رهاڪو آهيان جنهن ڪڏهن بہ هندستان جي سرزمين ڏٺي نہ هئي پر پاڪستان کان پوءِ هتي هڪ فارين ڪرسپانڊنٽ ٿي پيس . مون جن هندستاني اخبارن جو، پريس ٽرسٽ آف انڊيا سوڌو ڪم ڪيو آهي، اهي آهن مدراس جي ”هندو“ ۽ بمبئي جي ”مارننگ سٽنڊرڊ“ ۽ ”پارت“، جي بند ٿي ويون آهن. پيون آهن دهلي جي انڊين نيوز ڪرانيڪل ۽ ڪلڪتي جي هندستان اسٽئنڊرڊ .

انهي کان سواءِ شروع ۾ مدراس جي انڊين ايڪسپريس

جو به نمائندو هوس. منهنجو آزمودو آهي ته اخبارن وارا پنهنجن پاهرين نمائندن کي سمجهندا آهن ته هو هوا تي هلندا آهن. مهينن جا مهينا گذري ويندا هئا ته پئسا ڪين ايندا هئا. هيڏانهن مان وڏو ماڻهو ٿي هوٽل ۾ رهندو هوس ۽ پئسا ڏيئي ڪونه سگهندو هوس.

مون کي به هڪ ڏينهن خار لڳا ۽ مدراس جي انڊين ايڪسپريس کي خبر تار ذريعي موڪليم ته گرداس واڌواڻي بک هڙتال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ خدا کي به درخواست ڪئي اٿائين ته مسٽر گوئنڪا کي مت ڏي ته غريبن جو خيال ڪري. پڳهار برابر اچي ويو پر نوڪري ختم.

## پنهنجي حياتيءَ جون جهلڪيون

رهيو ۽ پڙهيو ڪراچيءَ ۾ آهيان پر واسطو گهٽو ٻهراڙيءَ سان پيو آهي، تڏهن شهري زندگي ۾ پليل ٿي به ٻهراڙين کي پيو ياد ڪريان. بابي کي ريلوي جي نوڪري هئي ۽ منهنجي سانپر کان اسٽيشن ماسٽر هو. مان ۽ منهنجو ڀاءُ ڪراچيءَ ۾ هئاسين پر وئڪيشن ۾ مائٽن وٽ وڃڻ لاءِ ريلوي جي پاس ملندي هئي. اهڙي طرح پيٽارو، پڊاپور، خدا آباد، اڏيرو لعل، شهدادپور، ڪنٽڙ، ماتلي، بدين،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيو سعيدآباد ۾ ريتي ڏنا اٿــم ۽ ڪتني سالن جا سال رهيو آهيان. نوڪري جــي ڳولا ۾ جــي ڏڪا کاڌم تــہ هالاڻي، ڀهلاڻي، ڪنڊيارو، ٺٽيا، خيرپور، گمبٽ، ناروشاه، پڊيا، هالا، ٻٽ شاه، مورو، قاضي احمد، ٽنڊو محمد خان، سرهاري، لنڊو، ٽنڊو آدم ۽ نواب شاه ڏٺم. صحافت جــي زماني ۾ سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، دادو، لاڙڪاڻي ۽ موهن جي دڙي جو منهن ڏٺم. باقي ڪراچي جي آسپاس مون ڪي مارننگ نيوز ڏيکاري. ڪراچيءَ جو ڪو حصو نہ آهي جو نہ ڏٺو اٿم پــر هڪ پاسي لس ٻيلو ۽ ٻئي پاسي ٺٽو، انهي ايراضي ۾ گهڻو گهميو آهيان. سائين توهان کي نيڪي ڏئي، باقي مارئي جو ملڪ ۽ لاڙ جو ٺٽي وارو پاسو ڪونہ ڏٺو اٿم.

ڪراچيءَ ۾ ماڊل هاء اسڪول ۾ بہ ٽــي سال ماستر هوس. جڏهن اتان ڇٽي ملي تہ ڏولاون ۾ پئجي ويس. پر چا مان چا ٿو ٿئي، سڄي سنڌ ڏسي ورتم. ڪراچي ۽ لس ٻيلي کان سواء سڀ ڳالهيون پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ جون آهن. ايڪڙ ٻيڪڙ شهرن کان سواء سيني کــي ڳوٺ چئجي پر هاڻ تہ ٻڌان پيو تہ ٤٠ هــزار ۽ ٥٠ هـزار آبادي تہ ليکي ۾ ڪانهي. روهڙي جي آدمشماري ڇـون ٿا هڪ لک آهي. مون هڪ لک ماڻهو حيدرآباد ۾ پـڌا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئا ۽ ان کان وڏيڪ ڪراچي ۾ هئا. چوان پيو تہ جي
وري وڃان تہ اهي ڳوٺ منهنجي لاءِ تہ نوان هوندا ۽ اهي
جي نشان اڃا منهنجي دماغ ۾ آهن، اهي مون کي ڪيڏن
ڏسڻ ۾ ايندا.

خيال ڪيو اٿم تہ ڪجهہ هنن سيني بستين کي نقشي
تي رکي ڪجهہ ياد ڪريان.

پيٽاري اسٽيشن کان ٽن ميلن تي بادا ڳوٺ جا قصيدا
تہ اڳيئي لکيا اٿم پر پيٽ ۾ اڃا گهڻو مواد مبهم حالت ۾
پيو آهي. اهو سڀ اوڳاريان، ان کان اڳ ڪجهہ پنهنجو
تعارف ڪرائيندس. چاڪاڻ تہ پڙهيل گهڻو نہ آهيان پر
پڙهيو گهڻو اٿم ۽ پڙهڻ جي اڃا پچر ڇڏي نہ اٿم. ماستري
کان پوءِ گهڻو ڪري .P.W.D ۾ رهيو آهيان يا اخبارن ۾
چڪر لڳايا اٿم. ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي، پر
صندوقڙيءَ ۾ ٻہ ٽي ڪپڙا ۽ ويهہ پنجويهہ ڪتاب ڪٿي هايو
آهيان. اسڪول جي زماني کان لکڻ جو شوق رهيو اٿم
۽ هاڻ پيو خيال ڪريان تہ مان ڏهيو ٽي ان لاءِ هوس.
ستين درجي ۾ انگريزي ۾ هڪ مضمون لکيم، عنوان هو
فولس پيراڊائيز. منهنجي ماستر مسٽر اي-بي- آڏواڻي اهو
مضمون ١٩٢٨ع ۾ ڪراچي ڪاليج جي مسلنيءَ ۾ ڇپايو.
هاڻ تہ ڳالهائي نہ ٿو سگهان پر اسڪول ۾ چڱو ڏبيٽ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻهرو ورتـــم ۽ هڪ دفعي هئٽ نائيٽ فنڪشن ۾ ٻهريـون انعام ڊڪنس جو Pickwick Papers ڪتاب مليو.

زماني جـي گردش ۾ نـوڪري لاءِ حيران ٿــي پيس. گهر ۾ منهنجي ملڪيت فقط منهنجا ڪتاب هئا. جـــي نڪمٽائي يا واندڪائي ۾ ڪتاب ڪڍيم ۽ پڙهيم ته بابي ۽ منهنجي ماءُ کي خار پيا لڳندا هئا ته امتحان پاس ڪيئه هي ڪتاب ڇو رکيا اٿيئي، اجائي جاءِ والاري ويٺا آهن. ڪجهه ڪر نه ته هڪ ماڻهو ڪمائڻ وارو ۽ سڀ کائڻ وارا. بابو انهن ڏينهن ١٩٣٤ع ۾ شهدادپور جو اسٽيشن ماسٽر هـو ۽ ريلن جي پريان P.W.D. جـو بنگلو هـو. واقفيت ڪري ٢٥ رپين جي نوڪري ملي. ويني ڪان وڃندي پلي P.W.D. ۾ رهيس، داروغا، آبـدار، اوورسيئر ڏٺــم ۽ آفيس ۾ ڪم ڪـندو هـوس. ڊسٽريبيوٽـريـون، مائنرون، برانچون، ڪئنال ۽ ريگيوليٽر ڏٺـم. انهن ۾ مون کـي ڪو پلاڻـــي ڪونه سگهندو ته بـراج جو پاڻـــي ڪيئن ساري صوبـــي ۾ پهچي ٿو وڃي، ۽ انجنيئر ڪهڙي طرح ارٿ ورڪ يعني کوٽائي، واهن جي مضبوطي، رستن جي جوڙجڪ ٿا ڪن ۽ بنگلن کي پوچـي ٿا ڏيارين. اسٽيميٽ ڪيئن ٺهندي آهي، ڪانٽيجنسيز ڇا آهن ۽ امپريسٽ اڪائونٽ ڇا ٿيندو آهي.

اتي جا به ٽوٽڪا ٿيندا آهن. انجنيئر هڪ ڇت ٺهرائڻ

۾ حرڪت ڪئي پوءِ جڏهن ٻه ڪلارڪ تي انجنيئر ڪاوڙبو هو ته ڪلارڪ چوندو هو، ”اوپر ديکو“.

پيون ڳالهيون چڏي توهان کي ٻڌائيندس ته مون ساهتي ڪيئن ڏٺي. هن ٽڪري ۾ نوشهرو فيروز کان وٺي ڪنڊياري تائين اچي ٿا وڃن. هي ٽڪرو هو جنهن ۾ گهٽا انگريزي پڙهي، پتلون پائي ديوان ٿي پيا. هن ايراضي جي ڪلچر پنهنجي تي پيئي، يعني پهراڙيءَ جا به هئا، پر ذهني طرح شهري ٿي پيا. محنت، سادگي ۽ قوميت هنن جي نشاني هئي، ۽ جڏهن اتي جا ڇوڪرا ڪاڏيءَ جي قميص ۽ ڪاڏيءَ جي پتلون پائي ڪاليج ۾ آيا ته ڪراچيءَ جو ماحول ئي بدلجي ويو. پر ايترو چئبو ته پنهنجي ڳوٺن ۾ هنن جا مائٽ اچا ڏوتي ٻڌندا هئا. انهي ڪلچر ۾ ٻـه طرفي پسند نمايان هئي.

هينئيون لطيفو هڪ سچو واقعو آهي جنهن ۾ هڪ اڪر جو ٻه وڏاءُ ڪيل نه آهي. اهو ڏيکاريندو ته بابا جي بدين بدلي ٿيڻ بعد نوڪري وڃائي مون ساهتي ڪهڙي طرح ڏٺي.

١٩٣٦ع ڌاري جي ڳالهه آهي، هڪ ڏينهن هالاڻي اسٽيشن تي لٿس ته ٽڪٽ به ڪانه هئي. کيسي ۾ ڇهه آنا هئا، اسٽيشن ماسٽر جو پٽ هوس، ٽڪٽ بابوءَ کان ڪلي جان ڇڏايم. P.W:D. جو بنگلو اسٽيشن کان ٻـرانگهه پنڌ

تي هو ۽ پڪ هئم ته وچڻ سان نوڪري ملندي. اسسٽنٽ انجنيئر نارائڻداس مينگهاڻي ۽ سب ڊويزنل ڪلارڪ ڪاڪو شامنداس سچاتل هئا. مون هنن وٽ شهدادپور ۾ ڪم ڪيو هو سو سورنهن آنا خاطري هئي ته نوڪري ملندي. منهنجا نشا تڏهن ٽٽا جو هوليءَ جون موڪلون هيون ۽ ٻئي هالاڻيءَ ۾ ڪونه هئا. هڪ ٻيو ڪلارڪ ويٺو هو، هن ائين ڏي سمجهيو هوندو ته پيچ ڦيرائڻ لاءِ يا نوڪريءَ لاءِ آيو آهيان.

ڪيسي ۾ پئسا ڪونه هئا نڪو ڪنهن ٻئي کي سڃاڻندو هوس ۽ نڪو هن يار سڌو منهن ڏنو. ڇيائين هوليءَ جون موڪلون آهن ۽ انجنيئر ۽ وڏو ڪلارڪ ڳوٺ ويل آهن. آفيس مان ٻاهر نڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريم. خيال ۾ئي نٿي آيو ڇا ڪريان، هڪ ڏينهن ۽ رات ڪيئن گذرندي! نيٺ واپس اسٽيشن تي ويس جتي پتو پيو ته ٻنهي پاسن کان گاڏيون ٻه دفعا، صبح جو ۽ رات جو اينديون آهن تنهن جي معنيٰ رات تائين انتظار ۾ وهڻو هو.

مون کي هاڻ ٻه ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته مون ڇو فيصلو ڪيو ته ١٧ ميل پيرين پنڌ ٽارو شاهه وڃان. مان ٽارو شاهه ۾ ڪنهن کي به ڪونه سڃاڻندو هوس. ڪاڪو شامنداس پريا جو هو ۽ ضرور هالاڻي اچڻ لاءِ ٽارو شاهه ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٽرين ۾ چڙهڻ لاءِ اچڻو هو. ٽرين اتان به رات جو نڪري ٿي ۽ مون کي خيال هو ته مان اسٽيشن تي هن کي گڏبس. ٺارو شاهه ان وقت به ڪو نندو ڳوٺ نه هو. اتي جا سنگتڙا سڄي سنڌ ۾ مشهور هئا پر جيڪي ٿيو ان جو سربستو احوال ڏيان ٿو.

مون کي ياد آهي ته مون ريل جو پٽو ونسي ٺارو شاهه جو رخ ورتو. سليپرن تان ٽپا ڏيندو هلندو پئي ويس. صبح جا اٽڪل ٩ هئا ۽ اٽڪل ١٢ بجي ساڃي پاسي مٿاهين تي هڪ چڱو شهر ڏسڻ ۾ آيم. خبر هئم ته هالاڻي کان پوءِ ڪنڊيارو آهي پر ڏنل ڪونه هوم. وڃي شهر ۾ داخل ٿيس ته چانهه جو نالو ٻڌڻ سان دڪاندار حيران ٿيو. چيائين هتي چانهه جو دڪان نه ٿيندو آهي. شهر جي ٻاهران سرڪس آيل آهي اتي شايد چانهه ملي.

اتان ٿي هيٺ اچي رستي ۾ پيس ۽ رستي جا ميل پٿر ڳڻيندو ڳڻيندو اٽڪل ٤ بجي ٺارو شاهه جي ٻاهران هڪ پل وٽ پهتس. پل هئي يا ڪلورٽ پر ڪجهه اهڙي طرح هيئان ڪسيءَ مٿان ٻنهي پاسي نيڊيون پٿيون هيون. مان ٿڪل، ٽٽل ۽ بکايل هوس. اڃا اهو خيال به دل ۾ نه آيو هو ته ٺارو شاهه پهتو آهيان پر ساراهه ڪريان سبحان جي ته ان کان اڳ ۾ ٿي سامهون ڪنهن کي ڏٺم جنهن مونکي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيڪاريو تہ تون هتي ڪيئن؟ مان وڏيڪ هن وقت ڪجھہ
چئي نہ ٿو سگھان پر هاڻ دل ۾ گيتا جا اکر هرن پيا تہ
”جڏهن اونده انڌوڪار ٿئي ٿو يعني مشڪلاتون منهن
ڪڍن ٿيون تہ مان اچان ٿو.“

ان وقت مون رڳو چيو تہ مان ٿڪل آهيان ۽ .... هن
مون کي همٿ سان ڪري پڪڙيو ۽ گهر وٺي هليو. اڇا
اجرا ڪپڙا ڪڍيائين جي سنان ڪري مون پاتا. کٽولي تي
هڪ غاليچو وڇايل هو ۽ مان اتي سمهي پيس. ڪجھہ
وقت ٿيو تہ مون کي ڏونڌاڙيائين تہ منهنجي اک کلي پيئي.
چيائين ڪاڪو شامنداس توکي ڪوٺي وينو.

پنهنجي نوڪريءَ جي ڳالهہ سچ پچ هتان ٿي شروع
ٿئي. هيءَ منهنجي تيرٿ ياترا ڏيکاري ٿي تہ ڪا اڻ ڏٺل
طاقت آهي جا اسان کي چريائن کان بچائي ٿي. مان اهو
وقت ياد ڪري خوش پيو ٿيان. مان ڪوٺ پاڻي، ٻوٽ
اگهي شامنداس وٽ پهتس. هو سيٺڪي گهر آيل هو يعني
هن جي پٽ جي شادي هن ڪٽنب مان ٿيل هئي. مان
جنهن جو ازغيبي مزمان ٿيو هوس ان جو تعلق بہ ان ڪٽنب
سان هو. وچ ۾ ٿي ڏٺم تہ پوريون، پڪوڙا، مٺائي ۽ ميوو
پليٽن ۾ حاضر آهي. پلا ڪاڪو شامنداس هن گهر جي
چوڪريءَ جو سهرو هو سو چانہ خاطرداري هوندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪاڪي کي ٻڌايم ته توهان کي گڏجڻ آيو هوس.
وڏي اپٽار ڪان، ٿو ڪريان پر هن چيو مان هالاڻي وڃان
ٿو توکي هلڻو هجي ته هل. اٽڪل نوين بجي رات جو
هالاڻي اسٽيشن تي پهتاسين. پليٽ فارم تي ٻتيون ٻريون
پئي. گاڏي مان اسين لٿاسين ته ٤ يا ٥ ڏسٽا وائسٽا ماڻهو
ڪاڪي شامنداس کي اسٽيشن تي وٺڻ آيا هئا. سيني هن
سان هٿ ملائي منهنجي به آجيان ڪئي. شايد هنن جي
دل ۾ خيال هوندو ته ڪاڪو پٽ کي وٺي آيو آهي.

بنگلي تي پهتاسين ته اتي هڪ ڪمري ۾ ڇٽن پنجن
ڪٽولن تي هنڌ پيل هئا. ماني به اڳ ئي تيار هئي. اڇڻ
شرط هٿ منهن ڌوئڻ کان پوءِ کٽن تي ويٺاسين. ڳالهه ٻولهه
شروع ٿي پر ڏسان ته پريان ڪو ماڻهو رکي رکي مون
ڏانهن نهاري پيو. نيٺ هن کان رهيو نه ٿيو ۽ چيائين ته
توهين ته صبح جو مون کي گڏجڻ آيا هئا. مون کليو ۽
چيو اهي ڳالهيون صبح جو ڪنداسين.

## هولي

هولي هندن جو وڏو ڏڻ آهي. سنڌ جا مسلمان ته ڇا
پر هندستان کان آيل مهاجر به ساڪون ڏيندا ته ڪهڙي طرح
هندو رنگن سان هولي کيليندا آهن ۽ سانگ پائي هڪ ٻئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان چرچا ڪندا آهن. پنجاهہ سالن کان بہ گهٽو اڳ مان
پاڻ ڇوڪرن جي ٽولين سان پچڪاريون کنيو بـرنس روڊ
جي چؤطرف رنگن سان رانديون ڪندو هوس. مان نہ
سنڌيراڻ تہ ڪو هندو هن ڏينهن تي منهن ۾ سونڊ پائي وهندو
۽ خوشيون نہ ڪندو. ڪن انگريز ليکڪن هوليءَ جي
باري ۾ چيو آهي تہ هن ڏڻ ۾ ڏرمي جذبو گهٽ ۽ خوشي
جي جذبي جي حد ٻي ڪانهي، جنهن کي هنن انگريزي ۾
”Satutnalia“ چيو آهي.

هندن جي متالاجي يعني ديومالا چا تي چوي ۽ ان تي
ڪيتري قدر ڀروسو ڪري سگهجي ٿو اهي ڳالهيون ڀڙ ۾
ڪندس پر هڪ سڌي سنئين ڳالهہ هيءَ آهي تہ رنگن سان
ڪيلڻ واري هولي تڏهن ٿي اچي جڏهن قدرت خـود رنـگن
سان ڀريل گلن ڦان جي بهار تي آئـي. هـي فصل جا بـہ
ڏينهن آهن، هاري ناري اميد ڀريـل اکين سان فصل ڏسـي
سرها ٿيندا. ان مان سمجهي سگهجي ٿـو تـہ گهٽو ڪري
ڌرمي ڏينهن جو تعلق موسومي ڦيرڦار سان بـہ آهي. انسان
جڏهن بہ خوشيون ڪري ٿو تہ انهن کي ايشرر طرفان ڏـي
موڪليل سمجهي ٿو. اهڙي طرح ڏنو ويـو آهـي تـہ مقرر
ٿيل موقعن تي از خود انسان مالڪ جي مهر کي ياد ڪري
ٿو، نـوان ڪپڙا پائـي تـو ۽ پاڻ کـي صاف سٿرو ڪري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تي زور زبردستي ڪئي ته مون کي ايشور ڪري مڃ ۽ اهو جنهن کي تون وشنو ٿو چوين سو آهيئي ڪونه. مون کان سواءِ ڪنهن جو حڪم هلڻو نه آهي. پر ائين نه ٿيو. پرهلاد پيءُ کي ايشور ڪري مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪابه ڳالهه ايشور کان سواءِ مڃڻ لاءِ تيار نه هو.

ديو مالا اهو به ٿي ٻڌائي ته هرناڪشپ ٿي اهو ڀوت ڪيئن سوار ٿي ويو ته مان ايشور آهيان. اهو به اهڙي طرح ٻڌايل آهي جيئن ڪي ماڻهو هاڻ به سختين بعد تعليم حاصل ڪري وڏا ماڻهو ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ پاڻ جهڙو ڪنهن کي سمجهندا نه آهن ۽ گهر جا ڪڪڙ ماريندا آهن. هرناڪشپ به ڏاڍا جپ ۽ پوڄائون ڪيون ۽ ايشور ان تي مهربان ٿيو ۽ هن کي هڪ ور ڏنائين ته اڄ کان پوءِ توکي ڪو ماري نٿو سگهي. اهو ور جن اکرن ۾ ڏنل هو ان ۾ به ڪا معنيٰ رکيل هئي جهڙي طرح ڪو انسان سمجهندو آهي ته بس هاڻ مون کي ڪو هٿ لائي نه سگهندو ۽ مون کي جيئن وڻندو تيئن ڪندس.

سچي ڪٿا جو مدار انهن اکرن تي آهي ته تون نه هيٺ مرندين نه مٿي مرندين، نه اندر مرندين نه ٻاهر مرندين، نه انسان ماريندءِ نه جانور ماريندءِ ۽ نه ڏينهن جو مرندين نه رات جو مرندين.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ راجا جو دماغ آسمان سان وڃي لڳو ۽ خدا سان لڙائي لاءِ سنبري ويو. هاڻ هن کي ڪو هٿ لڳائڻ وارو ڪونه هو. پرهلاد هن کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ تون ڪيترو بہ ظلم ڪندين، مارڻ واري کان بچائڻ وارو وڏو آهي. جڏهن پرهلاد ايشور کان سواءِ ڪنهن کي بہ آسماني طاقت مڃڻ کان صفا نابري واري تہ راجا صاحب جي پيڻ هولڪا وچ ۾ پيئي ۽ پاڻ جي چوڻ تي پرهلاد کي ناس ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. هوءَ هڪ چادر پائيندي هئي تہ باهہ هن تي اثر نہ ڪندي هئي. هڪ ڏينهن راجڪمار پرهلاد کي مڪر ڪري ساوڪن ۽ گلن ڦلن جي باغن ۾ گهمائڻ وٺي ويئي ۽ هڪ هنڌ ويهي پائنتي کي ڪجهہ ڪارائڻ لاءِ باهہ ٻاريائين ۽ پرهلاد کي هنج ۾ وهاريائين تہ جيئن اتڪل سان ڪيس ساڙي ڀسم ڪريان. معجزو اهو ٿيو جو هوا ۾ چادر لهي وڃي پرهلاد تي پيئي ۽ هولڪا باهہ ۾ سڙي مئي.

راجا صاحب هاڻ ڇتو ٿي پيو ۽ پرهلاد کي جيل ۾ وجهي عذاب ڏيڻ شروع ڪيائين. هڪ لوهہ جو ٿنڀو گرم ڪري ان کي ڀاڪر پائي ويهي رهڻ جو حڪم ڪيائين اهڙي طرح ڪيترين ئي آزمائشن ۾ بہ وڌائين پر پرهلاد جو وار بہ ونگو نہ ٿيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن راجا صاحب جيل ۾ اچي پهتو ۽ جوش ۾ جولان مان چوڻ لڳو "ڏيکار ڪٿي آهي تنهنجو ايشور، جي هن ٿنڀي ۾ آهي تہ مان ان کي بہ تلوار سان ڪٽي سگهان ٿو."

جڏهن هرناڪشپ ٿنڀي تي وار ڪيو تہ اهو ڌماڪو ڏيئي وچان چيرجي پيو، ۽ ان مان نرسنگ اوتار نڪري ٻاهر ٿيو جو اڌ ماڻهو هو ۽ اڌ شينهن هو. راجا صاحب جي هاڻ پڇاڙي ٿي، نرسنگ اوتار هن کي ماري ڇڏيو ۽ اڳڪٿي بہ پوري ٿي.

نرسنگ اوتار نہ ماڻهو هو نہ شينهن هو. سانجهي جو وقت هو، نہ ڏينهن هو نہ رات هئي؛ راجا کي چڪي چائنٺ تي ماريائين، تنهنجي معنيٰ نہ اندر هو نہ ٻاهر هو. ڪهڙي طرح نہ ايمان کي ڌڪو ٿو اچي، اهو اسانکي سمجهڻ گهرجي تہ جي انسان پاڻ کي خدا کان مٿي ٿا سمجهن انهن جو حال ڪهڙو برو ٿو ٿئي. اهي نصيحتون ۽ سکيائون زنده ٿيون رهن. پر اڄڪلهہ ماڻهن کي سنسا ۽ ڀرم ورائي ويا آهن. هو اصل نصيحت کي ڪونہ ٿا ڏسن پر رڳو انهن ڪٿائن کي دل ۾ رکي ڀيا هلن ۽ ڪٿائن جي نصيحت کان ڪردارن کي وڏي اهميت ٿا ڏين.

اڃا وڏي نصيحت تہ ٻي بہ آهي. پرهلاد جي جيت ٿي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀاڳي مهاراجا جي ناس ٿيڻ تي ساري راڄڌاني ۾ خوشي جي لهر اٿي. جتي ڪٿي خوشيون ٿيون، رنگن ۽ گلال جـي ڌم مچـي ويئي. هزاريـن سالن کان هندو گلال کڻي هولي کيليندا آيا آهن. ان ڏينهن تي هولڪا کي ساڙيندا آهـن، جنهن هـن دنيا ۾ خوشين بـدران ڪشٽ آڻـڻ تـي سندرو ٻڌو هو.

هندن جو ڌرمي ڪتاب چوي ٿو ته ايشور پرهلاد کي ان ڪري وڏو درجو ڏنو ۽ درو تارو يعني قطب تارو ڪري دنيا مٿان چمڪايو. ڪراچـي جـي مندر ۾ مهـراج تاري ڏانهن نهاري ان کي پرهلاد ڀڳت سمجهندو آهي. هو مون وانـگر سمجهڻ لاءِ تيار نـه آهـي تـه جهڙي طرح اهـو تارو سامونڊين کي طرف ٻڌائي راهه ڏيکاريندو آهي تيئن پرهلاد به ان وقت راهه ڏيکاري.

ايسپ جون آکاڻيون پڙهـي هار تـه ضرور چوندا تـه لومڙن، بگهڙن ۽ پولڙن جون آکاڻيون آهن ۽ هو ڪانون ۽ ڪبرين کي ڳالهائيندو ٻڌي خوش ٿيندا آهن، پر سمجهو ماڻهو انهن مان فقط ڪجهه نصيحت ٿو ڪڍي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ملاکڙا ۽ پڳت

ملهون ، ملاکڙا ۽ دنگل اچا به اسان جي ثقافت جو خاص حصو آهن. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انهن جو چرچو ٿيندو آهي. نالي وارا ملهه ويهي جڏهن پوياريءَن ۾ دنگلن جي اپٽار ڪندا آهن ته ڳالهه ئي ڇڏي ڏيو. ڪٿي ڪٿي جي ملهن جي استاديءَ ، پاڪرن ۽ چونڪن جي ساک ٿيندي آهي. سنڌ ۾ هن فن جا شائق ڪئين ملندا جي ميلن جا ميل لتاڙي ملهه جو دنگل ڏسڻ ايندا آهن. خاص ڪري جيڪڏهن ڪنهن ٻک لڳائڻ واري استاد جو نالو ٻڌندا ته هشام ماڻهن جا اچي مڙندا ۽ هر هنڌان واهه واهه جا نعرا ڪن پوندا.

ملهن ڪي پهلوان به چوندا آهن. بدن ۾ پريل ، جانٺا، سنڌن ٻانهن جا ڏورا جرڪندا پيا ۽ هرڪو انهن کي ڏسي پنهنجي پسندي جو داد پيو ڏيندو. ملهه جو دنگل يعني ملاکڙو سچ لهڻ تائين ٿيندو آهي. پهلوانن جي ڇاتي اگهاڙي ۽ موچاري ميري شلوار پيل، شينهن جيان ميدان ۾ پير رکندا. اچڻ سان ٻانهن جي وراڪي سان پاڪر پائيندا ۽ هڪ ٻئي جي ورن ڪنيل شلوارن جي سنڌن ۾ هٿ پڪوڙيندا ، ڪوشش ڪري هڪ ٻئي کي اڇل ڏيندا ته ڪير ٿو ڪڇي وڃي. اها فقط شروعات آهي. هرويرو سبر سٽڙي جي ڪل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان جي هڪل تي نه ٿيندي آهي پر سچي بازيءَ ۾ ڪي اٽڪلون رکيل آهن جن جي وسيلي ڏسڻ ۾ جبرو به چوٽ کائي ويندو.

ڪڏهن هٿ سنڌرن ڪان ڇڏائجي ويا، ڪڏهن جدا ٿي ويا ته وري ڀڪ وجهڻ لاءِ آتا ٿي، گوڏن تي ڌڪ هڻندا منهن مقابل ٿيندا ۽ هڪ ٻئي کي جنبي ويندا ۽ قيمراٿيون پائڻ لاءِ ويلا ڪندا. هيءَ راند اڄ ڪلهه جي فري اسٽائيل ريسلنگ (ملهه) جيان نه آهي جنهن ۾ هڪ ٻئي کي سٽي ڪٽي ڇڏيندا آهن. سنڌي ملهه کي ڪنهن وقت جي گاما پهلوان ۽ هاٿوڪي پولو پهلوان سان ڀيٽڻ اجايو ٿيندو. آزمودو آهي ته انهن پهلوانن جا دنگل ماٺهو ڏسڻ ويندا هئا ته اتي ئي کين واپس ورٺو پوندو هو. اک ڇنڀ ۾ ٻڌائيندا ته دنگل ختم ٿيو ۽ هار جيت ٿي ويئي. شائقين جي پيسا خرچي آيا سي نااميدي ۾ مبتلا ٿي ڪڏهن ته جهيڙو جهٽو به ڪري ويهندا هئا. سنڌ ۾ ملهن کي داد ڏيندا آهن ۽ هنن جي خاص ڀڪن ۽ ٽنگن جي چرپر تي واه واه مچي ويندي آهي. مقابلي ڪندڙ ٽنگن کي ائين وراڪو ڏيندا آهن، جيئن لغڙ اڏائڻ ۾ پيچ پائبو آهي. انهيءَ خاص نموني جي چرپر کي جاڻنا به چوندا آهن ۽ انهي جاڻني جي پنهنجو ڪمال ڏيکاريو ته هڪ ملهه ڦان ٿي ڪرندو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميدان ۾ نعرا لڳبي ويندا.

ملهون سنڌ جو ڪاڄ آهن. جڏهن ڀرواڙي طرف ميلا ملاکڙا ٿيا ته شغل رونقدار ٿيندو آهي. ڪٿان ڪٿان ڪهي مسافر سنڌ جي مختلف حصن مان اچيو ميڙاڪو ڪن، وڻ وڻ جي ڪاني اچيو گڏ ٿئي. انهن وقتن تي خاص علائقي جي پهلوانن کي داد ڏيڻ وارا به انهن جي ٽر جا هوندا آهن. انهي چٽا ڀيٽي کي جيڪر ڪري بين الاقوامي چٽاڀيٽي چئجي ۽ ملهه دسينڌڙ طرف وارا پاڻ کي سرخرو سمجهي ڳپل وقت انهي دنگل جون هرهنڌ پيا خبرون چارون ڏيندا وتندا آهن.

مون اهي دنگل ڀرواڙي ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڏٺا آهن. هاڻ ته سنڌ سرڪار به شير ميربحر کي ملهه سيکارڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي. ڏسون ته هن فن ۾ ڪهڙي طرح ٿا نوجوان پاڻ موکين. گهٽي ڏي دفعا سنڌ جي ميان ۾ ملهن جون واڪاڻون ٿيون آهن پر ڏسڻ ۾ آيو آهي ته انهن ملاکڙن جي رپورٽنگ پوري طرح نه ٿي آهي. فقط چوڻ ته ڪنهن ملهه ڪٽي يا ڪنهن هارائي ان مان ڪو مطلب نه ٿو نڪري. ملهن جي بيان ڪرڻ لاءِ به ڪنهن ٽريننگ جي گهرج آهي.

پتو ناهي ته اڄ ڪلهه جي ماڻهن کي سنڌ ۾ هندن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جون ڀڳتون ياد آهن يا نہ پر اڳي جڏهن ڀڳت لڳندي هئي تہ ڇهڇٽو لڳي ويندو هو. ننڍن ڳوٺن يا شهرن ۾ ڀڳت جو ٿيڻ هڪ خاص وندرائيندڙ واقعو هو.

سانجهين کان پوء ماني پاڻي جي مهل بعد واڻيو دڪاندار پڊر ۾ چلم رکي ڪچهري ڪندو هو. چوطرف ميڙاڪو ڪري موڙن يا ڪرسين تي ويهندا هئا يا پير ۾ ڪنڌولي تي ويهي رهندا هئا. واري واري سان سوٽا پريندا ۽ نڙ کي ورائي پر واري کي ڏيندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن پئنچن کي دل بهلائڻ لاء سڪ ٿي تہ پاڻ ۾ پهہ ڪري ڀڳت جي ٽوليء کي نينڊ ڏيندا هئا. تياريون ٿينديون هيون، وقت مقرر ٿيندا هئا، فرش، گلم ۽ شاميانا اچي ويندا هئا. رات جو هؤ مؤ تري، بتيون ٻريون، فرش وڇايا، تنبو لڳا ۽ نوين، ڏهين کان پوء ڀڳت چالو ٿيندي. گانو ۽ ناچ، آڪاڻي ۽ ٽوٽڪا، مسخري ۽ کل چرچو شروع ڪندا. هشام ماڻهن جا چؤطرف ويهي ويندا هئا، ۽ موج لڳي ويندي هئي.

گهڻو ڪري هندن جي وڏن ڏينهن تي ڀڳت جا بندوبست ٿيندا هئا، سڄي رات پوره ٿتي تائين سنگت ٿيندي هئي. چئجي ڪٿي تہ ڏرمي روايتن کانسواء بينناٽڪي نموني ۾ وقت جي راڳن سان گڏوگڏ مزو لڳي ويندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شهداد پور ۾ اسو جو ميلو لڳندو هو. لڳاتار ٽن ڏينهن تائين پڳت لڳندي هئي. ڪڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ به اترادي واڻيا ۽ هندو واپاري پڳتن کي گهرائيندا هئا. رات جو جڏهن گاڏين ۽ موٽرن جي آمد و رفت گهٽ ٿي ته رستن تي غاليچا يا فرش وڇائي رونشو ٿيندو هو.

پڳت ڪيَ ناٽڪ ڇئي نه سگهبو ڇاڪاڻ ته ان ۾ گهڻو ڪري هڪ آڪاٽي يا پلاٽ نه هوندو آهي. ناٽڪ لاءِ سامهون اسٽيج هوندي آهي پر پڳت لاءِ ڏسندڙن جي وچ ۾ جڳهه ڇڏبي آهي جتي پڳت ۾ پاڳ وٺندڙ هلي چلي سگهن. ان کي اوپن ٿئيٽر يا وٺراٽني شو چئجي ته به جيڪر ٺهڪي اچي.

ان ڪان به بهتر ته جيڪر "ايڪسٽرا وٺگنزا" چئجي جنهن ۾ حصو وٺندڙ جهمرون پائي، ڪجهه ناچ ، ڪجهه تال، ڪجهه آڪاٽي ۽ ڪجهه چرچي جي ڇهر ٻهر ڪندا آهن پڳت ۾ حصو وٺندڙ مرد هوندا آهن. هڪ پير مرد ، يعني اڇي مٿي سان پر چرپر وارو ۽ بدن ۾ چست ٿيندو آهي ، جنهن تي ساري پڳت جو مدار ٿيندو آهي. هن ڪان سواءِ پڳت چري نه سگهندي.

اهو مکيه پڳت مٿين پاسي ٿي ويهندو. هڪ ڊگهو ڇٽيدار جبو پيرن تائين پيل هوندس ، جڏهن ته پيرن مٿان جهرمر لڳل آهي ۽ هيٺان مرن مٿان جهمر پيل هوندس.

ٻيھي ٻيھي ٻنهي پيرن کي ٿورو سوريندو، جهمر ٻه جهٽڪار ڪندي ۽ ان سان سازن جو لقاءِ لڳندو. ڀڳت کي ڪنن ۾ والا هوندا، ڳچيءَ ۾ رنگين داڻن جون مالهائون ضرور پيل هوندس. ڪراين وٽ ڪڙا ۽ رنگين چولو جو چيلهه وٽ گهاگهري سان نهڪيو پيو هوندو. انهن سيني زيبائشن کان سواءِ هن جي شڪل ڏسڻ وٽان هوندي. منهن ڪجهه سٽيو، وار اڇرا متي سان ڦهڪيل ۽ مڇون سنهريون چپن مٿان پاسن کان لڙڪيل.

ٻئي طرف کان ٻه هڪ نندو ڀڳت ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن جو ڪم هوندو ته ڳالهه هلندي مکيه ڀڳت کي وٺائي ۽ ڳالهه هلندي هلندي چئي ”ڀڳت پوءِ ڇا ٿيائين“ يا ”ڀڳت پوءِ ڇا ڪيائين.“ ان وچ ۾ ٻهريون ڀڳت ساهي پٽيندو ۽ يڪدم جواب ۾ جهمر لڳائيندو ۽ ڳالهه ڪٽندو يا ان سان راڳ ڳائيندو ۽ هڪ طرف کان ٻئي طرف جهمرون پائيندو، جهنڪار سان محفل کي ڪٽي ڏيندو. باقي چوطرف پنج ڇهه ڇوڪر هوندا جي ٻه وقت ٻه آڪاڻي جي لحاظ کان نچندا ۽ راڳ ڳائيندا.

هاڻ جڏهن ڀڳت چيو ”سري رام“ تہ سمجهجو تہ ڀڳت شروع ٿي. آکاڻي ڪجهندي تہ سڏي سنوائي نہ هوندي پر الف ليليٰ جي قصي جيان هڪ مان ٻي ۽ ٻيءَ مان ٽين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هلندي ويندي. هڪ ڳيت ڪهاڻيءَ کي وڌائيندو ويندو ته ٻيو هن کي ٽڪ ٽڪ ۾ پيو ونائيندو.

جيئن هڪ ڳيت شروعات ڪئي:

ڳيت ٻه جهرڪيون هيون، وڻ تي ويٺيون هيون....

ٻئي ڳيت ونايو: ها ڳيت وڻ تي ويٺيون هيون، پوءِ....

ڳيت چون چون پيئون ڪن ۽ پاڻ ۾ پيئون رهاڻ ڪن....

ها ڳيت چا پيئون چون....

چا پڙايان،

پيار پيئون ڪن، چون پيئون:

روح ريجهائي وڻون، اڄ ته ڪجهه

ڳائي وڻون،

ٻوٽڙ تي ٻڪڙين مٿان، ڦيرا ڪجهه پائي وڻون،

ماڪ تي گلڙن جو منهن ڪجهه چمڪائي وڻون،

هير تي گلزار ۾، ڪجهه ته لهرائي وڻون.

اهڙيءَ طرح ٻينن ۽ راڳن جو ڦهڪو پيو پوندو. ناچ ۽ تاپ ۾ صبح جا پنج لڳي ويندا.

سڄي ڳيت جي سونهن خاص ڪري هڪ ٻار هوندو هو. هن کي چوڪرين جهڙا رنگين ڪپڙا پارائي ٻيهاريندا هئا. هن کي شمن گـڏي ڪري سڏيندا هئا. آواز منو ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نچڻ ۾ تيز، جهٽڪو ڏيئي سڄي پڳ ۾ پيئي ڦرندي ۽ سيڪو سڏي پيو پيار ڪندس.

سنڌ ۾ ڪيئي پڳتن جا ادارا هئا. خاص ڪري تنڊي آدم ۾ گرن جي پڳت هئي جنهن کي اسوءَ جي ميلي تي شهدادپور ۾ گهرائيندا هئا. ليلو پڳت به پنهنجي نالي سان هو پر پڳت ڪنور سان ڪنهن جو مقابلو نه هو. سڄي سنڌ ۾ هن جو نالو هو، اڪيلو ڳي اڪيلو ٻهي ويندو هو ۽ سن سنائي ۾ سڄي سنگت تي جادوءَ جو اثر ڪري ڇڏيندو هو. هن جون ٽڪون اڄا به سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

پيرين پوندي سانءَ نالي الله جي پيڙو تار منهنجو.

پڳت کان سواءِ هندن ۾ ڪن موقعن تي ڀهراني ڪرڻ جو به رواج هو. سرگس ڪڏي ان ۾ ڦيراٽيون پائيندا نچندا هلندا هئا. سيني کي هٽ ۾ هڪ ڏونڪو هوندو هو ۽ ان سان واري سان منهن ڦيرائي پوري تان سان هڪ ٻئي کان وارووٺندا هئا. ڏسڻ ۾ شايد نهايت آسان هجي پر ان ۾ به پير کڻڻ، منهن ڦيرڻ ۽ پوري وقت تي هڪ ٻئي جي ڏونڪي‌تي ڏک هڻڻ ۾ ڪا خاص ماهريت هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مهتاب محبوب

لارڊ بئرن هڪ ڏينهن چيو تہ ”مون هڪ سهڻي صبح جو اکيون کوليون ۽ پاڻ کي مشهور ڏٺم!“ اوچتو ئي اوچتو جن بئرن جو ”ڊان جئان“ پڙهيو هو انهن جي زبان تي هن جو نالو هو. مهتاب محبوب بہ سنڌي ادب ۾ پنهنجو مقام رکي ٿي ۽ هن جي ٻن آکاڻين جي مجموعن کيس خاص شهرت جو مالڪ بنايو آهي پر مان پڇندس تہ جيئن هن جو نالو هينئر ورتو پيو وڃي ان جو آغاز ڪهڙي طرح ٿيو؟

هن جا آکاڻين جا ٻہ مجموعا منهنجي نظر مان نہ نڪتا آهن پر مون هن جي هڪ آکاڻي ”بک جا چڪ“ ”سوجهرو“ رسالي ۾ پڙهي آهي. شايد مهتاب محبوب جي فوٽن سان گڏ سنڌس ادب جي باري ۾ ملاقات جا ڪجهہ ٻول بہ سوجهري ۾ ڇپيل شد مد سان ڏنل هئا. هاڻي ڪجهہ ڪجهہ ياد پيو پويم تہ سنڌي ادب جي سڌارڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا قول ڏنل هئا.

بک جا چڪ آکاڻيءَ جا ڪردار اچا منهنجي اکين اڳيان ڦرن پيا تہ ڪهڙي طرح سنڌي گهر ۾ پليل نينگريءَ نہ رڳو ساري ماحول پر ان سان لاڳاپو رکندڙ ڪردارن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

احساس، هلت چلت، نشست برخواست، دعا سلام ۽ نند وڏائيءَ کي سمجهه سان نهايت سلوڻو سنڌي لباس پهرائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. ڪٿي بہ ائين ڏسڻ ۾ڪونہ آيو تہ ڏيڪاريل ڪتنب ۾ ڪا ٻاهرين ريک مليل آهي جيئن عام ٿيندو آهي تہ جڏهن ڪن جدا جدا رهتوارن ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل جهول ٿيندو آهي تہ سندن هلتچلت ۾ ڪجهہ ڦيرو ايندو آهي. انگريزن جي آئي اسان جي رهت۾ گهٽي رد بدل آئي هئي جنهن جون نشانيون اڃا ميسار جي نہ سگهيون آهن پر اهو اڻ ٽر قاعدو آهي تہ ميل ميلاپ کان پوءِ ڪٿي نہ ڪٿي ڪجهہ اثر ظاهر ٿي پوندو آهي.

مهتاب محبوب هڪ وچولي طبقي واري ڪتنب جي تصوير پيش ڪئي آهي پر اهڙا ڪتنب ڪجهہ عرصي ۾ هڪ مٿاهين طبقي ۾ جڏهن پهچندا آهن تہ ڪجهہ ڪجهہ هلڪي طنز لائق ريک هنن جي هلت چلت مان ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جنهن جو پتو ڪين ڪونہ پوندو پر ڏسڻ وارا يڪدم ڀانپي وٺندا آهن. اهڙي طرح افسانہ نگار هن ڪهاڻي ۾ اهڙي هلت کي نروار ڪرڻ ۾ بخوبي ڪامياب رهي آهي ۽ اهي ٺيٺ جملا استعمال ڪيا آهن جي پاڻ مرادو ڪل جو باعث ٿين ٿا.

آکاڻي جو تاڃيپيٽو هڪ ٻڍي مائي، گهر جي مالڪياڻي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي. هن جو گهر شهر ۾ آهي پر اڳيون عادتون هن تي غالب پئون ٿيون. تن ڏينهن جي سريل ڪٽلين سان پريل مٿائي صفا ڪري تحفي طور رشتيدارن کي موڪلڻ ۾ ڪو عيب ڪونه ٿو ٿئيس، پر نندي ٿهيءَ جي ننهن جا هن زماني جي آهي، ان کي اهو نٿو وڻي.

اهڙي طرح مهتاب هاڻوڪي تهذيب، ۽ آڳاتي هلت چلت کي آمهون سامهون رکي، هلندڙ چتاپيٽي کي نروار ڪيو آهي. جيئن آڪاٽي پڙهبي ته عام طرح ڏاڍل وائنل گهرو وارداتون اکين اڳيان ايندڙيون. سسن جي حاڪماڻي هات، سهمان ۽ مهڻا، ننهن پاران عزت ڪرڻ، پر پنهنجي خودي به نه وسارڻ. اهي واقعا آهن جي رواجي طرح سمجهڻ ۾ نه ايندا آهن پر جي انهن ڳالهين کي ويچاربو آهي ته ضرور ڪل ايندي آهي.

مون ته ننهن کي هنج ۾ ٻار ڪٽي عزت سان سس سان ڳالهائيندو چڻ اکين سان ويني ڏٺو. اها هڪ خاص خوبي آهي، جا مهتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ آهي. ٻي ڳالهه جنهن منهنجو خيال ڇڪايو، اهو آهي ميلاد جو. مهتاب چوي ٿي اڳي مڙسارو ڪندا هئا پر هاڻ جا "خلق" آئي آهي ته زالون ڪرڻ لڳيون آهن. مهتاب ميلاد کي هڪ رواج ڪري ٺوڪڻي آهي ته اهو رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ آهي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڍي مائي کي فقط گوشت جي ٻوٽي ڪاٺي هئي. ٻـڍي مائيءَ لاءِ اهميت فقط ٻوٽي جي هئي.

مون کي ته هندو عورتون ياد اچي ويئون جي خوشي غمي پاٺ پوڄا جي هنڌ وڃي ملنديون هيون تڏهن فقط ٻچ ڦوڙينديون هيون يا پراڻن جورابـن مان سڳا ڪڍي اڳٺ مڙيهنديون هيون. پر ڪيئن بہ هجي مهتاب مذهبي رنگ جيڪو هرڪنهن انسان جي رڳن ۾ پيريل آهي، انهي کي وساريو نہ آهي. اسين ڪيترن بہ سنسن، پيرمـن ۽ رواجن ۾ وڪوڙيل هوندا آهيون پر جڏهـن سچي مالڪ کـي دل ۾ رکي ڪجھ اتسو ڪندا آهيون تہ دل ٺنڍي ٿيندي آهـي. جڏهن ٻڍي مائـي پاڻ ميلاد ڪرائـڻ لاءِ سهي سنيري تہ مهتاب هن طرح اظهار ٿي ڪري تہ "ستر سالن جي پوڙهي جيڪا مڪن ۽ پيڙن کان سواءِ هلي نٿـي سگهي، تنهن ۾ چڻ خوشي اچي ويئي ۽ ميلاد جي خوشـيءَ ۾ ٽاڪوڙو ۽ ڦڙڦوٽ مچائي ڏني."

هيءَ آکاڻي هن وقت جي سنڌي مسلمان ڪٽنب جـي مڪمل تصوير آهي ۽ ايڪ باريڪ بينيءَ سان حقيقت بياني کان گهٽايو نہ آهي پـر مون کي اهـو سواد مهتاب محبوب جي "سريت" آکاڻي (مهراڻ ١٩٧٨ع ) مان نہ آيو. هـن ۾ مهتاب اها نـہ آهـي جا ٻاهرين ڪـردار ڏسـي اسان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اڳيان هوبهو هڏن جي پڃري کي چمڙي ۾ وجهي پيش ٿي ڪري . ڪي خيال ڪردارن بابت هن جي ذهن ۾ آهن، جي سمجهيل آهن يا پڌل آهن، انهن کي اسان جي اڳيان آڻي ٿي. ٿي سگهي ٿو ته ڪن ڪردارن کي مان بيسود سمجهان، بدڪار سمجهان ۽ ڪجهه سوچڻ جو خيال به نه ڪريان . آڪاڻيءَ ۾ جيڪي چيل آهي يا جيڪا ٻولي ڪتب آيل آهي، اها سڀ مهتاب جي آهي ۽ نه ڪردارن جو خاڪو ڏنل آهي. جيڪي به چيل آهي اهو منگهڙت آهي جنهن کي حقيقت چئي نه ٿو سگهجي .

افسانه نگاري لاءِ چيل آهي ته ليکڪ کي ڪنهن افساني بنائڻ جا به طريقا کليل آهن . پهريون ته جيڪي به واقعا ٿيندا رهن انهن جو اثر ڪردارن تي ٿيندو وڃي يا ڪردار اهڙا هجن جن جي اثر هيٺ واقعا ٿيندا وڃن ۽ پڙهڻ سان تصوير اکين اڳيان اچي وڃي جڻ هڪ حقيقي منظر چٽي ڇڏجي . هن ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي ڪجهه چيل آهي اهو ٿي سگهي ٿو پر ان جو ٻئي ڪنهن کي ٻڌائڻ جو ڪوبه سبب ظاهر نه ٿو ٿئي. اسان بوڪيشيو ۽ بالزڪ جون اگهاڙپ جون آکاڻيون پڙهيون آهن ۽ اهين به پڙل آهي ته ادب ۾ درجو رکن ٿيون پر انهن جي پنيان ڪو اصول رکيل آهي . اهي آکاڻيون ان زماني جون آهن جڏهن رنيزانس

ڪان پوءِ پادرين جي رهڻي ڪهڻيءَ ڪي اگهاڙو ڪيو ويو هو. مهتاب جي ڪهاڻيءَ ۾ اهو سوال نه ٿو اٿي پر فقط هڪ سنڌي مسلمان ۽ ان جي سريت ڪي خيالي روپ ڏيئي پيش ڪيو ويو آهي.

شايد منهنجي منطق ۾ ڪجهه گنجائش ڏسڻ ۾ اچي پر منهنجو چوڻ آهي ته اهڙا واقعا بدل آهن ۽ ڪنهن کي اهڙو اکين ڏٺو انجو علم نه هوندو. ليکڪ جو ڪم هرنموني حقيقت جو چٽو اکين ڏٺو ۽ ڪنن ٻڌي احوال جو اظهار ڪرڻو آهي، ان قدر ۾ مهتاب پاڻ موکي نه سگهي آهي.

مون هڪ دفعي رشين سفارتخاني ۾ آٿيلو جي اردو زبان ۾ فلم ڏٺي هئي جنهن ۾ آٿيلو ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو چڻ سچ پچ موئر سهڻو ۽ ڪارو ۽ ان ڪان سواءِ مون کي ٻيو ڪو آٿيلو تصور ۾ اچي نه ٿي سگهيو. پر هن جي ڊيسڊيمونيا سان جڏهن گفتگو ٿي ته هرهڪ جملو "معشوق" سان شروع ٿيل هو، جو ٻڌي منهنجن ڪنن ڌڪا پئي چڏيا. عام طرح گفتگو اهڙي طرح ٿئي، اهو مان سمجهي نه ٿو سگهان، ڇاڪاڻ ته اهڙين حالتن ۾ ڳالهائڻ جي لهجي، اکين جي ڦڙڦڙ يا جسم جي بيهڪ ئي پيار جي ٻولي ٿي سگهي ٿي. دراصل لفظ ڊيئر جو ترجمو "معشوق" ڪري بار بار ورجائڻ ڪري بوريت جو سبب بڻيو. ٻن چٽن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گفتگو ۾ هر گهڙي معشوق ۽ دلبر اکر آڻڻ حقيقت جي ابتڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڪهاڻيءَ مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سچو واقعو حيدرآباد ۾ رٽيل آهي جتي هفتي هفتي سريت جي گهر سندس يار ايندڙ آهي جو ٽانگي مان ٽپو ڏيئي بناڪنهن هٻڪ جي ڪليو ڪلاڙيو اچي حاضر ٿئي ٿو. حيدرآباد جي گٽيل شهر ۾ ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو اهو پوري طرح پڌايل نه آهي. جڳهه ڪتي لڪل نظر نه ٿي اچي پر ڪنهن شاهي رستي تي ڏيکاريل آهي.

ڪيئن به هجي هيءَ ڪهاڻي اسان کي هن هڪ جوڙي جي هستي کان سواءِ ڪجهه نه ٿي پڌائي جنهن ۾ ڪو اڻ وسهندڙ واقعو هجي يا جنهن جي پڙهڻ سان حيرت ۾ پئجي. سريت به ڪا معنيٰ رکي ٿي نه ته ان کي ڪنهن پئي نالي سان پڪاري سگهجي ٿو. هيءَ هڪ واقعو آهي جنهن ۾ اهو ڏيکاري سگهجي ٿو ته پڻ جٽا شادي ڪري نٽا سگهن ۽ هنن جو روحاني يا وقتي پيار آهي يا ڪو ٻيو انوسان نڪري سگهي. هتي فقط هڪ وٿشا آهي جا پئسن قرض تي سنهيريل آهي ۽ اهڙي حالت ۾ ڏيکاريل آهي جڻ ٺونٺ لڳي ساهڙي ڀڳي.

اسان ڀڳت سورداس جي ڪهاڻي پڙهي آهي جنهن ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڏهن بلوامنگل هڪ وئشا چنتامڻي جي محبت ۾ انڌو ٿي وڃي ٿو تہ ان ڪان پوءِ جو واقعو ٿيو تہ بلوامنگل مان ڀڳت سورداس ٿي پيو. مهتاب محبوب جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن بہ احساس جو ذري ماتر بہ نشان نہ آهي پر هن فقط پنهنجي ٻوليءَ جي مهارت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻي ۾ هڪ سنسي يا ڀرم ڏانهن بہ اشارو ڪيو آهي تہ سندس ڪردار جي زال جو هڪ مهيني جو ٻار ڪري پيو جو هن دائي جي چوڻ تي گهڙڪائي ڇڏيو. مون هن ڀرم جي باري ۾ گهڻيئي پڇا ڳاڇا ڪئي آهي پر تصديق ملي نہ سگهي آهي.

## سمجهہ سمجهہ ۾ ڦيرو

سو ڳالهہ ٿي ڪئيسين تہ ڪراچي صوبي جا سبز باغ ڏيکارڻ وارن جا لاهہ نڪري ويا آهن ۽ ڪراچي جي تعليم يافتہ ۽ سنڌ ۾ پليل عوام سندن قدر نہ ڪيو ۽ ڪسيري جهڙو ڪري ڇڏيو آهي. مرزا جواد بيگ سالن لاءِ ڪراچي ميونسپالٽي جو ميمبر هو ۽ پوءِ جڏهن ميمبريءَ جا پويان ڏينهن ٿي ويا تہ ڪراچيءَ جي عشق ۾ بہ ٿي دفعا جيل جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تيرٿ ياترا ڪري آيو پر ٻوٿو ڪونہ ٻريو. منهنجي ساڻس دلي همدردي آهي ڇاڪاڻ تہ هن سڄاڳ ۽ سڌريل دور ۾ لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ هن کي فقط ٤٦ ووٽ نصيب ٿيا.

”جنين ڪاڻ مياس، سي ڪانڌي ڪين ٿياس!“

چون ٿا تہ ڪراچي جو ڪهنو اڳواڻ محمود الحق عثماني، جو رکي رکي اخبارن کي بيان موڪليندو آهي ۽ پنهنجي سوشلزم کي اسلامي مساوات جو رنگ ڏيندو آهي، تنهن سان ڀاڳ نہ ڀرايو. عثماني صاحب بہ انهن صاحبن مان آهي جي جڏهن گهر کان رسن تہ ڪراچي تي هٿن ڦيرڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ پنهنجي ننڍڙي سلطنت ناهڻ جي خوابن ۾ ٽاڦوڙا هڻندا آهن. هن وڏي ماڻهوءَ جي اميدن تي بہ پاڻي ڦري ويو ۽ سنڌ کان جدا ٿي گرانٽ جيڏي شڪار گاهہ ناهڻ ۾ سنگتين ڪيس ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو تہ پاڻيپيءَ ۽ مٺ محبت سان گذارڻ ۾ برڪتون سمايل آهن ۽ ڏيڏ ڇانور جي ڪني ڇاڙڻ مان ڪجهہ ورندو سرندو ڪين. لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ هن سان بہ اها ڪار ٿي آهي جا مرزا صاحب جي آهي.

مرزا صاحب ۽ عثماني جهڙن مجاهدن جي خوابن جي باري ۾ مونکي باسويل جو جانسن جي متعلق هڪ ٽوٽڪو ياد اچي ويو آهي. هڪ ڏينهن جڏهن ڪو اسڪاٽلنڊ جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهي مضمون جو عنوان آهي ”رول آف دي روڊ“ يعني
ته جيڪڏهن اسان کي آزادي گهرجي ته پين جي آزاديءَ ۾
ڏاڙو نه هڻجي. جڏهن پوليس وارو چوراهي تي هٿ ڏيئي
توکي ترسڻ لاءِ اشارو ٿو ڪري ته توسان وڙهي ڪونه ٿو
پر تنهنجو بچاءُ ٿو ڪري ۽ تنهنجن آزاديءَ ۾ اضافو ٿو
ڪري. توکي برابر جلدي ڪٿي پهچڻو آهي پر هڪ
پوليس واري ڏاڍ مڙسي ڪري توکي بيهاري ڇڏيو آهي.
توکي ڪاوڙ آهي ته هنکي ايڏي همٿ ڇو ٿي جو ڪليل
رستي تي بندش وجهي ويٺو آهي. هڪ دفعو جي تو اکيون
کوليون ته ڏسندي ته جي هو ائين نه ڪري ها ته چؤطرف
ڏم چڪر ۾ ڪو به رستو ڪراس ڪري نه سگهي ها.

باسويل جو نالو انگريزي ادب ۾ خاص اهميت رکي
ٿو. هو اسڪاٽ آهي ۽ انگلنڊ ۾ تڏهن آيو جڏهن هڪ
پارليامينٽ ٻنهي ملڪن کي گڏي هڪ ملڪ برطانيه ڪري
ڇڏيو هو. اسڪاٽلنڊ ۽ انگلنڊ جي وچ ۾ سدائين فساد
رهندا هئا جيستوڻيڪ اسڪاٽ بادشاهه جيمس ڇهريون انگلنڊ
جو بادشاهه ٿيو ۽ پوءِ يونين آڪٽ هيٺ ٻئي ملڪ گڏجي هڪ
ٿي ويا. تنهن کان پوءِ ٻنهي ملڪن لاءِ هڪ گڏيل پارليامينٽ
ٿي پر انگلنڊ ۾ ڪڏهن به اسڪاٽ مائهن کي پاڻ جهڙو
ماڻهو ڪونه سمجهندا هئا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

باسويل انهي وقت انگلنڊ ۾ هو جڏهن خوشنصيبي سان انگلنڊ جي ممتاز اديب ۽ فيلاسوف جانسن جو متس پيار ٿي ويو. باسويل ڇڻ ته جانسن جو پاڇو ٿي پيو ۽ هنجي لکيل جانسن جي سوانح عمري دنيا جي ادب ۾ هڪ مڪمل خاڪو سمجهي وڃي ٿي. انهي کان سواءِ هن برطانيہ ملڪ جي اسڪاٽ ماڻهن جو انگلنڊ ۾ ذڪر ڪيو آهي جو پڙهڻ وٽان آهي. خود جانسن باسويل کي اسڪاٽ هئڻ لاءِ چيڙايو آهي جنهن تي باسويل جي ڊائري ۾ لکيل آهي ته مون جواب ڏنو "مان برابر اسڪاٽ آهيان پر ٿي پيو آهيان، منهنجو ڏوهه نه آهي".

باسويل ان وقت انگلنڊ ۾ هو جڏهن ١٧٦٢ع ۾ انگلنڊ ۽ فرانس جي وچ ۾ ست سالي جنگ پوري ٿيڻ تي هئي ۽ اسڪاٽ سولجر جنگ ۾ پنهنجو پارٽ ادا ڪري انگلنڊ واپس آيا هئا. انهي هوندي به اسڪاٽ ماڻهن خلاف مخالفت ايتري هئي جنهنجو ڪو انت ڪونهي. باسويل پڌائي ٿو ته واپس آيل هائلنڊ ريجيمينٽ جا ٻه سولجر ڪووينٽ گارڊن ٿيٽر ۾ کيل ڏسڻ ويا ته انگريز مچرجي پيا ۽ گئلري مان مٽن صوفن جو وسڪارو ٿي ويو ته اسڪاٽن کي هڪاليو وڃي، هتي اسڪاٽن جي گهرج نه آهي.

هيءُ خبرون آهن انهن جون جيڪي ڪنهن به اتفاق

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪري طاقت ۾ ٽين ٽا ۽ پوءِ پنهنجن همر وطنين کي پاڻ جهڙو ڪري نٿا سمجهن ۽ هنن کي پاڻ سان گڏ وهارڻ ۾ پنهنجي بيعزتي ٿا سمجهن. باسويل پڌائي ٿو ته هڪ اسڪاٽ اخبار جو نالو رکيو "برٽن" ته هڪ انگريز کي اسڪاٽ اخبار جو نالو نه وڻيو ۽ جواب ۾ هن بي اخبار ڪڍي ۽ نالو رکيائين "نارٿرن برٽن" (يعني اتريون برٽن). انهيءَ اخبار ۾ اسڪاٽن بابت جيڪي ڪچ ميا ويا تنهنجو ڪاڏو ڪينهي. هڪ دفعي لکيائين "اسڪاٽلئنڊ ۾ خالي پيٽ ڪوريئڙا بکايل مڇرن کي ماريندا آهن."

برطانيه وڏي اوج تي آئي ته اهي ڳالهيون نه هيون. لارڊ لنلٿگو هندستان جو وائسراءِ هو ۽ اسڪاٽ هو. لارڊ روز بيري برطانيه جو ١٨٩٤ ۾ وزير اعظم هو. هي نوبل لارڊ به اسڪاٽ هو. جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۾ رايل اسڪاٽ گري ريجمينٽ لڙائي ۾ مارجي ويئي ته هنن جي ياد ۾ لارڊ روز بيري ملڪ لاءِ جان ڏيڻ لاءِ هننجي شان ۾ داد ڏنو ۽ گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ هنن جي قربانين کي ياد ڪري چيو، "سڪاٽلئنڊ زنده باد".

اسانجي قائد اعظم به يڪمشت تيڻ ۽ يڪجهتي لاءِ سيني ويڇن کي وسارڻ لاءِ فرمان ڏنو آهي جو اسڪولي ڪتابن ۾ ڏنل آهي ته ٻارن کي ملڪ لاءِ پيار جي سکيا ملي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو فرمودو جو قائد اعظم پاڪستان جي پهرئين ڏينهن ڪانسٽيٽوئنٽ اسيمبلي کي ڏنو آهــي ٠

"In course of time, Hindus will cease to be Hindus and Muslims would cease to be Muslims- Not in the religious sense, but in the political sense, as citizens of the state."

١٠ باسويل جا حوالا باسويل جي لنڊن جرنل مان آهن٠

٢- لارڊ روز بيري جو حوالو چرچل جي ڪتاب گريٽ ڪانيٽمپور ريز مان آهي ٠

٣- قائد اعظم جو حوالو ٽري هنڊ ريڊ ايئرس آف پروز، شايع ڪندڙ حميد احمد خان، هيڊ آف انگلش ڊپارٽمينٽ، اسلاميہ ڪاليج لاهور ١٩٥٢٠

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڏک سکڻ جي سوڌون....

اسانجي شاھہ صاحب جو قول آھي تہ ”گھوريا سک ڏکن ري“ ۽ ان فلسفي کان اسين ڪافي واقف آھيون. سکڻ جو قدر ڏکن جي مشاھبت مان ئي ملي سگھي ٿو. انسان جي اندر ڪي جذبا پيدا ٿين ٿا جي وٽنڊز آھن يا اٹوٽنڊز، ھڪ حالت ۾ اسان جي دلين ڪي راحت اچي ٿي ۽ ٻيءَ حالت ۾ اسين بيزار ٿيو پئون. انفرادي طرح ھڪ حالت انساني سڀاءَ موافق چھري تي حسين مشڪ ڏيکاري ڏئي ٿي يا گوندر گڏيل لڙڪن سان اکيون آليون ٿيو وڃن.

اھي ڳالھيون منھنجي من ۾ تري آيون جڏھن اتفاق سان مونکي تازو اين - اي - ڊي انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن جي ڊبيٽ ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. ”زندگي حسين آھي“ جي موضوع تي شاگردن جوش ۽ خروش سان پاڻ ملھايو. خواھہ موافقت يا مخالفت ۾ ٻئي ڌريون منھن مقابل ھيون ۽ پنھنجي منطقي مظاھري سان مقبوليت حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ھيون.

زندگي جو خاص پھلو چرپر آھي، دماغي رواني آھي ۽ ھن جھان جي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿيڻ آھي. انھي کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪو انڪار ڪري نہ سگھندو پر اسانجي شاگردن ڪي ڏسڻو هو تہ اهو حوصلو غنيمت آهي يا نسوري مصيبت.

هڪ سوال، ٻہ طرف. ٻئي طرف جاندار آهن. ڊبيٽ آهي تہ کهڙو پڙ هلڪو ۽ کهڙو پڙ ڳورو آهي. ڊبيٽ جي خاص نوعيت اها آهي تہ پنهنجي راء کي بلاشبہ پيش ڪجي ۽ ٻئي طرف جي دليلن کي رد ڪري ڇڏجي. هي هڪ فن آهي جنهن جا ڪيئي فصيح زبان تي گذريا آهن جي جڏهن پنهنجو طرف پيش ڪندا آهن تہ ٻڌندڙ لبيڪ چئي ٿڏي ٿي متاثر ٿي پاڻ ڀلائي ڇڏيندا آهن. ڳالهائيندڙن جي ٻي دڙڪ فصيح زباني تعجب انگيز هوندي آهي. جيڪڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اهڙو پليٽ فارم پيدا ٿي وڃي ۽ اسانجي شاگردن ۾ همت پيدا ٿئي تہ هو دليلن ۽ رواني سان مخالفت کي رد ڪد ڏيئي سگهن تہ اسان لک ڪتيا.

اسڪول ۽ ڪاليج تعليم جا مرڪز آهن. ٻين موضوعن سان گڏ بحث مباحثہ جو موضوع بہ خاص اهميت رکي ٿو جنهنجي وسيلي مخالفت سان دليري ۽ همت ۽ قوي دليلن سان مقابلو ڪرڻ جا لائق ٿي سگهون ٿا. دماغ ۾ هزارين انسٽا هجن، دليل هجن ۽ جدولون هجن پر جي انهن جي اظهار ڪرڻ جي قوت ڪان وانجهو رهبو تہ سڀ هوشياري اجائي ٿيندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهي ڪري بحث مباحثي جو فن پنهنجو درجو رکيٿو ۽ انهي لاءِ ضروري آهي تہ شاگردن کي سمجهہ هجي تہ ڪهڙي طرح دليلن کي ترتيب ڏجي ۽ ڪهڙي انداز سان پيش ڪجي.

ڊبيٽ ۾ حصي وٺڻ جي بہ ٽيڪنيڪ ٿئي ٿي. آواز ۾ ڍر يا اوچائي، هٿن جا اشارا، لفظن جي رواني ۽ انداز بيان جي ادائڻ سان گڏوگڏ دليلن جي چونڊ ۽ بيهڪ، ٻڌندڙن تي نفسياتي اثر وجهڻ لاءِ مفيد آهن. ڊبيٽنگ مقالو پڙهڻ نہ آهي. ان ۾ ائڪٽنگ ڪرڻي آهي. منهن تي ماسڪ وجهي دليل پيش ڪجن ۽ اهڙوئي ڪردار پيش ڪجي جنهن جو طرف ورتل هجي. شايد گهڻن شاگردن هن ڊبيٽ ۾ مقالا پڙهيا ۽ ڏسڻ ۾ ڪير بہ نہ ٿي آيو تہ ڪير ڳالهائي رهيو آهي يا ان جو رنگ ۽ ڍنگ ڇا آهي. هڪ آڪاس واڻي ٿي رهي هئي سا بہ گوڙ ۽ گجندڙ گجگوڙن جيان، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو پر پنهنجي سر پنهنجن دليلن کي گوناگون رنگيني بخشڻ کان شاگردن گهٽايو ڪين ۽ شايد پنهنجي آواز جي مقدار سان پنهنجي منطق کي مضبوط ڪرڻ ۾ رڌل هئا. پر مونکي چوڻو آهي تہ آواز جي زور سان منطق کي مقبوليت حاصل نہ ٿيندي. تڏهن بہ ڪي ڪي آثار ملي سگهيا ٿي تہ اسين اصل ۾ فصيح زباني ۽ بحث مباحثي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فن ڪان ويل نہ آهيون ۔ هن باري ۾ منهنجي حجت آهي تہ ڊبيٽ ۾ حصو وٺندڙن ڪي ڀڏندڙن سان روبرو دوستانہ انداز ۾ ڪلي طرح ائين اسٽيج تي ويهي ڳالهائڻ ڪپندو هو جئن سڀ هن سان شامل راءِ آهن ۽ ٻئي طرف جي دليلن ڪي ڪابہ اهميت نہ آهي۔ تقريرن ڪرڻ سان اسان ڪي اها دلچسپي نہ ٿي رهي تہ ڀڏندڙ اسان سان شامل راءِ آهن يا نہ ، اسين فقط پنهنجو طرف پيش ٿا ڪريون پر مباحثي ۾ پنهنجن خيالن سان ٻين ڪي ڇڪي پنهنجي طرف ڪرڻو آهي ۔

ڊبيٽ ۾ حصو وٺندڙ سڀ زندگيءَ جي قدرن جسي اُپٽار جي وهڪ ۾ وهندا پئي ويا پر بحث جي روانيءَ ۾ مون فقط هڪ دفعو چڙڪ ڀريو ۔ قدرت جي سونهن ۽ سا ڏکن ڏاکڙن واري فطرت تي گهٽيئي شاعرانہ انداز ۾ اشارا ڪيا ويا پر الطاف حسين سومري آسمان ۾ اڏامندي بحث ڪي آٽي ڌرتي تي پير ڪوڙايا۔ پلا جڏهن ساڍي ١٢ بجي بحث ۾ حصو وٺڻ اچجي ۽ پنجين بجي تائين ويهي واسانگا ڳائجن تہ انڪي ڪنهن بہ صورت ۾ ”حسين“ چئي نٿو سگهجي ۔ الطاف جي واجبي سوال تہ ڀڏايو اهو حسين آهي، ضرور اوچتو ڌڏڪو پيدا ڪيو هوندو ۔ ڊبيٽ جو اهو شان آهي جو ٿوريءَ حاظر خيالي سان مخالفت ڪي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏ جي ۔

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيهي وڃي ، اهائي زندگيءَ جي سونهن آهي. زمانا بدلتا هي ۽ جي اسانجون نياڻيون شانہ بشانہ پائرن سان گڏ وک وڌائڻ لڳيون تہ ملڪ جا ڀاڱ ٿيا جو آبادي جو اڌ کن حصو سجاڳ ۽ بيدار ٿي ويندو.

حزب مخالفت جي اڳواڻ ظهير شاہ کھڙا اموليڪ وچن پنهنجي مک مان اوتيا اهي تہ گوڙ گنبوڙ ۾ غائب ٿي ويا پر هنجو انداز مخالفت جي لائق هو. سمجهي سگهجي ٿو تہ ٿوري تربيت سان سنڌي شاگردن مان ڊبيٽرن نروار ٿيڻ جي گهڻي اميد رکي سگهجي ٿي.

مسٽر شفيق الرحمان اوپننگ بئتسمين جيان وکيٽ سامهون ٿيو، ان ۾ بہ هن جي وڏائي آهي. هو انهي ئي خوشفهمي ۾ رهيو هو تہ سندس دليلن کي ڪو جواب ڏيئي نٿو سگهي. مان تنهن ڪري چوندس تہ هن جهڙي مقابلي ۾ سيني لاءِ مطالع جي نهايت اهم ضرورت آهي.

ڊبيٽ جا ڪي پهلو آهن ۽ هرهڪ پهلو بابت ڪيئي فلاسافيون جهان ۾ ٿي سگهن ٿيون. ڏسڻو هي آهي تہ ڪهڙي فلسوفي اسان کي متاثر ڪري ٿي ڇاڪاڻ تہ اهو فقط انسان جي سياءَ تي منحصر آهي.

جرمن فيلسوف سپينوزا چوي ٿو تہ خراب ۽ سٺو پنهنجي پر ڪا منعي نٿا رکن. هڪ ئي شئي يا ڪارنامون، وٺندڙ يا

اڻوڻندڙ تـي سگھي ٿو يا ته اسين ان کي ليکيون ٿا. ڪين،
مثال طور موسيقي دک لاءِ داروُن آهي پر موت جي واقعي
جي وقت راڳ رنگ انسانيت جي خلاف ٿي پوندو. اهڙي
طرح گھٽيئي مثال ڏيئي سگھجن ٿا ۽ جي مطالع جو دائرو
وسيع آهي ته پنهنجن رايـن کي مضبوطي ۽ سنجيدگي ڏيئي
سگھجي ٿي.

سپينوزا اهو ٿا چئي ٿـو ته جيڪڏهن اسين قدرت جي
ڪارنامن کي سراسر غلط ٿا سمجھون يا انهن واقعن تي ڪل
ٿي اچي ته غلطي اسان ۾ آهـي ۽ نـه قدرت ۾. چاڪاڻ ته
سمجھڻ گھرجي ته اسين قدرت جي هيئانهين ۽ مٿانهين سان
لاڳاپيل جدولن ڪان قطعي اڻواقف آهيون. اسان جو سياءَ
ٿي پيو آهي ته جيڪي به ٿئي سو اسانجي سمجھه يا چـوڻ
مطابق ٿئـي پـر قدرت جـو سلسلو اڻ ٽٽندڙ طرح باقاعـدي
جاري آهي.

انسان ڪڏهن بيزار ٿي ٿو پوي ۽ ڪڏهن خوشيءَ ۾
راڳ ٿو ڳائي. ڏنو اٿئون ته خوشي واري سياءَ سان ڪم
جو اڪلاءُ ٽائيڪي نموني مونجهه بغير نباهجي ويندو آهي.
ڳڻتين جـي دريا ۾ غوطا کائيندڙ جو جيءُ جنجال ٿيندو ۽
هڪ وک اڳتي نه وڌندي. اهو زندگي جو دارو مدار دماغي
تبديلي سان واسطو رکي ٿو چڻ ته هڪ جياميٽريڪل ٿيئرم

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي جو آزمايل آهي ۽ ان جي جواب ۾ ڪابہ ڦيرگهير ٿي نہ ٿي سگهي.

اهي بہ وقتي سياءَ آهن، جن جي ڏور سان زندگي جي سونهن يعني سک ۽ بد زيبي يعني ڏک ٻڌل آهن.

جيئن ملٽن چيو آهي:

The mind is its own place and in itself can make
A heaven of hell and a hell of heaven.

هيءُ اسانجو سياءَ آهي جو دوزخ مان بهشت بنايو ڇڏي ۽ بهشت مان دوزخ ڪيو ڇڏي. ان سان زندگي جي سونهن جو ڪو واسطو نہ آهي. ان جي سونهن کي خود ڪو ڦيرائي نٿو سگهي. تنهن ڪري ائين چوڻ تہ زندگي زيبتن آهي يا بد زيبي تہ اهو سراسر غلط ٿيندو چاڪاڻ تہ انجي سونهن جهڙي طرح اسين سمجهون ٿا تيئن نہ آهي پر اهو سوال فقط انساني سياءُ سان رنگ وٺي ٿو. گريڪ فلسوفي ۾ سٽائڪ جو مطلب آهي ڏکن کي سهڻ واري زندگي ۽ ايپيڪورين مطابق خوش رهڻ زندگيءَ جو آسرو سمجهجي ٿو. يعني ائين ڪي چوندا تہ اسين سدائين ڏکي آهيون، ڪڏهن ڏک گهٽ آهي ۽ ڪڏهن وڌيڪ پر آهيون سدائين ڏکي. ٻيا چون ٿا تہ اسين سکي آهيون، ڪڏهن گهٽ، ڪڏهن وڌ.

مان جيڪر هن کي نگيٽو ۽ پازيٽو پاليسي چوان. ڪو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ملول تي وينو آهي يعني ڏکن جا انبار مٿس ڊڙجي پيا آهن ۽ حياتي مان ڪک تي ڪجهه ڪري نه ٿو ۽ دانهون پيو ڪري ۽ ٻيو خوش مزاجي ۽ خوش اميدي سان سدا سرهائي ۾ ٿو رهي ۽ سهڻي زندگيءَ جو ديدار ٿو ڪري.

زندگي جي هر پهلو کي پنهنجو شرف آهي. ٻار جي معصوميت، ٿورو وڏي ٿيڻ سان تعجب ۾ پئي عقل هلائڻ ۽ پاڻيرو تي زندگي جي واڳ وٺي ڳاڙهو ڪيلهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ زندگيءَ جو جائزو وٺڻ ـــ اهي سڀ پهلو آهن جن سڀني کي پنهنجي رونق آهي.

انهن سڀني زندگي جي درجن کي ڳنڍي زندگيءَ جو راڳ چئي سگهجي ٿو. سورج پنهنجو ڪرتب پورو ڪري مغرب ۾ ٽبي وڃي ٿو. ان جي روشني اسان جو جياپو آهي پر جي ڪڪرن ۾ ڦاسي ٿو وڃي ته ان جي سونهن ۾ ڪا ڪمتري پيدا نٿي ٿئي.

غريب ۾ غريب پنهنجي پر ۾ خوش رهي ٿو. اندر جي سوجهه اٿس، ڪائي ٿو، پڙهي ٿو، هلي ٿو، وهي ٿو، پيار ڪري ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو. جيسين تائين پاڻ کي پاڻ جي گول چڪري ۾ رکي هڪ پاڻ واري پيٽاريءَ ۾ وهاري ٿو تيسين اليگزينڊر سيلڪرڪ جيان چوي ٿو:

I am the Monarch of all I Survey

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پر جڏهن مشابهت ۾ پئي ٿو ته مصيبت ۾ پنهنجو ٿو وڃي ۽ نه ته سچ پچ پاڻ ڏکي آهي پر پين جي پيٽ ۾ ڏکي آهي ۽ ڪڏهن ڪهل ڪونه ڪندو ته گهٽ ڪان هو سگهي آهي . سمجهڻ گهرجي ته فلسفن جي انتها ٿيڻي نه آهي، جتي بس بيهي Q E D لکيايون ٿا اتان نئون فلسفو شروع ٿي ٿو وڃي . فلسفي جو سلسلو بند ٿيڻ جو نه آهي . سونهن ان ۾ آهي ته فلسفي کي سيني طرفن ڏانهن سيهڙجي ۽ چئجي "this is not all."

ڪٽس جي اکين هرهڪ سونهن ۾ خوشي پسي هئي ۽ چيائين ته "اسان پاڻکي گلن جي مالها ڪٽي ڏرتي سان جڪڙي ڇڏيو آهي." جي وري ڳوتري ڪلهي تي رکي جان بنين ڏکن ڏولائن، مصيبتن ۽ بي مهرين جي ميدانن مان اجهاگه مسافري ڪندي پريان روشن مقصد ڏٺو تڏهن اها چمڪ هن لاءِ زندگي جي سونهن هئي .

حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ حصو وٺڻ جي جرئت کي ئي زندگيءَ جي سونهن چئي سگهجي ٿو. اسين پتر نه آهيون جو ڪير به ٽڏي سگهي.

باقي به اکر جلسي جي سهڙيندڙ لاءِ چوندس ته سنڌي جلسي جو نالو اردو ۾ لکيل هو . پردي تي سنڌيءَ کي سنڌهي ڪيو ويو هو پر جلسي هلندي هن ڳالهائيندڙن کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اردو شاعرن جي حوالن ڏيڻ کان روڪيو پئي .

اهو غلط ۽ اٽسهائيندڙ آهي. ڪنهن به زبان جي مهارت مان فيض ڏي پهچڻو آهي ۽ نه هرج . مان ته جيڪر خوش ٿيان ته جيتريون ٻوليون اچن اوترو مان پاڻ کي مٿي سمجهندس. ان جي معنيٰ هرگز نه آهي ته پنهنجي مادري زبان کان اسين منهن موڙي سگهنداسين . هڪ آزاد قوم ساري جهان جون جيتريون ٻوليون سکي سگهي اوترو سٺو ٿيندو . قرآن شريف ۾ به چيل آهي ته چين تائين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڃو .

# شمس العلماء دائود پوٽو

خالق ڏني هال لڳ هڪ نئين بلڊنگ ٺهي رهي آهي جا اصل ۾ سنڌ تعليم کاتي جي آفيس هئي . بندر روڊ تان لنگهندي ڏسبو هو ته اتي هڪ پڳل ٽنل ڏاڪڻ هئي . هاڻ پاڪستان ٽيڪ ڪانپوءِ اتي هڪ وڏي سرڪاري اسپتال ٿي ۽ اها پڳل ٽنل ڏاڪڻ اچا هئي. شايد ڪو ، ڪوڪو يا تختو لڳو هجيس پر ان اڻ گهڙئي ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان شمس العلماء ڊاڪٽر ايم - يو - دائود پوٽو سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر مٿي چڙهي اچي آفيس ۾ ويهندو هو .

جناب دائود پوٽي جو نالو سنڌي زبان لاءِ خاص اهميت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اعتراض ورتو هو ته ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي اکر زور ڪري وڌا پيا وڃن. سڄي مخالفت جو مقصد اهو ٻه ٿي سگهي ٿو ته هندو گهڻو ڪري فارسي ۽ عربيءَ کان واقف نه هئا ۽ مسلمانن جي لکيل ٻولي پڙهي ۽ سمجهي نه سگهندا هئا. انهين ته پلون پل پٽي آهي. مسٽر ليکراج ڪشنچند ميرچندائي ۽ مسٽر هرو سدا رنگاڻي جڏهن ٻه پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا ته سندن گفتگو فارسي ۾ هوندي هئي. ليکراج جو تخلص "عزيز" هو ۽ هن جو رسالو "ڪليات عزيز" هڪ شاهنامو آهي. گهڻيئي مسلمان هنکي غالب سان ڀيٽيندا هئا.

منهنجي هن شاعر سان چڱي ڏيٺ ويٺ هئي. حيدرآباد ۾ گر سنگت جي سامهون رهندو هو ۽ وٽس منهنجو گهڻوئي وڃڻ ٿيندو هو. مان چئي سگهان ٿو ته ليکراج جهڙو اعليٰ شاعر ٻوليءَ کان وڌيڪ شعر جي بندن ۽ وزن کي اهم سمجهندو هو.

ديوان تيرٿداس هوتچند واڌواڻيءَ ڪجهه وقت ٿيو ته وفات ڪيائين. هن جو شوق فقط شاهه سائين جي شاعريءَ سان هو. شايد دادا تيرٿداس پهريون سنڌي هو جنهن پين ٻولين جي ماهرن لاءِ شاهه سائين جي موسيقي کي آرڪيسٽرل نوٽنگ ۾ بند ڪرائي جنهنجي مدد سان يورپي موسيقي سمجهڻ ۾ ايندي آهي.

منهنجي خوش قسمتي آهي ته دادا تيرٿداس سان نه رڳو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

منهنجي ڏيڻ ويٺ هئي پر ڪجهہ مائٽي بہ هئي. ڀچاڙيءَ جي ڏينهن ۾ هن ڪيترو وقت شاهہ جي رسالي کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ گذاريا ۽ ڪيترا جدا جدا سر ڇپايا. انهن مان "سانگ آف نيڪليس"، سر ليلان چنيسر جو ترجمو آهي. نہ رڳو ترجمو ڪيو اٿس پر گڏوئي گڏ لطيفي لات جو سنيهو ٻاهرين ملڪن جي ماهرن لاءِ پيش ڪيو اٿس. ڏاڍي دل هوندي هئس تہ اهي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ڪنهن ترتيب هيٺ ٻاهرين ملڪن ۾ موڪليا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن تہ بيروني سفارتخانا خودبخود ڪجهہ ڪتاب گهرائيندا هئا. سنو ٿيندو جي ديوان تيرٿداس جا ترجما گڏ ڪري ڇپايا وڃن.

## پرسانند سيوارام

" This is an imper fect world , and it is to this very imperfection that you owe your hu - mour. '' -F.H, Ptitchard

پي. جي ووڊ هائوس لاءِ چوندا آهن تہ ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي ٻنهي طرفن ۾ پنهنجي ڪتابن پڙهندڙن کي مزاحيہ لکڻين سان ايترو تہ کلايو اٿس جو ورلي ڪنهن ٻئي کلايو هوندو. هن جو نالو وٺڻ سان ئي هنجا کلائيندڙ ڪتاب ياد اچي ويندا. اهڙي طرح جيروم ڪي جيروم بہ پنهنجي ناليسان هو. هڪ آڪاٽيءَ ۾ ڀڏائي ٿو تہ نئين شادي ڪيل انگريز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ زال کي ڪپڙا کھڙا پيل ھئا. پوليس کي شڪ پوڻ لڳو،
پھريون تہ برابر پنھنجي زال جي ڳالھہ ٿو ڪري ۽ سچ پچ
انکي وڃائي وينو آھي ۽ ٿيون تہ اھا ڇو گم ٿي ويئي.
نيٺ شام جو گم ٿيل مائي کي وڻن ۾ چاڙھي وٺي آيا.

جڏھن زال مڙس مليا تہ گڏجائي ڏسڻ وتان ھئي.
مائي چون ٿا تہ ڪڏھن ڪاوڙ سھي ڪوشش ڪري
سور پي ويندي ھئي پر ھن وقت ھوءَ وٽ جي نہ ھئي.

اھا ڪھاڻي مون ”ٿري مين آن بوميل“ ڪتاب ۾ پڙھي
آھي ۽ ڪنھن وقت اھا سچي آکاڻي بہ توھان کي پڏائيندس
پر پنجاہ سال اڳ جڏھن پرمانند ميوارام جي جوت اخبار
۾ ڪاڪي ڪوڏومل جي ڪھاڻي پڙھيم تہ انجو مزو اچا
تائين نہ ٿو وسريم.

ووڊھائوس ۽ جيروم سان ڏڪڻ اولھ ايشيا جي ڪتاب
پڙھندڙن جي شخصي طرح واقفيت تہ ٿي نٿي سگھي. پر دادا
پرمانند کي مان نہ رڳو شخصي طرح سڃاڻندو ھوس پر ويجھي
مائٽي بہ ھيم. منھنجي ماءُ جو مامون ھو. حيدرآباد جي ڪاھي
روڊ تي پوليس چونڪي جي سامھون رھندو ھو. منھنجي
واقفيت جڏھن ھن سان ٿي تہ ان وقت کان وٺي پيچاڙي تائين
اھڙوئي ڏسڻ ۾ آيو. منھنجي ملائڪن کي بہ خبر نہ ھئي
تہ دادا ڪو اھڙا چرچا ڪري سگھندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چار مقالا ڪتاب ۾ مسٽر عرساڻي چوي ٿو ته پرمانند جي سنڌي ٻوليءَ سان سوين سڌون ڪندا . پر هيءَ آڪاڻي به توهانکي ٻڌائيندس . پر ڪاڪي ڪوڏو مل جي آڪاڻي اصل ڪمال جي هئي . آڪاڻي جي ڳالهه ته خسيس آهي ته ڪاڪي ڪوڏومل ڪي پيٽ تي گهڙيال ٽنگيو هو ۽ ڏاڍي شدمد سان واڪو ڪيائين ته ننڍي ٿـهي وارن تـوڏن مان ڪجهه ٿيڻو نه آهي .

سچي آڪاڻي ڪي ” آپريشن گهڙيال “ چئي سگهجي ٿو . ڪاڪو ڪوڏومل پيٽ سان لڳل ڪٽولي وٽ ٻانهون ڪنجي تيار ٿي ويٺو . رنڌڙي ڏانهن منهن ڪري حڪم ڪيائين ته دستو موڪليو . پاڻ ٽيستائين ڪپڙو ڪٽي گهڙيال هيٺان مٿان اگهڻ لڳو . ٻه ٽي ٻار به اچي حاضر ٿيا . پاسي ۾ ٽپائي رکي هئي ، ان تي هڪ ڪوڪو ۽ دستو رکيل هو . ڪنهن گهڙيال جهليو ۽ جيستائين ڪاڪو ڪوڏومل ٽپائي ڪـٽي ڪٽ تي رکـي ۽ دروازي جي مٿان ٺهنهجو ڪم شروع ڪري ٽيستائين هڪ ننڍو ٻار ڪوڪو به هٿ ۾ جهلي ويٺو .

مونکي عجب پيو لڳي ته دادا پرمانند هي ناٽڪ ڪيئن ڏاهي ورتو چاڪاڻ ته مونکي خبر آهي ته پاڻ دستو ڪٽي ڪٽ تي ٽپائي رکي گهڙيال ٽنگڻ جي همت نه ڪري ها . بدن ۾ ٿـورو ڀـريل ، بـت ۾ لچڪ اصل نـه ; هلي تـه لٽ ڪٽي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هلي. پنجين بجي تائين رستو ڏيئي چرچ پهچي. اها ڪا سمجهه ۾ اچڻ جي ڳالهه ئي ڪانه هئي ته اها حرڪت هو ڇو پيو ڪندو. پر دادا پرمانند به اصل رامچندائي حيدرآبادي عامل هو. چڱي ڪتب مان هو ۽ پڙهيل ڳڙهيل هو ۽ جڏهن ساڌو هيرانند ١٨٨٠ ڌاري اڪيڊمي کولي ته هو پهرين ماسترن مان هڪ هو. ڪهڙي حيدرآبادي کي هو نه سڃاڻندو هوندو؟ اهو به ڪڏهن، جڏهن اوڻهين صدي جي آخر ڌاري هو جوت اخبار جو ايڊيٽر هو.

هن آڪاٽي ۾ ڇهن تي حيدرآباد عاملن جي رهڻي ڪهڻي ۽ سياه جي هڪ تصوير چٽي اٿائين ۽ ٻڌائي ٿو ته رٽائرڊ پوڙها گهر ۾ ڪيئن ويهي ڦٿاڪا ڇوڙيندا هئا.

سو ڳالهه تي ڪئيسين ته ڪاڪو ڪوڏومل در ڪي جهلي ٽپائي تي چڙهيو ته ٻارن ڏڪندڙ هٿن ۾ ڪوڪو ۽ دستو ڏنس ۽ انهي وچ ۾ ٻار ٽپائيءَ کي جهلي بيٺا. ڪاڪو به سڌو ٿي بيٺو ۽ هڪ هٿ ۾ ڪوڪو جهلي ٻئي هٿ سان دستي سان ٺڪاءُ ڪيو. پر ڳالهه جو ڳاٽو ته دستو ڪوڪي تي ڪونه لڳو پر اتان اٿلي ڪاڪي جي آڱرين تي جهڙپ ڪيائين.

هاڻي ڇا ٿا سمجهو ڪيڏانهن ويو ڪوڪو ۽ ڪيڏانهن ويو دستو. ڪاڪي ڪوڏومل کي سنڀالڻ لاءِ گهرڌياڻي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪؤن سڏاوي •

سوڳالهه ٿي ڪئيسين دادا پرمانند، ڪاڪي ڪوڙومل کي اڃا سمهاريءَ ڪونه ڇڏيو ، هو گهر جو مالڪ هو ۽ عزت جو سوال هوس• جي ڪاڪو هن جهڙي خسيس ڪم کان ڊڄي وڃي تہ پين تي حڪمراني ڪيئن هلائي • هن ساهه پٽيو ۽ گهڙيال ڏانهن وري نهاريائين • ڪٽ کي سوري ۽ مٿس سٽو ٿي بيٺو ، هاڻ لڏيو ڪونہ ٿي• ڪوڪو ۽ دستو ڪٽي گهڙيال کي ٽنگڻ لاءِ تيار ٿي ويو ، دستو ڪٽي جڏهن ڪوڪيءَ کي ٺوڪيائين تہ ڪجهہ ڪوڪي تي، ڪجهہ پيٽ تي ۽ ڪجهہ هٿ تي !

آڪاٽي پڙهي ڏسو تہ ڪيئن هن ڪلاڪ ۾ گهر ۾ ماندائو مچائي ڏنو ۽ رنڌڻي ۾ رولو وڌو• ڪيئن پيٽ تي هٿي هٿي ڏڪ لڳا ۽ نيٺ گهڙيال ڪٽي ڪوڪي ۾ لڙڪاياڻين• پرئي مڙس جا هٿ پئي ڏڪيا ۽ گهڙيال جو خانچو مڙيئي ڪوڪي ۾ پيل هو• گهڙيال کي هلائڻ لاءِ ان کي سٽو ڪري ٽنگڻو هو• مان جي چوان تہ فوٽ ڪٽيون آيون، ليڪن پيئون ۽ نيٺ ڪاڪي ڪوڙي مل رائيٽ اينگل تي گهڙيال کي چوري پوري جڳهہ تي لڳايو، پر گهڙيال پورو ڪم ڏنو يا نہ ڏنو ، اها خبر خدا کي •

جڏهن بہ حيدرآباد ۾ هوس تہ دادا وٽ وڃڻ ٿيندو هو •

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دادا پنھنجين ڊڪشنرين لاءِ مشهور آهي . مان جڏهن اٽي پهچندو هوس تہ ٽپائي سوڙهي وردس ميڪنگ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. هڪ دفعي تہ مان بہ ۹ اکر ناهي ويس پر پوءِ هن اکر پيچڻ شروع ڪيا ۽ منهنجو ڪم ڇڏيو پيو هو .

اهي ڏينهن هئا جڏهن هڪ اسڪولي ڇوڪر وٽس ايندو هو ۽ بعد ۾ ڪرستان ٿيو . هو اهوئي هو جنهنجو نالو فادر ڪوٽواٽي توهان ٻڌو هوندو تہ ڪراچي جي ڪئٿيڊرال ۾ وڏو پادري هو. اڄڪلهہ ڪٿي آهي انجو پتو نہ آهي پر دادا پنهنجو گادي نشين ڪري ويو هوس ۽ پاڪستان ٿيڻ تائين جوت جو ايڊيٽر رهيو . هن وٽان جوت جا فائيل شايد ملي سگهن ٿا.

## ڪجهہ پاڻ بابت

وفا سنڌي ميرپور ماٿيلي مان لکيتو تہ توهان جيڪي سنڌي صحافت تورڙي پارائي ادب لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون آهن ان لاءِ اوهان جس لهڻو. اچا بہ منهنجي ساراهہ ۾ ڪجهہ وڌيڪ لکيو اٿس، جنهن کي شايع ڪرڻ مان مناسب نہ ٿو سمجهان . پنجيتاليهہ يا پنجاهہ سال ٿي ويا جو صحافت سان واسطو پيو. انگريزيءَ ۾ چوندا آهن”جرنلزم از لاسٽ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ريفيوج آف دي سڪائونڊرس.“ اهڙيءَ طرح جنهنکي دکو ڪم ڪار نہ هجي ۽ وڃڻو پئجي پوري تنهن لاءِ ويٺي ڪان وڳندي پلي.

ڪراچيءَ مان ماسٽري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ٿڪن ۾ پيس. جتي ويس ”نو وٽڪنسي“ جو حساب هو. پي- ڊبليو - ڊيءَ ۾ ورڪ چارج ڪلارڪي ڪڏهن ڪڏهن ملي ويندي هئي پر جي ڪنهن وقت نوٽيس مليو تہ حيدرآباد پهچي ويندو هوس. هي زمانو ٽئين ڏهاڪي جو هو. سلاوٽن جي پاڙي لڳو لڳ ديش متر سنڌي اخبار جو دفتر هو. ان اخبار جو ايڊيٽر مسٽر کيمچند ڊيتارام واسواڻي چاڙهو سچاٽو هو. بيروزگاريءَ ۾ ان جي دفتر ۾ گذارو ٿيندو هو ۽ شام جو هڪ ڪلدارڪيسي ۾ وجهي پاهر نڪربو هو. هاڻ اهو آهي منهنجو صحافت سان سڳ.

ادب سان سچاٽپ ڪهڙي طرح ٿي ان بابت هن ڪان اڳ هن ڪالم ۾ ڪجهہ لکيو اٿم شايد ائين چئي ڏيان تہ بيروزگاريءَ ۾ اهوئي سهارو رهيم. نندي هوندي امان ٻڌايو هو تہ سڀ خزانا ختم ٿي ويندا پر تعليم جو خزانو ڪڏهن بہ وڃڻ جو ناهي. هيرآباد ۾ گرسنگت ڪان ٿورو پري رهندو هوس. حيدرآباد واري راما بوڪ ڊيپو جو مالڪ رام سدارنگاڻي منهنجو پاڙيسري هو. ڪتابن جو دڪان انهن ڏينهن ۾ يعني ١٩٣٢ ۾ چالو ڪيو هئائين. تنهن ڪانپوءِ تہ پبلشر

به تي پيو. ٻڌا ڪتاب به خريد ڪندو هو ۽ پنهنجا به ڪتاب ڇپائيندو هو. لکڻ جي چوش اتان پيس. مئٽرڪ لاءِ سنڌي ڪتابن جي تشريح جا ڪتاب هن لاءِ مون لکيا. مان پڙهيل گهٽو آهيان اهو به اڳيئي هن ڪالم ۾ شد مد سان اعلان ڪيو اٿم. منهنجا لکيل ٢٥ مضمون، ٻهرين ٻهرين رام مڪ مضمونن جي ڪتاب ۾ داخل ڪيا جو ڪتاب اڃا تائين مون وٽ موجود آهي. ان سان گڏ هڪ ڪلدار واري صحافت به جاري رهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر سنڌ ۾ وڃي پي-ڊبليو-ڊي کي به ڏونگو هٿڻو پوندو هو. ريلوائي اسٽيشن جي ڪوارٽرن ۾ ڏڪاڻو ڪندو هوس. اها به هن ڪالم پڙهندڙن کي خبر هوندي ته کهڙين کهڙين اسٽيشنن تي گذر ڪيو اٿم ۽ ڇو ڪيو اٿم.

قسمت وري ڪراچي آندو. بابا هاڻ ريلوائيءَ مان رٽائر ڪيو هو ۽ مان ٻهريون دفعو پيءُ ساڻ گڏ ڪنهن شهر ۾ ٽاڻو ڪري ويٺس. هيستائين ڪڏهن ماسي وٽ ڪڏهن ناني وٽ يا الله جي آسري گذر تي ويندو هو. ڪراچيءَ ۾ ته نوڪري گهرجي. چوندا آهن ته هجيئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو. سو به مون جهڙو ماڻهو جنهن کي هڪ هنڌ ٽڪاءُ ايندوئي ڪونه.

قصو ڪوتاهه سنڌ آبزرور انگريزي اخبار ۾ هڪ معمولي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پروف ريڊري ملي ويئي ۽ انجي پوءِ جي ڳالهين جا گهيٽي ٺي ڳوٺ پڌا اٿم ۽ اهي بيان ڪراچيءَ جي مختلف اخبارن، مخزنن ۽ هلال پاڪستان جي ڪالمن ۾ پکڙيا پيا آهن. باقي سنڌي ادب متعلق اينرو چوندس تہ پاڪستان ٿيڻ کان پهرين ڪابہ اخبار توڙي رسالي وارو ڪراچي ۾ نہ هو جو مونکي نہ سڃاڻيندو هو. رتن ساهتيہ، سندر ساهتيہ، زندگي جا ڇپايل رسالا تبصري لاءِ نظر مان گذرندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ لکي بہ وٺندو هوس.

پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ ۲۵ سالن لاءِ جيسين سنڌيءَ جو نئون دور شروع ٿيو تيسين سنڌي ۾ نہ لکيم نہ پڙهيم. هلال پاڪستان ۾ پهريون دفعو سنڌي ۾ هٿ هلايم ۽ خداوند ڪريم جي برڪتن سان اڃا هلي پيو.

ابرام ڪوئلي چوي ٿو تہ پنهنجي ڳالھ ڪرڻ کان وڻءُ ٿو وڃان پر پنهنجي ساراه ڪرڻ کان بہ ڊڃان ٿو. ان باري ۾ مان چوندس تہ هن ڪالم جي مضمونن بابت ڪيئي همت افزائي جا پيغام پهتل اٿم. ان ڪري الله سائين جو نالو وٺي هن ڪالم جا ڪيئي مضمون ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ورتا اٿم.

ننڍي عمر ۾ گهٽو ڪري لکڻ جو لڳاءُ شعر سان ٿئي ٿو. اهو پهرين پهرين منهنجو شغل انگريزيءَ زبان ۾ رهيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميٽرڪ ڪلاس (١٩٢٨ع) ۾ ماستر آتو اچاسنگ آڏواڻي ۽ اي - بي - آڏواڻي انگريزي ادب جا ماهر هئا. پالگريو جي گولڊن ٽريزري مان وڏن وڏن شاعرن جي واقفيت انهن استادن ڪرائي. شعر ته مان ڪونه چوندو هوس پر ڪڏهن ڪڏهن لمرڪون لکي ويندو هوس. انهي هوندي به شعر جي تشريح اجا ياد اٿم جا اسڪول مان پرائي هيم.

چوندا هئا ورڊسورٿ قدرت جي نظارن کي اهڙي طرح ڏسندو هو جو ڄڻ اها ساڻس گفتگو ڪري رهي آهي. قدرت جي نظارن کي ڏسڻ، کليل ميدانن جي هوائن جي چرپر ۾ سبزين سان روح رهاڻ ڪرڻ، آسمان ۾ فطرت الاهي جي فڪر ۾ پڌڻ ۽ بيحد ۽ بيشمار درياهي ۽ ساموندي ڪماليتن کي ذهن ۾ آڻڻ سان ٿي اندر اٿلي ٿو پوي ۽ شاعر انسان ذات لاءِ هڪ سنيهو ٿو پيش ڪري. گهڻيئي اهڙا مثال آهن ته ڪنهن نه ڪنهن ذات لاءِ انسان ڪشالا ڪڍيا آهن. هن بندي گنهگار ڪلفٽن تي سمنڊ جي ڪناري تي چڪر لڳائي آيا ساهه کڻي هوائن جو آسرو ورتو هو پر ڏٺم ته مون سان ته ڪا گفتگو ڪونه ٿي ٿئي. مان پڌوءَ جو پڌو واپس موٽي گهر آيس.

تڏهن به ڪجهه ڪڏ ڪڏندو هوم ۽ لکي ويندو هوس. منهنجا چار بيت ليڊر اخبار ۾ ڇپيا آهن جنهن مان هڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيت مون وٽ سلامت آهي. سنڌي ۾ آسڪر وائلڊ جو "ڊورين گري" ترجمو ڪيم جنهن بابت ۽ ٻين ننڍڙن افسانن بابت ١٩٧٤ع ڌاري هلال پاڪستان ۾ پنهنجون يادگيريون لکيون اٿم.

"جيڪي ڏنو مون" ڪالم جا مضمون مان آهيان. جيڪي آهيان سوئي آهيان. پنهنجي باري ۾ جيڪي به چوڻو اٿم يا جيڪر ٻين کان ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريو، اهو سڀ هي منهنجا مضمون آهن. منهنجو سارو غور، فڪر، زماني جون گردشون، ماضي ۽ حال جون تبديليون، مشاهدو ۽ سڀ ڪان وڌيڪ منهنجو مطالعو ۽ منهنجي سرسري نظر هنن مضمونن ۾ سمايل آهي. ان کان وڌيڪ مان ڪجهه نه آهيان.

فرانس جي مشهور مضمون نگار مانتين بابت چوندا آهن ته هو مضموني فن جو ابو آهي. هن جي آتم ڪٿا هن جي مضمونن ۾ پکڙي پيئي آهي. منهنجي به ڪا آتم ڪٿا لکيل نه آهي، پر ڏسان ٿو ته اها منهنجي آتم ڪٿا هنن مضمونن ۾ پکڙي پئي آهي. مان ڪٿي ڄائس، ڪڏهن ڄائس، منهنجو پتا صاحب ڪير هو، ڇا هو، يا مان ڇا پڙهيل آهيان ۽ هيل تائين ڇا ڇا ڪيو اٿم، ان وارتا جي ٿوهان کي ڪٿي نه ڪٿي هنن مضمونن ۾ جهلڪ ملندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"جيڪي ڏنو مون" مضمون توهان سان فقط روح رهاڻ آهن. اهي ڪنهن به انٽروڊڪشن جا محتاج نہ آهن. چارلس لئمب به اهڙي طرز ۾ چيو آهي تہ منهنجا مضمون ديپاچو آهن ۽ انهن کان وڌيڪ ڪجهہ نہ. ديپاچو جي معنيٰ آهي پڙهندڙن سان ڳالهہ ٻولهہ. منهنجا مضمون بہ ڳالهہ ۾ ڳالهہ آهن.

جڏهن هلال پاڪستان جي ايڊيٽر شيخ عبدالرحيم صاحب مون کي "جيڪي ڏنو مون" ڪالم لکڻ جي باري ۾ چيو تہ مان خيال ۾ پئجي نہ ويس. اڳ ۾ بہ يادگيريون لکندي، مضمونن جو اظهار فقط منهنجي حافظي ۽ اکين ڏٺل واقعن بابت هو. "جيڪي ڏنو مون" جي لاءِ انگريزي ۾ فقط هڪ اکر "اسپيڪٽيٽر" ٿي سگهي ٿو ۽ انگريزيءَ ۾ ائڊيسن جي اسپيڪٽيٽر کان ڪير اڻواقف هوندو؟ ننڍي هوندي انهي ائڊيسن جا مضمون پڙهيا اٿم ۽ هاڻ ڏاڍو خوش ٿيس.

ننڍي هوندي پين جا مضمون پڙهي بہ ڏاڍو خوش ٿيندو هوس دل ئي دل ۾ رب العالمين کان پيو ڪجهہ نہ گهرندو هوس، فقط ان سوچ ۾ رهيس تہ مان ڪڏهن لکي سگهندس. بس لکان وينو. ائين ڪونہ چوندس تہ خداوند ڪريم کان پيو ڪجهہ گهران ها.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان هٽزلٽ جي مضمونن کي Walky Talky واڪي ٽاڪي چوندو آهيان. هلندو وڃي، ڳالهائيندو وڃي، ڪٿي ڪٿي ڪو ٽوٽڪو، ڪو شعر، ڪو مشاهدو، ڪا ڳالهه ڪا حافظي ۽ مطالعي جي جهلڪ، جوڙيندو، ڳاهيندو، مضمون تيار ڪيو وٺي. رابرٽ سٽيونسن چوي ٿو ته جنهن انسان هٽزلٽ جو "اڪيلو سفر" مضمون نه پڙهيو آهي تنهن کان ڏل وصول ڪرڻ گهرجي.

مان به پنهنجي مضمونن کي واڪي ٽاڪي چوندس. جيڪڏهن چوٿو اٺم ته هي مضمون پنهنجي سٺين ڏهاڪي واري عمر جي آخر ۾ لکي رهيو آهيان ته اهو به چئي ڏيندس ته گوئٽي ٩٠ ورهين جي ڄمار ۾ فائوسٽ لکيو هو. شدَ عمر تي آهي ۽ نه فلسفي تي.

# اديب

علائقائي طرح سنڌ ۾ اديبن جي ڪوٽ ڪونهي ۽ سڀڪنهن کي پنهنجو مقام آهي. لياقتن جي لحاظ کان ڪنهن کي مقرر حدن اندر بند رکي نٿو سگهجي. اهڙي طرح تعليم، عمر، چاهه، تربيت ۽ اتساهه کي به خيال ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رکي ڏسبو تہ ڪي حلقا تـي سگهن ٿا جن جو ذهـن ۽ آزمودو ڪجهہ پنهنجو آهي.

اهڙي طرح ائين چئي سگهبو تہ اسان جا ڪيئي اديب آهن جن جي جفاڪشي، تعليم ۽ آزمودي مان اسين فائـدو وٺي سگهون ٿا ۽ جن جون ڪاوشون اسان جي اڳيان ڪي راهـون کولين ٿيون ۽ ڪي سنگ ميل مقرر ڪن ٿيون. اهڙن اديبن کي پنهنجي حيثيت آهـي جـن مان اسين گهڻو سکي سگهون ٿا. ان ڪري ادب جي شائقينن ڪـي دل ۽ دماغ سدائين کليل رکڻ گهرجي.

هن وقت ينگ رائٽرس جي ٺئي واري گلڊ جي نگراني هيٺ سجاول پبليڪيشن جـو شايـع ڪيل ڪتاب ”ڏات جي ڏيهہ مان“ منهنجي اڳيان آهي. اصل ۾ ان ڪي ڪتاب چئي نٿـو سگهجي ڇاڪاڻ تہ ان جـو ڏيک مخزن جهڙو آهي. نوجوانن جا ليک ڪهاڻيون ۽ شعر پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ اسان جـي سباجهڙي سنڌ جـي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سنڌي ٻولي کي سڌارڻ ۽ سهيڙڻ لاءِ گهڻيئي مٿا مونا هنيا پيا وڃن. مان ڪجهہ وڌيڪ چـوان ان کان اڳ تبصري لاءِ آيل ڪتاب ۾ سرويچ سجاولي جا ڏنل اکر دهرائيندس.

”منهنجي دعا آهي تہ خدا ڪري هو (نوجوان ليکڪ) وڌندا رهن، ادب جي باري ۾ لکن، رات ڏينهن مطالعو ڪن

مضمون پڙهن، مضمون لکن، شعر پڙهن ۽ شعر لکن، ڪهاڻيون پڙهن، مطلب تہ پنهنجو مطالعو جاري رکن، ادب لاءِ تمام سٺي شيءِ آهي. ادب توهان کي عظيم بنائيندو. ادب سان توهان چاهہ رکو. مون کي خوشي ٿيندي تہ اسان جي شهر ۽ ضلع جا نوجوان ڀائر ۽ ڀينرون ادب جي خدمت ۾ حصو وٺن ۽ پنهنجا نالا روشن ڪن."

پنهنجي ادب کي سونهري بنائڻ لاءِ مطالعي جي ضرورت آهي. ادب کي پائيدار بنائڻ لاءِ تعليم حاصل ڪري ٻولي تي عبور حاصل ڪرڻو آهي. ادب کي ڀين ادبن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بيهارڻ لاءِ محنت جي ضرورت آهي جنهن جي وسيلي لکڻ جي فن کان واقف ٿي سگهجي ٿو. اسان کي هڪ هڪ قدم کڻي، وک وڌائي ۽ دل ۾ اتساهہ رکي منزل مقصد تي پهچڻو آهي. ڀين سان ريس نہ ڪرڻي آهي پر ڏسڻ ضروري آهي تہ ڪيتري قدر مهارت حاصل ڪئي اٿئون ۽ ڪيتري قدر اسان جا وڏڙا ڪشالن ۽ مشڪلاتن جي ميدانن کي لتاڙي اسان جي لاءِ تحفا پيش ڪري ويا آهن ۽ انهن جي نشانن، سنگ ميلن ۽ خاڪن کي ڪهڙي طرح پنهنجي اڳيان رکي وک وڌائڻ گهرجي.

نوجوان اديب ان ڳالهہ کان خبردار رهن تہ پنهنجي نالي روشن ڪرڻ کان وڌيڪ پنهنجي ادب کي روشن ڪرڻ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دل ۾ مراد رکن. اسين هن وقت هڪ ننڍڙي محدود دائري ۾ حياتي بسر ڪري نه رهيا آهيون. هن وقت دنيا ڪسي هڪ ننڍڙو مڱ بال ڪري ڪونين. هڪ آواز هت ٿئي ٿو ته پڙاڏو دنيا تائين پهچي وڃي ٿو. ادب اسان جي لياقتن جو هڪ دستاويز آهي جنهن جي وسيلي دنيا اسان کي ڏسي سگهي ٿي ته آيا اسين ان ماهيت واري تهذيب ۽ تمدن سان واسطو رکون ٿا يا ڪانئو ٿي مور جا کنڀ لڳائي گهمي رهيا آهيون.

”ڏات جي ڏيهه مان“ هڪ تمام وڏو نالو آهي. ڏيهه جي اصلي معنيٰ اسان جو ملڪ آهي پر روايتي طرح اسان ان کي پنهنجي سڀاجهڙي ۽ سنڌ سان ئي لڳائي سگهون ٿا. اسان جي سنڌ ادب جي ميدان ۾ تمام وڏيون ڀرانگهون ڀري چڪي آهي ۽ اڃا ڀريندي. اسان جا سڄاولي نوجوان به ان ڏس ۾ وڏيون ڀرانگهون ڀري رهيا آهن. هنن کي فقط ڪامياب ٿيڻ لاءِ ابهرو ٿيڻ ۽ اڏڪن ۽ اوچتين مشڪلاتن کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ، مسافري لاءِ ڪافي سامان ۽ اوزارن کي هٿ ڪرڻ جي اون کان بيخبر نه ٿيڻ جڳائي.

سڀني نوجوان ادبي ڪاريگرن کي دل سان هنڊائڻ گهرجي ته تاج محل هڪ ڏينهن ۾ نه ٺهيو هو. تاج محل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو تصور ڪنهن ڪيو؟ جنهن بہ ڪيو تہ اها سڀ خوبصورتي ان جي آهي. اسين بہ ننڍڙا ننڍڙا تاج محل ڏاهينداسين پر پرڪڻ واريون اکيون توهان ڪي ڀڏائينديون تہ اسان گهٽ ۾ گهٽ ان جي فقط ٻيهڪ بہ رکي سگهيا آهيون يا نہ. ان ڪري ياد ڪرڻ گهرجي تہ اسان ڪي اسان جا دوست ائين نہ چون تہ ”ڪئي لڌي هٿ ڳڙي، ڇي مان بہ پساري.“ جڏهن تاج محل وانگر اسين ادب جو ناءُو وڻون تہ دل ۾ اها هرڪر ٿيڻ لازم آهي تہ اسين ادب ڇٿون چا ڪي تا.

ادب اسان جي مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي. ان حد ڪان هيٺ اسين اچا ادب تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهيون. ان منزل تي ڪڏهن پهچنداسين؟ جيسين پهچون تيسين غافل نہ رهون. اکيون کوليون، دل ۾ سانديون، دل دماغ کي دائمي طرح ڪليل رکون ۽ جڏهن ليڪا پائڻ شروع ڪريون تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ڪي ڏيکارڻ جهڙا هجون. محنت ۽ تياريءَ ڪانسواءِ امتحان ۾ ويهي نہ سگهبو. ليک شايع ڪرائڻ امتحان ڪان گهٽ نہ آهي. امتحان بہ خاص درجن ۽ ڊگرين جو ٿيندو آهي ۽ ان امتحان ۾ ڊگرين وانگر اسان جي ملڪ ۾ ڪيئي ادبي ڪتاب ۽ مخزنون آهن جن لاءِ عوام چئي سگهندو تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انهن کي کھڙي سند ڏيئي سگھجي ٿي.

ادب جي ميدان ۾ پير رکڻ کان اڳ خيالن جي ڏي وٺ، بحث مباحثي ۽ آس پاس مان حاصل ڪيل آزمودن جي اپٽار جي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ طالب علم جيان پڙهون ۽ ڪڙهون، همت ڪري هڪ اکر واري موضوع تي پنهنجن خيالن ۽ آزمودن وارن اکرن جي وهڪ جي اوت ڪريون. وري پاڻ ۾ پهون ۽ محدود دائرن ۾ يعني اسڪولن ۾ ۽ ڪاليجن ۾ پنهنجيون تصنيفون پنهنجن استادن جي نگرانيءَ هيٺ ننڍين مخزنن ۾ شايع ڪريون ۽ پاڻ ۾ پنهنجي سطح تي چٽاڀيٽي ڪريون ۽ وڏن اديبن کي ڏيکاريون ته پنهنجي مٽيءَ زمين جي ادب ناهڻ ۾ اسين هٿ ونڊايون پيا.

ڪراچيءَ جي ڊي - جي- سنڌ ڪاليج جي مسلنيءَ جو مثال ڏينديس. انهي ڇهين ڇهين مهيني نڪرندڙ مخزن ۾ اوائل کان ليکڪن ۽ اديبن جي پيڙهه پڌبي هئي. باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئيءَ جي شاعريءَ جي شروعات ڪاليج مان ٿي. هن ان وقت کان ئي بي - اي ڪلاس ۾ هوندي انهي مسلنيءَ ۾ برسات تي هڪ مزي وارو شعر لکيو هو ۽ ان وقت جي سنڌ آبزرور اخبار جي مدراسي ايڊيٽر مسٽر پنيا جي پاڻيءَ ۾ پسيل ڏوتي جي لڏڻ ۽ اڏامڻ جو بيان ڪيو هو.

ننڍي ڏهيءَ وارن لاءِ تعليم خاص اوليت رکي ٿي جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان ئـي اهليت، اصليت ۽ اهميت حاصل ڪري سگهجي ٿي. گاڏيءَ کـي ڇڪڻ لاءِ گهوڙو اڳيان ھڏبو آهـي ۽ گهوڙي کي ڇڪڻ لاءِ گاڏي ان جي اڳيان نہ ھڏبي آهي. تعليم ۽ ادب جو ناتو يعني مائٽي مان ڇا کي ٿو چوان ان بابت هڪ آکاڻي ھڏائيندس جا نٿين زندگي ۾ ٤ يا ٥ سال ٿيا تہ ڇپي هئي. مرحوم عبدالله چنا پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ ھڏايو آهي تہ هن بيگم چنا سان ڪهڙي طرح شادي ڪئي جا ان وقت هڪ اسڪول ۾ ماستياڻي هئي. هي هڪ ادبي ڪاوش آهي تـہ ڪهڙي طرح ٻن اديبن جـي گڏجڻ سان ادب پيدا ٿئي ٿو.

شادي ڪانپوءِ بيگم چنا ”مارئي“ نالي هڪ ماهوار مخزن جـي ايڊيـٽـر هئي. هنن جـي تعليم، مشاهـدي ۽ ڪوڄنا اهو ڪوھہ ڳولي ڪڍيو جتان مارئـي پاڻي ڀـري رهـي هئي ۽ ان تڙ تان عمر هن کي اٺ تي چاڙهي وڃي قيد ۾ وڌو. انهي ڪوھہ تـي ڊسٽرڪٽ بـورڊ پاران هڪ بورڊ ٻـہ هنيو ويو. مون کي وڌيڪ خبر نـہ آهي تـہ ڇا ٿيو پـر عبدالله چنا جي ڪوڄنا تعليم کانسواءِ ناممڪن هئي.

مون کي هڪ ٻي ڳالھہ بہ من تي تري آئـي آهـي. اسڪاٽلئنڊ جي اديب سر والٽر اسڪاٽ جا تاريخي ناول سڄي دنيا ۾ مشهور آهن. هو اسان کـي ھڏائي ٿو تـہ ڪهڙيءَ

طرح ننڍي هوندي کان وٺي هن کي پنهنجي ملڪ اسڪاٽلنڊ جي تاريخي واقعن سان دلچسپي ٿي ويئي هئي. هن جي ملڪ ۾ آڳاٽن بادشاهن جون ڪوڙ لوڪ ڪٿائون هلنديون هيون ۽ انهن ڏينهن جي بادشاهن جا قلعا ۽ محلات ڀڳل ٽٽل حالت ۾ اڃا به ملڪ جي مختلف حصن ۾ پکڙيا پيا آهن.

والٽر اسڪاٽ چوي ٿو ته مان جڏهن به سير سفر تي نڪرندو هوس ته آڳاٽي زماني جون تاريخي جڳهيون ڏسي خوش ٿيندو هوس جتي انهن ڏينهن ۾ اهم واقعا ٿي گذريا هئا. انهن محلاتن جي چوطرف نظارن ۽ ساوڪن کي ڏسي ايترو خوش ڪونه ٿيندو هوس جيترو انهن ڪريل، ڀڳل ٽٽل، درن درين ڪانسواءِ پٿرن جي پراڻين اڏاوتن کي ڏسي ٿيندو هوس.

هڪ ڳالهه ڪندس ته جڏهن به ڪهنن زمانن جا ڀڳل ٽٽل قلعا يا محلات ڏسندو هوس يا تاريخي جنگين جا ميدان ڏسندو هوس ته اکيون کولي ڏسندو هوس ۽ گڏ گڏ ٿيندو هوس. انهن قلعن ۽ ميدانن تي تصور ۾ جنگي جوڌن جون قطارون ناهي بهاريندو هوس ۽ انهن کي انهيءَ وقت جون پوشاڪون پهرائي هٿن ۾ هٿيار ڏيندو هوس ۽ پڙهندڙن کي انهن قصن سان وندرائيندو هوس.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪ هڪ واقعي جي اکين ڏٺي احوال جو بيان ڪرڻ لاءِ حافظي جي گهرج آهي جنهن لاءِ مون ڇا ڇا نہ ڪيو هوندو. پيئنٽنگ ۾ تي داٿيون وڏم پر ان جي پورائيءَ لاءِ حافظي ڪان ڪم ورتم ۽ انهن وارداتن وارن هنڌن جون دل ۾ آڪاٿيون ناهيندو ويس.

جيئن شطرنج جي راند ڪبي آهي تيئن مون بہ بادشاہ، وزير، راڻيون، شهزادا، هٿياربند جوڌا پنهنجن پنهنجن جاين تي وهاريا، محلات سينگاريا، درن دروازن تي پردا لڳايا ۽ تہ خانن مان جاسوسن ۽ باغين جا هوبهو ڪارناما لکي ورتا.

جيڪي بہ سر والٽر اسڪاٽ چئي ٿو، اهو اڄ بہ هن جا ناول پڙهندڙ چون ٿا ۽ انهن محلاتن ۽ قلعن کي ڏسي سمجهن پيا تہ ڪردار ڪهڙي طرح اتي چريا پرڻا پئي. اهي پيگل پاندن جهڙا محلات جن کي فقط نالا هٿا سي زنده تي پيا.

مان پنهنجن نوجوان دوستن کي مبارڪون ٿو ڏيان جن سنڌ جي ادب جي سهيڙڻ جي شروعات ڪئي آهي ۽

هٿ ڪي هلائي دماغي لوچ پوچ ڪئي اٿن.

پنڌ گهڻو پراهون آهي. اسين فقط پانڌيئڙا آهيون. اچو انهن اديبن کي سلام ڪريون جن سچي حياتي اسان جي سڀاجهڙي سنڌ جي ساهتيہ يعني ادب جي گهڙڻ پرڻ ۾ گذاري ڇڏي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٥٢ | ١٠ | واقفيت هئي | واقفيت هئي. |
| | | چئنسريءَ ۾. | چئنسريءَ ۾ |
| ٨٠ | ٤ | مستو | مستر |
| ١٣٤ | ٥ | تنهنجن | تنهنجي |
| ١٤٥ | ٣ | ڪانهي هئي | ڪانهي |

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

## ٧٠ لک رهواسين کي ١٢ مختلف خدمتون مهيا ڪري ٿي

(١) صفائي. (٢) ڪني پاڻيءَ جو نيڪال. (٣) پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪرڻ. (٤) طبي ۽ ويم گهر جون خدمتون. (٥) ابتدائي تعليم. (٦) تفريحي خدمتون (باغيچا، ميدان، مڇين جو نمائش گهر، جانورن جو باغ، آرٽ گئلري). (٧) لائبريريون، (٨) باهه وسائڻ جون خدمتون. (٩) وڏين بيمارين کان اڳواٽ بچاءُ جا اپاءُ. (١٠) ملاوٽ جي خلاف اپاءَ وٺڻ. (١١) روڊ ۽ فوٽپاٿ مهيا ڪرڻ ۽ (١٢) ٽريفڪ سگنل ۽ گهٽين جي روشني مهيا ڪرڻ.

انهن خدمتن کي وسيع تر بنائڻ لاءِ ڪي-ايم-سي جي مدد ڪريو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيِن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پڄاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهه جي ٻئي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا يارَ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book